169

UTTAM S. NAGPAL
4, HIRA MOTI CO-OP. HSG. SOC.
Near Prabhat Cinema
SINDHUNAGAR-421 004.

Kan
K-2(48)
Chunilal T. Bhatia.
25/11/73.

# پريم، شانتي ۽ سڦلتا
# جي پراپتي

UTTAM S. NAGPAL
4. HIRA MOTI CO-OP. HSG. SOC.
Near Prabhat Cinema
SINDHUNAGAR-421 004.
न्यू बुक हाउस
सम्राट होटेल के सामने
उल्हासनगर - ३.
000102

ليکڪ:
پرنسيپال ٻي. وي. ڪنل،
ايم. اي.، ايل ايل. بي (بمبئي)
ديو سماج ڪاليج فار وومن،
فيروزپور سٽي (پنجاب).

سهڪار:
سشيل جي. روچلاڻي، ايم. اي.

١٩٧٢

ديو سماج، موگا
پنجاب (انڊيا)

لیکھک

109

UTTAM S. NAGPAL
4, H.KA ...CO-OP. ... SOC.
Near Prabhat Cinema
SINDHUNAGAR-421 004.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| | **پريم جا قسم** | صفحو |
| ١. | ماءُ جو پيار | ١ |
| ٢. | پتيءَ پتنيءَ جو پيار | ٩ |
| ٣. | سالوڪ پيار | ٢٢ |
| ٤. | سالوڪ پيار ۽ نيچ پيار | ٢٩ |
| ٥. | مهاپرشن لاءِ سالوڪ پيار | ٣٦ |
| ٦. | سريشٽ پيار | ٤٣ |
| | **من جي شانتيءَ جي ناس ٿيڻ جا ڪارڻ** | |
| ٧. | آتما جي اُنتي درشٽي | ٤٩ |
| ٨. | اخلاقي غلامي | ٥٦ |
| ٩. | اجايون اميدون | ٦٣ |
| ١٠. | نيچ گهرٽائون | ٦٨ |
| | **ڪاروبار ۾ سڦلتا جا نيم** | |
| ١١. | پنهنجون لياقتون وڌائڻ | ٧٧ |
| ١٢. | پاڻ کي ڪمائتو بڻائڻ | ٨٦ |
| ١٣. | پنهنجي چرتر جو سڌار | ٩٥ |

PREM SHANTI AIN SAPHALTA JI PRAPTI
(Love, Peace and Success)
by: Principal Parsram Verhomal Kanal
Re. 1.50
First Edition in Sindhi: April 1968
Second Edition in Sindhi: 1972
© DEV SAMAJ, MOGA (Punjab).

پرڪاشڪ:
شريمان بلديوسنگهه ايم. اي.،
انچارج ساهتيه وڀاڳ،
ديو سماج، موگا (پنجاب)

قيمت: ڏيڍ رپيو.

سنڌيءَ ۾ پهريون ڇاپو اپريل ١٩٦٨
سنڌيءَ ۾ ٻيو ڇاپو - ١٩٧٢
(سڀ حق ۽ واسطا ديو سماج جا قائم)

ڇپيندڙ:
شري راڌاڪرشن پرڀداس
امرڀارت پرنٽنگ پريس،
هاٿي ڀاٽا، اجمير.

ڪتاب ملڻ جو پتو:-
١. هندستان ڪتاب گهر، ١٩-٢١، حمام اسٽريٽ، فورٽ، بمبئي-١
٢. ايل. ڪشنچند اينڊ سنس، ڪلياڻ ڪئمپ نمبر ٢.
٣. ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل، نانڪ ڪا بيڙا، اجمير.
٤. بوڪ لورس ڪارنر، جارمحل، ڌوٻي تلاءُ، بمبئي-٢.
٥. ماستر ٺهلرام ديوسماجي، ماڌوگنج چونڪ، لشڪر، گواليار.
٦. سالوڪ ساهتيه ڪيندر، 570 ڊبل اسٽوري،
نيو راجيندر نگر، نئي دهلي ٦٠

# مهاڳ

انسان ۾ اخلاقي جاڳرتي ۽ اوچ ڀاون جو وڪاس ئي هن جا دکدائي اميل مٽائي سگهن ٿا ۽ هن جي زندگيءَ ۾ اوچ ميل ۽ اوچ شانتي آڻي سگهن ٿا. ديو سماج جو اهو خاص اپديش آهي ته جيستائين انسان ذات پاڻ ۾ اوچ ڀاو وڪست نه ڪندي تيستائين هن جو ڀوشيه اهڙوئي اميل ۽ دک سان ڀريل رهندو جهڙو اڄ به آهي. نيچ شڪتين جي هوندي انسان پنهنجو پاڻ کي دکي ۽ ناس ڪرڻ کان بچائي نٿو سگهي.

سالوڪ جيون ساهتيه جي اها وڏي ڪوشش آهي ته انسان کي اخلاقي اوچائي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري. هي ساهت ٻالڪن کي اوچ ڀاون جي سندرتا ڏيکاري ڪري انهن کي اهڙي جيون لاءِ اُتساهت ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هي ساهت انسان کي پنهنجي نيچ ڀاون جي ڦاهت ڏيکاري انهن کان آزاد ڪرڻ جو يتن ٿو ڪري.

سالوڪ جيون ساهت حقيقت ۾ انهن اخلاقي سکيائن جو مجموعو آهي جيڪي اڪثر ديو سماج جي طرفان هلندڙ اسڪولن، ڪاليجن ۽ ستسنگن ۾ ڏنيون وينديون آهن. ديو سماج جي هن ڪارڻ ڪيترن ئي نوجوان ڇوڪرن خواهه ڇوڪرين ۽ وڏن استرين خواهه پرشن جي زندگي سڌاري آهي ۽ سندن لاڳن ۾ ميلاپ پيو آهي.

هزارين ماڻهن ديو سماج جي ان پرڀاو وسيلي پنهنجي خواهه پنهنجن ٻارن جي زندگي سڌرڻ سبب ديو سماج لاءِ شڪرگذاريءَ جو اظهار پڻ ڪيو آهي.

ليکڪ پنهنجي محنت کي سڦل سمجهندو، جيڪڏهن هن ڪتاب جا اخلاقي سبق پڙهندڙن جي دل کي اُتساهت ۽ دماغ کي روشن ڪرڻ ۾ سڦل ٿيندا.

ان اڇا ۽ پرارٿنا سان هي ڪتاب اوهان جي اڳيان پيش ڪجي ٿو.

ديو سماج ڪاليج فار وومين
فيروزپور (پنجاب)
٢٨ نومبر ١٩٥٢ع.

ٽي. وي. ڪنل

هي سنڌي ڪتاب

"پريم، شانتي ۽ سڀيتا جي پراپتي"

شريمان خيرائي لال وهرا، ايم. اي. کي

احسان ڀاءَ سان سوغات ڪري ڏجي ٿو.

هي صاحب ليکڪ جي لکڻيءَ جي نهايت سنڌر
ڇپائيءَ ۾ اساڌارڻ دلچسپي ۽ پريم سان
ڪم ڪري رهيو آهي.

# شڪرگذاري

## ( پهرئين ڇاپي تي )

سالوڪ جيون ساهت مالا جو هيءُ ٻيو ڪتاب آهي جنهن جو ترجمو شري سشيل جي. روچلاڻي ايم. اي. ڊپٽي ڪليڪٽر ڌليا، مڌيه پرديش، ڏاڍي محنت ۽ پريم سان ڪيو آهي. ان لاءِ اسان سندس جيترو شڪر مڃيون اوترو ٿورو آهي. ان پريم - سيوا لاءِ ڪمس تيار ڪرڻ جو جس ماسٽر ٺڪرام ڊيو سماجيءَ کي آهي. ماسٽر صاحب جي اُتساهه ۽ سهائتا سان ئي اسان هيءُ ٽيون ڪتاب ڪڍي رهيا آهيون. انهيءَ سڀ لاءِ اسان ماسٽر صاحب جا ٻ آڀاري آهيون.

هن ترجمي تي نظرثاني ڪرڻ ۽ پريس واسطي ڪاپي تيار ڪرڻ ۾ شري ڏنراج ايل. ڪاڪا ڏاڍي مدد ڪئي آهي.

شري کانچند گيهاڻيءَ هن ڪتاب جي پروف ڏسڻ جو ڪم گهڻي ڌيان ۽ اُتساهه سان ڪيو آهي. اسان ٻنهي صاحبن جي دلي شڪرگذاري ٿا ڪريون.

## ( ٻئي ڇاپي تي )

شري سيٺ گوپيچند سپتر شري سيٺ هولچند ڀمڀجي پرلوڪ واسي پوڄ پتا صاحب شريمان سيٺ هولچند صاحب ۽ پرلوڪ واسي پوڄ ماتا صاحب گنگا ٻائيءَ جي پوتر يادگار ۾ ٻه سو رپيا ڇپائڻ ۾ سهائتا طور ڏنا آهن.

آخر ۾ اسان اَمر پارت پرنٽنگ پريس اجمير جا ٻ ٿورائتا آهيون جن هميشه وانگر اسان کي هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ هر طرح جي سهوليت ڏني آهي.

پرڪاشڪ

NEW BOOK HOUSE
OPP. S... HOTEL
ULHASNAGAR - 3.

(۱)

## ماءَ جو پيار

وديارٿي - سائين، ڪهڙو سبب آهي جو سڄي انسان ذات "پيار" واسطي پنهنجي دل ۾ ايڏي زبردست ڪشش محسوس ڪري ٿي؟ اهو به صحيح آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ڪي ماڻهو جيڪي پيار کي هڪ قسم جو پاڳلپڻ ٿا سمجهن يا صرف نفس جو اَنگ ٿا سمجهن، سي انجي خلاف سخت زباني يا ٺٺولي ڪندي پيار کي انسان جي ٻي لغام جذبن جو گندو جوش يا ڪورو وهم ٿا بيان ڪن. ايتري ننڊا هوندي به هر ٻڍي ۽ جوان، عورت ۽ مرد کي پيار لاءِ ڪشش رهي ٿي ۽ آنهن ۾ پيار جو راڄ رهي ٿو.

سکشڪ - چا، تو وڃهڙائيءَ ۾ پيار بابت ڪجهه پڙهيو آهي ڇا جو اُن بابت ايترو سوچي رهيو آهين؟

و- هائو سائين. مون هڪ ڪتاب ۾ پڙهيو آهي ته ڪي فوجي سپاهي "پيار" بابت فاحش چرچا ڪري رهيا هئا ته ڪين هڪ بزرگ اچي روڪيو ۽ سنجيدگيءَ سان چوڻ لڳو: "ڇوڪرو، اوهانکي پيار بابت اهڙيءَ هلڪڙائيءَ سان نه ڳالهائڻ کپي. ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ پيار کان وڌيڪ ڪائي چيز ڪانهي. پيار جو اوهان کي اوترو ئي آدر ڪرڻ کپي جيترو اوهان هؤند پنهنجي ماتا يا وطن جو ڪريو. اوهان زندگيءَ جي جن به شين کي سڀ کان وڌيڪ قيمتي ٿا سمجهو، يا جن شين کي اوهان پنهنجو ٿا سمجهو جهڙوڪ اوهان جو وطن، اوهانجون ڀينيون، اوهانجو گهر، اوهانجي جان ۽ اوهان جو ڪٽنب - پيار اُنهن سڀني جو ساڪيات نمونو آهي. اوهان کي پيار لاءِ قربان ٿيڻ ۾ اوترو ئي فخر ٿيڻ کپي جيترو ديش لاءِ جان قربان ڪرڻ ۾ ٿئي ٿو.

## ساتوڪ جيون جا باقي ڪتاب

ساتوڪ جيون ساهتيه جا ٻيا ٻه ڪتاب انگريزيءَ ۾ هيٺين وشين تي آهن، جنجو اجا تائين سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ ڇپائي ڪونه ٿي سگهيا آهن. جيڪڏهن ڪو داني سڄڻ سنڌي ٻوليءَ جي اخلاقي شيوا جي هن ڪاريه ۾ مالي مدد ڪري ته هي پراپڪار جو ڪم جلد پورو ٿي سگهي ٿو:-

٧. گهمنڊ جا خوفناڪ نتيجا

٨. نيڪي ڇا آهي؟

٩. نيڪ ۽ غلط جي پرک

١٠. سچي گيان جي پراپتي

١١. وشواس جي دنيا

آهو ته جيڪڏهن هوءَ ٻار کي ٻرفيلي زمين تي رکندي ته هو ٿڌ لڳڻ سبب مري ويندو. تنهنڪري هوءَ پٺيءَ ڀر ٻار کي ڇاتيءَ سان لڳائي ليٽي پيئي ۽ ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٿڌ جي ڪري بيهوش ٿي ويئي. صبح جو جڏهن ٿڌ ۽ هوا پورا ٿيا ته ڪجهه واٽهڙو اُن رستي تان اچي لنگهيا. ڪين هڪ اُگهاڙي عورت مئل ملي. مائيءَ جا هٿ هٽائي ٻار کي ڪڍيائون ته هو ڄڻ تازو ئي ننڊ مان جاڳيو هو. ٻار مشڪي رهيو هو. هنکي ڪهڙي خبر ته ڪيس جنم ڏيڻ واري ماءُ هن لاءِ ڪيتري قرباني ڏيئي چڪي هئي. هن گهٽنا ۾ ماءُ پنهنجي آپي ۽ خود غرضيءَ کي ڪيڏو نه ميٽيو!

و- بلاشڪ سائين. مهرباني ڪري ڪجهه ٻيا به مثال ڏيو.

س- منهنجي خيال ۾ ته اهو هڪڙو مثال ئي ڪافي آهي. جيڪڏهن اوهين پنهنجي گهرن ۾ ڏسو ته اوهانکي پنهنجي ماتائن ۾ اهڙيءَ قربانيءَ جو گڻ ڏسڻ ۾ ايندو.

خوش قسمتيءَ سان هڪڙي شخص کي تمام وفادار ۽ هڏ ڏوکي استري هئي، پر هو پاڻ ظالم سڀاءَ جو هو ۽ پنهنجي ٻارن کي بيرحميءَ سان ماريندو رهندو هو.

و- (وچ ۾ روڪيندي) سائين، اوهانکي وچ ۾ روڪڻ لاءِ معافي طلب آهيان. ڇا پنهنجي ٻار کي مارڻ پيءُ لاءِ واجب نه آهي؟

س- اڄڪلهه جا منو وگياني جسماني سزا جي سخت ننديا ڪن ٿا. جسماني سزا ڪنهنکي به سداچاري بڻائي نٿي سگهي.

و- پر سائين! پيئر پيار به نه ڪن ٿا.

س- ٻار کي اُنجو احساس هجڻ کپي. جيڪڏهن ٻار پيءُ کي رڳو سختي ڪندو ڏسندو ته منجهس ڪئين قسمن جو مانسڪ بگاڙو اچي ويندو. ٻار جو وڪاس نه پيار جي واتاورڻ ۾ ئي ٿيندو. ضابطي جي خيال کان ڀلي ڪجهه روڪ رکجي

سائين، ڇا توهانجي خيال ۾ پيار جهڙي اها ساراه وڏي ۾ وڏي ساراه نه آهي جيڪا ڪنهن به قسم جي جذبات لاءِ ڪري سگهجي ٿي؟ آخر انسان ذات پيار جي اڳيان ايتري پاڳل ڇو ٿي پئي آهي؟

س- پيار لاءِ ڪشش ۽ عزت انهيءَ لاءِ آهي ڇاڪاڻ جو اُن ۾ ڪيئين گڻ ظاهر آهن.

و- سائين، اهي گڻ ڪهڙا آهن؟

س- پيار خود غرضيءَ ۽ اَهم کي ناس ٿو ڪري. خود غرضي گهڻن ڏوهن، پاپن ۽ ٻين کي ستائڻ ۽ پنهنجي لاءِ پڻ پريشاني پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ آهي. پريم اهڙي اُساڄڪ ۽ گهاتڪ جذبي کي ڳاري مٽائي ڇڏي ٿو.

و- سائين، انهيءَ تي ڪو درشٽانت ڏيئي سمجهائڻ جي مهرباني ڪندا؟

س- ٻارو، ذرا پنهنجي مائٽن کي ياد ڪريو. سندن روزاني زندگيءَ مان اهو صاف ڏسڻ ۾ ايندو ته پيار ڪيئن خود غرضيءَ مٿان سوڀ پائي ٿو.

و- سائين، توهان ٺيڪ ٿا فرمايو. پر اسان کي ڪي روزاني جيون مان واقعا ٻڌايو ته مهرباني.

س- مان جن ڏينهن سڪول ۾ پڙهندو هوس تڏهن ڪتاب ۾ هڪ اهڙيءَ ماءُ بابت ڪهاڻي پڙهي هئي جنهن کي پنهنجو ٻار هنج ۾ کڻي ٻرفانو ٽڪر پار ڪرڻو هئو. جيئن رات ٿيڻ لڳي تيئن ولهه پوڻ شروع ٿي ۽ ٿڌي هوا لڳڻ لڳي، سندس سگهه جواب ڏيئي بيٺي. کيس محسوس ٿيڻ لڳو ته سندس جيون جو اَنت ويجهو آهي پر سندس سڄو خيال پنهنجي ٻار ۾ هو. جيتوڻيڪ اُها عورت آبرودار ۽ لڄ حياءَ واري هئي پر اُهي سڀ خيال پاسيرا ڪري هن پنهنجا سڀ ڪپڙا لاهي ٻار کي ويڙهيا. تنهن هوندي به کيس خيال

سگهيو. هو پاڻ به پرائچشت جي حالت ۾ هو ۽ روئي ڪري
زال ۽ پٽ کان معافي ورتائين. ٿوري وقت ۾ اُها پياري
ماتا شانت چت سان هن دنيا مان چالاڻو ڪري ويئي. هن
جي چهري تي پوترتا ۽ تياڳ ڀڪيا پئي.

و- (اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي) ايترو هوندي به اسان
اُهڙي پيار ڏانهن ايترا سخت بي پرواهه آهيون جو اهو ڌيان
۾ ئي نٿو اچيئون ته اهو پيار سدائين نيڪ نگاهه سان اسانجي
پر گهور لهندو ٿو رهي ۽ اسانجو جيئڻ ممڪن ڪندو ٿو اچي.

س- هڪ مخزن ۾ هڪڙي سچي ڪهاڻي شايع ٿي هئي.
هڪڙي وڪيل کي ڪا اُهڙي اچي بيماري لڳي جو ست
سال لڳاتار بستري داخل هو. سڀ ميڙي چونڊي ختم ٿي
ويس. اهڙو به ڏينهن آيو جو، جوٽس کي ٻارن کي رڌي
کارائڻ لاءِ ڪجهه به ڪونه بچيو هئس. ڪنهن کان اوڌر به
ڪونه ٿي گهري سگهي، ڇاڪاڻ جو اڳ ۾ ئي قـرض جا
ڪوٽ چڙهيل هئس. لاچار هڪ رات فقيرياڻيءَ جا ڪپڙا
پائي پنڻ نڪتي. جڏهن گهٽس ئي گهرن مان پني ڪري
موٽڻ تي هئي ته خيال آيس ته هڪ گهر ٻيو به ڏسان.

ٻئي گهر تي آواز ڏنائين ته هڪ ماڻهو ٻاهر آيو. جيئن ئي
هن فقيرياڻيءَ کي ڏٺو ته سندس منهن مان اَچانڪ رڙ نڪتي
"اَمڙ تون!" ويچاريءَ اهو جاڻي ڪري ته ڪيس ڪنهن
سڃاڻي ورتو آهي وٺي ڊڪ پاتي. ٻئي ڏينهن صبح جـو
ڪو ماڻهو سندس گهر اچي هڪ مهني جو پورو سيڌو، ائين
چئي ڪري ڏيئي ويو ته سندن ڪنهن پراڻي نوڪر پنهنجي
دوڪان تان موڪليو آهي. سنجها ٽاڻي اُهو پاڻ به آيـو ۽
مائيءَ جي پيرن تي ڪري پيو ۽ سڏڪا ڀريندي چوڻ لڳو
ته "اَمڙ! لوڪي ايتري حد تائين وڃڻو پيو ۽ مان، اوهانجو
نوڪر، سک سان رهان ۽ وڌان ويجهان. جيستائين پتاجـن

پر روڪ فقط اُنهيجي ئي هجڻ ڪري جنجو ٻار سان پيار به هجي نه ته ٻار ۾ زبردست مخالفت پيدا ٿي ويندي. هن بابت مان ٻئي ڪنهن وقت اوهانکي وڌيڪ سمجهائيندس.

جنهن پيءُ جي مان ڳالهه ٿو ڪريان اُهو بلڪل بي رحم هو. هن پنهنجا ڏوهه باسيندي قلمبند ڪيا آهن. سندس ٻه پٽ ڪانئس ڏار ٿي ڪنهن پرديس هليا ويا. ويچاريءَ ماءُ مڙس جي صدقي اِهو سڀ سٺو. باقي هڪ پٽ ڪٽنب ۾ ساڻ هون. هڪ ڏينهن اُن سنگدل پيءُ پنهنجي اُنهيءَ پٽ کي ٻه ڏاڍيءَ بيرحميءَ سان مار ڪڍي. تڏهن سندس پتنيءَ جو ماتر-پيار وڌيڪ نه سهي سگهيو. هوءَ جيڪا سندس لکڻيءَ اُنوسار ڪڏهن ٻڙڪ نه ٻاهر ڪڍندي هئي، سا سيتجي وٺي ۽ پنهنجي ماتر پريم مان پيدا ٿيل همت سان مڙس کي چوڻ لڳي، "جيڪڏهن توهان وري ڪڏهن به اسانجي پٽ کي ماريو آهي ته مان سدائين لاءِ توهانجو گهر ڇڏي هلي وينديس."

پر اُنهيءَ نردئيءَ پتا وري ٻـ هڪ دفعو پنهنجي پٽ کي مار ڏني. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن ننڊ مان اُٿيو ته ڏٺائين سندس گهر خالي هو. هڪڙو ڪاغذ ٽڪر مليس جنهن ۾ اُن تڙقندڙ ماءُ کيس اطلاع ڏنو هو ته هوءَ پنهنجي پياري ٻار سميت ڪنهن اَڻ ڄاڻ جڳهه ڏانهن وڃي ٿي.

ڪئين سال گذري ويا. هڪڙي ڏينهن اُنهيءَ نردئي پتا کي سندس پٽ جي تار ملي ته اَمڙ مرڻ ڪنڌيءَ تي آهي ۽ اوهانکي ياد ٿي ڪري. هو ويو ۽ ڏٺائين ته سندس پٽ ڪهڙو نه سهڻو جوان ٿي پيو هو. جڏهن پنهنجي ڌرم-پتنيءَ سان مليو ته نه رڳو هوءَ ديوي ساڻس اَسيم پورڻ پيار سان ملي پر ڪانئس معافي به گهريائين ۽ سمجهايائينس ته ڪيئن هن ۾ ماتا جو هردو پنهنجي پٽ لئي مار ڪٽ ڪو نه سهي

ٻنهي ڪيائڻ سان هن ڪيڏو نه عذاب سٺو هوندو، اُهو سوچي به نٿو سگھجي. پنهنجي ٻار لاءِ سندس پيار ڪيڏو وڏو گھرو ۽ اَٽل هوندو جيڪو ايڏي عذاب کي به سهي سگھيو.

و- سائين هيءَ نه هڪ اَلم مثال آهي.

س- پيار جو هڪ زبردست سدگڻ آهي پاڻ مٽائڻ جو. انهيءَ ڪري ليکڪ سدائين سندس گڻ ڳائيندا رهيا آهن. هڪ دفعي هڪ ماءُ مون وٽ آئي ۽ چوڻ لڳي، ”منهنجي پٽ کي هڪ مهني کان مدي جو بخار آهي. سمجھ ۾ نٿو اچي ته مونکي ڇا ٿيو آهي. ڳذريل ٢١ ڏينهن کان رات جو هڪ پلڪ به ننڊ ڪانه ڪئي اٿم. منهنجو گھوٽ ۽ ٻيا چونٿا ته سمھه اسان ٻار جي نگھه ڪنداسين. پر (اَکين مان ڳوڙها ڳاڙي) منهنجي دل شاهدي نٿي ڏئي. پوءِ ٿو ٿئيم ته ڪٿي هو سمهي پون ۽ منهنجي ٻچڙي جي پوري خبر نه لهن. اَدا! ٻڌايو ته مان ڇا ڪريان؟“

منهنجو هردو پگھرجي پيو. مون ڪيس صلاح ڏني ته هوءَ ڏينهن جو بي فڪر ننڊ ڪري ڇاڪاڻ ته ڏينهن جو ننڊ سندس مٿس ٿي غالب پئجي نه سگھندي. ۽ ڪيس وشواس هئڻ گھرجي ته پيءُ کي به ٻار لاءِ پيار آهي.

هن جواب ڏنو، ”منهنجي پتيءَ جو ٻار لاءِ پيار ته گھڻو ئي آهي. پر مان ٿي پيئي آهيان ڇري. مان ائين محسوس ٿي ڪريان ته جيڪڏهن منهنجو ٻار مونکان کسجي ويو ته مان هن جهان ۾ ڪيئن جيئنديس!“

مون سمجھايو مانس، ”ڏس، پيار جو اهو خراب پهلو آهي. هر ڪا فاني شيءِ ضرور ناس ٿيندي. هيءُ جسم فاني آهي، اهو جيڪڏهن ڪم ڪرڻ بند ڪري ڇڏي ته اُهو قدرتا صحي آهي. اُن وقت آلما پنهنجي سوکيم شرير جو نرماڻ ڪري الڳ رهڻ شروع ٿي ڪري. اسانجي آلما جو

(وڪيل صاحب) جي طبعيت نيڪ ٿي ڀاسنائين اوهان کي سيڌو منهنجي دڪان تان پيو ايندو. مون کي ته اوهانجي خاندان ئي وڏايو آهي ۽ خاص ڪري توهان."

ٻارو! اوهان سوچي سگهو ٿا ته مالڪي پريم ڪيترو نه خود غرضي ۽ اهم کي مٽائي ٿو ڇڏي.

و- اهڙو قدم! ۽ اهو به هڪ وڪيل جي زال دوارا!! ماتا، او ماتا، تنهنجو استان ته سرڳ ۾ آهي.

س- تنهنجا خيال اتم آهن. تو ڪڏهن "ليس مزربلس" (Les Miserables) نامڪ فرينچ ناول پڙهيو آهي؟

و- نه سائين، مون اهڙي ناليءَ وارو ڪتاب ڪو نه پڙهيو آهي.

س- اُن ۾ به ماءُ جي پاڻ ميسارڻ واري جذبي جو شاندار ورڻن آهي. هڪ نوجوان ڪنواريءَ ڇوڪريءَ کي ناجائز ٻار پيدا ٿيو. هوءَ جنهن نوجوان کي پنهنجو جانثار سمجهي ساڻس گڏ رهندي هئي اُن ساڻس شاديءَ ڪو نه ڪئي ۽ انهيءَ ڪري سندس ٻار کي ناجائز قرار ڪيو ويو.

و- ته ڇا اهڙي ٻار کي ناجائز نه چوڻ کپي؟

س- اهو ته هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو رايو آهي. ڇا ڪاڻ ته ڪنهن ٻار جي ماءُ پيءُ پاڻ ۾ شادي نه ڪئي انهيءَ ڪري ٻار تي ٺڪر ڀڃڻ اَجايو آهي. پر هي ته هڪ خاص معاملو هو. ڇوڪريءَ کي دوکو ڏنو ويو هو. پر هوءَ سچي حيائي پاڪ رهي. سندس ڌيءَ کي پالڻ لاءِ ڪيس ڪئين قربانيون ڪرڻيون پيون. هڪ دفعي ڪيس پنهنجي سندر وارن جون چڳون وڪڻيون پيون ۽ ٻئي دفعي جن وقت ڌيءَ کي پلجڻ لاءِ رکيو هئائين اُنهن کي پئسا موڪلڻ لاءِ پنهنجا سڀ ڏند به وڪڻڻ لاءِ تيار ٿي وئي. اُنهن ڏينهن ۾ هڪ ڏند ڪڍائڻ به سوڙي چڙهڻ جي دڪان ڪان گهٽ ڪو نه هو. سو پوري

( ٢ )

# پتي پتنيءَ جو پيار

وديارٿي - سائين ماءُ جو پيار ته سچ پچ الاهي آهي. پر جنهن ماڻهوءَ جو مون حوالو ڏنو هئو اُنجو مطلب ته شايد پتي پتنيءَ جي پيار سان هئو. ڇا اُهو پيار به الاهي آهي؟

سکشڪ - اهو ته من جي رخ تي منحصر آهي. هندستان ۾ سيتا، ساوتري، دميتني وغيره آدرش پتنيون مشهور ٿي ويئون آهن، اسانجي پراڻي ساهتيه ۾ هڪ اها به ڳالهه لکيل آهي ته ڪيئن هڪ ڇوڪريءَ جو مڱڻو هڪ سورداس سان ٿيو. جڏهن کيس خبر پيئي ته سندس گهوٽ سورداس آهي ته هن پنهنجي اکين تي به پٽي ٻڌي ڇڏي ۽ پاڻ به سورداس وانگر رهڻ لڳي. هڪ ٻيءَ عورت بابت به قصو آهي ته سندس مڙس کي ڪوڙهه ٿي پيو هو ته هوءَ کيس وٺي ڪري جڳهه جڳهه تي ڦرندي رهي. ڪجهه زالون ته پنهنجي مڙسن جي چتا سان گڏ خوشيءَ خوشيءَ جلي مئيون. هندستان جي زالن جي تياڳ جون ته ڏند ڪٿائون ٿي ويئون آهن. هنن پريم کي پوڄا عبادت ۽ پوڄا جي چوٽيءَ تي پهچائي ڇڏيو آهي. سندن جيون محبت هڪ اعليٰ جوالا مثل آهي ۽ هن پيار ۾ به ماءُ جي پيار سمان، پنهنجي پاڻ مٽائڻ جو اُساڌارڻ گڻ موجود آهي.

و- مهرباني ڪري اُنکي پنهنجي آزمودن سان وڌيڪ سمجهائيندا؟

س- هائو، مان اوهانکي پتي پتنيءَ پريم جون خود ڏٺل ۽ خود پڙهيل سچيون گهٽنائون ٻڌائيندس.

ٽئٽنڪ جهاز جي ٻڏڻ وقت هڪ يورپين استريءَ پنهنجي مڙس جي ڇوڙڻ جي باوجود زالن ۽ ٻارن کي بچائڻ واريءَ

شرير جي ڏيھانت سان ڳڏ ڏيھانت نٿو ٿئي."

هن پڇيو، "ڇا توهان اهو وشواس ٿا ڪريو ته آتما پرلوڪ ۾ هوبهو ساڳي حياتي ٿي گذاري؟ ڇا اوهانجو اهو به وشواس آهي ته منھنجو پٽ پرلوڪ ۾ به منھنجو پٽ ٿي رهندو ۽ مونکي سڃاڻندو؟"

مون جواب ڏنو "هائو."

هوءَ مون وٽان شانت چت سان واپس وئي. پاڻ سان سنڌ ڊاڪٽرن جي علاج سان سندس پٽ به ٺيڪ ٿي پيو.

ڏينهن بعد جڏهن پيد کليو ته معلوم ٿيو ته ڇوڪرو ته ڪنهن پرديس ۾ رهي ٤٠ رپين ماهوار جو ڪلارڪ هو. تنهن هوندي به ڇوڪري مڙس سان گڏ رهي ۽ پنهنجي پائرن کي ان ڳالهه لـــي راضي ڪيو ته هو سندس مڙس کي پنهنجي آفيس ۾ ڪو ڪم ڏين. مڙسهنس کي پائرن نوڪري ته ڏني پر ڪم ۾ هو بلڪل نڪمو ثابت ٿيو. آخرڪار پائرن صاف پيٽيوئي کي چيئي ڏنو ته هو سندن لاء ناڪار ماڻهو آهي ۽ سندن لاء رڳو هڪ بوجهه ثابت ٿيو آهي. اهو ٻڌي پيٽيوئي کي ڏاڍو ڌڪاب لڳو ۽ هو گهر ڇڏڻ لاء تيار ٿي ويو. جڏهن سندس پتنيء کي جيڪا ساڻس گڏ پيڪي گهر ۾ رهندي هئي، خبر پيئي ته هوء به پتيء سان گڏ وڃڻ لاء تيار ٿـي ويئي. ڪيس ماڻس ۽ پائرن گهڻوئي روڪيو ۽ سمجهايو ته تون دل کي مضبوط ڪر. اهو گهوٽ پاڻيهي پڇتائي موٽـــي ايندو. جواب ۾ هن ته ٻڙڪ ڪونه ٻولي پر پنهنجي مڙس کي صاف چيائين ته مان اوهان سان گڏ هلنديس. هـن دنيا ۾ منهنجي جڳهه توهان سان گڏ آهي، ٻيو ڪٿي به نه. اهو ٻڌي اهڙو بيڪار گهوٽ به عجب ۾ پئجي ويو ته هيڙي اَمير گهر ۾ پليل ڇوڪري پنهنجو سڀ عيش آرام ڇڏي ساڻس گڏ غريبيء، نا اُميديء ۽ اونداهـيء وارو مستقبل ونـڊڻ لاء ڪيئن تيار ٿي ويئي آهي. ماء جي ورلاپـن ۽ پـائرن جي مخالفت جي باوجود هوء منهنجي موجودگيء ۾ پنهنجي گهـوٽ سان گـڏ هلي ويئي. هتي وفاداريء ۽ تياڳ واسنائن مٿان سوڀ پاتي هئي. پر اُتي جتي واسنائن جو غلبو وفاداريء کان وڌيڪ تو تتي اُتي پيار ڪونه ٽڪو رهي. اهڙي پيار کـي جنهن ۾ رڳو ڪام ۽ واسنا ڀريل آهي، پيار چوڻ فقط ڪُفُر آهي.

و- سائين! موکي اوهانجي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. ڇا، ڪائي شادي ڪام واسنا بنا به ٿي سگهي ٿي.

ٻيڙيءَ ۾ لهڻ کان انڪار ڪيو. سندس چوڻ ڪجهه هن طرح هئو: "منهنجا محبوب! اسان جيون جا ڪيترا سال گڏ گذاريا آهن، هاڻي موت کي به گڏجي گلي لڳائينداسين. توکان سواءِ منهنجي لاءِ زندگي بي معنيٰ آهي."

و- ڪيترو نه عاليشان مثال!

س- هڪڙي آمريڪن ليکڪ هڪ ڇوڪريءَ جنهن کي هو سڃاڻندو هو، اُن بابت لکيو آهي ته هن جو مڱڻو هڪ نوجوان سان ٿيل هو. مڱڻيءَ وقت نوجوان صحتمند هو پر پوءِ کيس سلهه ٿي پيئي ۽ بستري داخل ٿي ويو. ڇوڪريءَ پنهنجي مائٽن جي منظوري وٺي وڃي پنهنجي مڱيندڙ جي خوب شيوا ڪئي پر ڏوريءَ بيماريءَ سندس پٺ نه ڇڏي. آخرڪار ڊاڪٽرن جواب ڏنو ۽ سندن راءِ موجب ڇوڪرو باقي چند ڏينهن جو مهمان هو. تڏهن اُن ڇوڪريءَ پنهنجي مڱيندڙ کي چيو ته هو ٻئي شاديءَ جي رسم پوري ڪن جيئن هنجي موت کانپوءِ هوءَ پاڻ کي سندس ودوا سڏائي سگهي. مرڻينگ ڇوڪرو ناڪار نه ڪري سگهيو. پادريءَ اچي ڪري ٻنهي جي شادي ڪرائي ۽ ٻئي ڏينهن ئي اهو ڇوڪرو گذاري ويو. تنهن کانپوءِ اها ڇوڪري سڄي عمر پنهنجي پتيءَ جي ست ۾ رهي. اهڙي روپ ۾ پتنيءَ جو پريم سچ پچ الاهي آهي ۽ اُنجي سندرتا کي نفس يا ڪام ڪارو نٿو ڪري سگهي. اهڙي پريم ۾ پاڻ مٽائڻ جو پورو گڻ ڀريل آهي!

و- سائين اهو ته دل اُٻاريندڙ واقعو آهي.

س- برابر. هڪڙيءَ ڇوڪريءَ بابت اَچرج ڀريو واقعو مان پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي. ڇوڪري امير گهراڻي جي هئي ۽ سندس شادي هڪ اهڙي ڇوڪري سان ٿي جنهنجي لاءِ چيو ٿي ويو ته انگلنڊ مان تعليم وٺي موٽيو آهي. ٿورن

واقفڪارن کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو.

و- ڇا هو حيوان هو؟

س- نه، هو حيوان نه ڪونه هو. رڳو سندس شهوت پوتر پيار مٿان غالب پئجي ويئي هئي. ٻن انسانن جي شاديءَ ۾ آتمڪ جزو جسماني جزي کان وڌيڪ هئڻ ضروري آهي. جسماني جزي ۾ به آتمڪ جزي جو اثر وڌيڪ هئڻ کپي. شاديءَ جي ٻنڌن جو آدرش هڪٻئي لاءِ همراهي، همدردي ۽ شيوا هجڻ کپي.

و- منهنجو خيال آهي ته زالون هن وڪيل جهڙي ڪيل وهنوار کان مٿي آهن.

س- زالون به ائين ڪن ٿيون، پر ورلي. اهڙا ڪجهه مثال ٿيا آهن جڏهن زالن به مڙس جي قضيي کان ڪجهه ڏينهن يا مهينن ڪانپوءِ وري شادي ڪئي آهي.

و- پر اهڙو ورتاءُ زالن جي طرفان ته سخت ڏکوئيندڙ آهي.

س- برابر. استري جاتي ئي ته قوم جي پوترتا، وفاداري ۽ اهڙن ٻين گڻن جي رکشڪ آهي. هوُنئن ته نه عورت مرد جي ۽ نه مرد عورت جي برابري ٿو ڪري سگهي. ٻنهي جا ڪم الڳ الڳ آهن. ٻئي پنهنجي پنهنجي ڪيتر ۾ اُتم آهن. عورت مکيه روپ ۾ ماتا آهي. ٻارن کي پيءُ جي بيوفائيءَ لئي ايترو ڏک ڪو نٿو ٿئي جيترو ماءُ جي بيوفائيءَ جو.

و- سائين! اهو وري ڪيئن؟

س- مونکي هڪ اهڙي ٻالڪ جي معلوميت آهي جنهن جي ماءُ جو چرتر نيڪ نه هو. هوءَ ڪنهن پرائي مرد جي رکيل هئي. ٻار جڏهن وڏو ٿيو ۽ ماءُ جي اهڙي حالت ڏٺائين ته سندس حياتي زهر ٿي پيئي. آخرڪار هن ٻڌي ڪري پنهنجي هتيا ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي ننگ کان نجات حاصل ڪئي.

س- اهو ممڪن نه آهي پر اهڙيون شاديون درلڀ آهن. مون هڪ ولائت جي عورت بابت ٻڌو آهي ته هن پنهنجي ڌرم جي خيالن سان ملندڙ هڪ هندستانيءَ سان شادي ڪئي آهي جنهن ۾ هنن جو پاڻ ۾ ڪام واسنا سنبنڌ ڪونه آهي. مونکي هڪ وڏي عهدي واري آفيسر بابت معلوم آهي ته هن پنهنجي سموري شادي شده حياتي بنا ڪام سنبنڌ جي گذاري آهي. رامڪرشن پرمهنس به پنهنجي زال سان ڪڏهن ڪام سنبنڌ ڪونه رکيو. جيتوڻيڪ هي سڀ مثال ورلا آهن پر تڏهن به ڪجهه آدرشي ماڻهو دنيا ۾ موجود آهن. شادي ڪيل جوڙي ۾ ڪام سنبنڌ قدرتي ۽ جائز آهي. ڪجهه حدن جي اندر اهڙو سنبنڌ زال مڙس جي جسماني ۽ مانسڪ جيون لاءِ لاڀدائڪ پڻ آهي. عورت کي ماءُ بڻجڻ جو شاندار گورو به اهڙي ئي سنبنڌ ذريعي پراپت ٿو ٿئي. رڳو ايترو ڌيان ۾ رکو ته جيستائين وفاداريءَ ۽ شيوا جو ڀاءُ نفس مٿان غالب رهي ٿو تيستائين پيار جو بنڌن الاهي بنڌن آهي. پر نفس جڏهن وفاداريءَ ۽ شيوا جي ڀاءُ تي ضابطو ڪندو آهي تڏهن پتي پتنيءَ جو سنبنڌ شهوت ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي.

و- مهرباني ڪري اهو مثال ڏيئي سمجهائيندا؟

س- هڪ وڪيل پنهنجي زال ڏانهن محبت ظاهر ڪندو رهندو هو. سيٺ کي ائين محسوس ٿيندو هو ته خدا نه خواست ڪٿي جوڙس مري وئي ته هو پاڳل ٿي پوندو ۽ وري ڪڏهن زندگيءَ ۾ شادي ڪونه ڪندو. بدقسمتي ڏسو جو سندس زال گذاري وئي. ڏاڍو غم ڪيائين. سيٺ کي هن لاءِ همدردي هئي ۽ سندس پاڳل پيار جو داد ڏيڻ وارا به گهڻائي هئا. پر مان ان پيار کي شهوت جو پيار سڏيندس ڇو ته هن وڪيل (جو پنهنجي زال پٺيان اهڙو پاڳل هو) سندس زال مرڻ ڪانپوءِ ٻارهين ڏينهن ٻي شادي ڪئي ۽ سيٺ کي

ڇوڪريءَ هڪ نوجوان سان صرف موج بهار لاءِ شادي
ڪئي. شاديءَ کانپوءِ هر دفعي ڪيس هزار مان نيون شيون
خريد ڪرڻ لاءِ پئسو کپندو هو. هوءَ مڙس کي پئسي لاءِ
ستائڻ لڳي پر مڙس جي ڪمائيءَ جا ذريعا محدود هئا.
نتيجو اهو ٿيو جو هو ڪنگال ٿي ويو. جوڙس کي تڏهن به
ڌڪاءُ ڪونه پيو. وواهت جيون روپي پٽ ۾ ڏارون پوڻ
لڳيون. بدقسمتيءَ سان پتنيءَ جي صحت به ڍهي پيئي.
پتني جنهنجي عمر مشڪل سان ٢٢-٢٣ سال هئي پنهنجي پتيءَ
ڏانهن لاپرواه رهڻ لڳي ۽ ايتري قدر جو بيماريءَ ۾ سندس
سيوا ٽهل ڪرڻ به ڇڏي ڏنائين. پتيءَ جڏهن اهڙيءَ هلت
تي ناراضگي ظاهر ڪئي ته پتني ڪيس ڇڏي پيڪي هلي
وئي. موٽي رڳو تڏهن جڏهن سندس پتي گذاري ويو.
رڳو دستوري ڳوڙها ڳاڙڻ لاءِ ۽ پار پٽڻ لاءِ.

هن ڇوڪريءَ جي وواهه بابت ڌارڻا بلڪل غلط هئي.
شادي ته همراهيءَ جو هڪ طريقو آهي جنهن ۾ ٻئي ڌريون
هڪ ٻئي لاءِ قربانيون ڪري خوشي حاصل ٿيون ڪن. فقط
ساٿوڪتا دواران ئي وواهت جيون خوشگوار، اُتم ۽ رهڻ قابل
ٿئي ٿو. جيڪڏهن ساٿوڪتا ڪنهن سبب ڪانهي ته اُنجي
جڳهه جوڙي جي پيار کي والارڻي پوندي. انسان ذات اجا
اهڙيءَ سرشٽي جيون جو مزو ڪونه چکيو آهي جنهن ۾ هرڪو
ٻئي لاءِ سوچي، ٻئي لاءِ رٿي، ٻئي لاءِ توشو ڪري ۽ ٻئي
لاءِ جيئي. وواهت جيون اسانکي اهڙي زندگيءَ کي پراپت
ڪرڻ جو موقعو ٿو ڏئي. تنهنڪري جيڪي فقط ڏيتيءَ
ليتيءَ لاءِ يا پئسي لاءِ، يا نجي آرام لاءِ، يا عيش آرام لاءِ يا
سماجڪ سهوليتن لاءِ شادي ٿا ڪن ۽ پوءِ پريم سان جنجو
واسطو ڪونهي اُهي پنهنجي لاءِ رڳو کڏ ٿا کوٽن. گهڻين حالتن
۾ اُنهنجو وواهه جيون خود غرضيءَ جي پهاڙ سان ٽڪرائجي

هڪ دفعي هڪ مشهور انگريز ليکڪ "سٽرئنڊ" نالي انگريزي اخبار ۾ هڪ ڪهاڻي لکي هئي جنهن موجب ڪنهن عورت جي ناجائز پٽ کي جڏهن وڏي ٿيڻ تي سندس ماسيءَ دواران اِها خبر پيئي ته هو پنهنجي ماءُ جو ناجائز ٻار آهي ته هن آتم هتيا ڪري ڇڏي. ٻار کي پنهنجي ماءُ جي گراوٽ پيءُ جي گراوٽ جي بنسبت وڌيڪ محسوس ٿئي ٿي. ٻار جيتري قدر ڀاڻ کي پنهنجي ماءُ جو انش سمجهي ٿو اوتري قدر پيءُ جو انش نٿو سمجهي. مرد جنهن بيوفائيءَ جي گپ ۾ ڳتو پيو آهي اُن ۾ جيڪڏهن ڪو زال ذات کي به قانون جي آڙ ۾ يا ڪو اهڙو ساهتيه لکي ڪري گهلڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ اهڙي گراوٽ کي جائز ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته ڪو ساڻن ڀال ڪو نه ڀلائيندو.

و- جيڪڏهن مون اوهانجي ويچارن کي سمجهو آهي ته اوهانجي خيال موجب وواه- پريم ٽڏهن ئي سندر ۽ سريشٽ ٿئي ٿو جڏهن پورنا ۽ شيوا جا ڀاءُ نفيس ۽ خود غرضيءَ تي غالب رهن ٿا.

س- تو بلڪل ٺيڪ سمجهو آهي.

و- جنهن وواهت-جيون ۾ اهڙو پيار موجود ڪونه آهي اها جيون خير ڪا رهڻ جوڳي آهي.

س- اِهو ته پتي پتنيءَ جي سڀاءُ تي منحصر آهي. ڪي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي شاديءَ کي رڳو سماجڪ ضرورت ٿا سمجهن ۽ هرقسم جي چنابيٽيءَ کي سهن ڪرڻ لاءِ تيار رهن ٿا. اهڙا مرد پنهنجي زندگي ڏاڙيءَ يا ٻئي ٻاهري جيون ۾ ۽ اهڙيون زالون پنهنجي گهر ۽ ٻارن ۾ تسلي ٿيون ڳولهين. اهڙي هنڌ تي به پيار جو گڻ يعني ڀاڻ ميسارڻ آوشڪ آهي ۽ اُن کانسواءِ جيون جهنم بڻجيو پوي. مون خود غرضيءَ جا ڪيڏيال ڪيل گهڻائي برباد ٿيل زندگين ۾ ڏٺا آهن. هڪڙيءَ

س- پيار جو مطلب آهي ٻاڻ ميسارڻ ۽ پيار جي صدقي سڀ ڪجهه ڪري گذرڻ. هڪ وڏي عهدي تي پهتل آفيسر مونکي هڪ دفعي پنهنجي اڻ پڙهيل زال جي شيوا ڀاو بابت دل کي ڇهڻ واري ڳالهه ٻڌائي. هن ٻڌايو ته "هڪ رات سخت گرمي هئي. اسان جو بجليءَ جو پنکو ڪم نه پيو ڪري. پنهنجي پتنيءَ کي اوڙي دير لاءِ وڃڻو لوڏڻ لاءِ چيم جيئن ته مونکي ننڊ اچي وڃي. صبوح جسو جڏهن منهنجي اک کلي ته ڏسان ته منهنجي پتني اڃا پيئي مونکي وڃڻو هڻي. پڇيومانس ته جڏهن مونکي ننڊ اچي ويئي هئي ته پوءِ پکو هڻڻ ڇو نه بند ڪيئه، ته چوي ٿي ته مونکي ڀئو ٿيو ته ڪٿي اوهان جاڳي نه پئو. ۽ ائين به چوڻ لڳي ته مان ته ڏينهن ۾ جو به ننڊ ڪري وٺندس پر توهان ڪيئن ڪندا؟"

و- سائين مان ته انهيءَ ويچار جو آهيان ته اسان کي دستوري شادين جي بدران پيار جون شاديون ڪرڻ کپن.

س- اهو آوشڪ ڪونهي ته "پيار جي شادين" ۾ پيار سمايل هجي. گهڻي قدر ته اهڙيون شاديون رڳو شوق مان يا جسماني ڪشش جي ڪري ٿيون ٿين. مٿي ذڪر ڪيل آفيسر جي شادي ڪا پيار جي شادي ڪو نه هئي. اسان ڀارتين جو پالڻ پوشڻ اهڙيءَ سنسڪرتيءَ ۾ ٿيو آهي جنهن موجب جنهن سان اسانجي شادي ٿي ٿئي ان سان ئي محبت به ٿا ڪريون. سڄو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته اسانجون جيون ورتيون ڇا آهن. جيڪڏهن اسانجو رخ خود غرضيءَ جو آهي ته پوءِ اسان هر سنبنڌ کي زهريلو ڪنداسين. پر جي اسان جو رخ ڪمائتو آهي ته پوءِ اسان هر ڪنهن سنبنڌ کي سهڻو بڻائينداسين. دنيا اڃا اهو سبق ڪو نه سکيو آهي ته هر هڪ گهر ۽ هر هڪ اسڪول جي سڀ کان وڏي ڪوشش اها هئڻ گهرجي ته ٻارن ۾ سوارٿ جي جيون لاءِ ڌڪار ۽ شيوا جي جيون لاءِ ساراهه

چڪناچُور ٿي ٿو وڃي.

و- پر سائين! اڄڪلهه جي ڏکين ڏينهن ۾ ڏيتيءَ ليتيءَ جي گهر ڪرڻ ڪو ڏوهه ٿورو ئي آهي.

س- مان اڄ ڏيتيءَ ليتيءَ بابت ڪونه ڳالهائيندس. مان نه رڳو اوهانکي اهو محسوس ڪرائڻ ٿو چاهيان ته خود غرضي وواهت جيون لاءِ زهر مثل آهي. ڏيتي ليتيءَ جي گهر هڪ قسم جي خود غرضي آهي. اوهانکي سڀئي ڏيتي ليتيءَ ۾ ملي پر اُن سؤدي بازيءَ جي ڀاونا سان اوهان ۾ پورڙ وفاداريءَ جي ڀاونا ڪونه پيدا ٿي سگهندي. مونکي هڪ انگلنڊ مان موٽيل نؤجوان هوشيار گريجوئيٽ جو قصو معلوم آهي جنهنکي ڇوڪريءَ سان گڏو گڏ هڪ لک روپيه به ڏيتي ليتي ۾ آڇيا ويا هئا. پر هن نؤجوان کي خوش قسمتيءَ سان سکي جيون جي نيمن جو اَحساس هو. هن اِهو ڄاتو ٿي ته اهڙي سکي جيون سؤدي بازيءَ سان ڪانه حاصل ٿيندي. اِنهيءَ ڪري هن ڪئين ڇوڪريون جاچڻ شروع ڪيون. آخر هڪ اهڙي به خيال ۾ آئس جنهنجي لاءِ دل ۾ وشواس اُٿين ته منهنجو گهر ٺاهيندي. بس اُن سان ئي بنا ڪنهن ڏيتيءَ ليتيءَ جي شادي ڪيائين. اُن جوڙي کي مون ڪئين سال پوءِ ڏٺو. هرڪنهن اِها شاهدي پئي ڏني ته سائين سندن پريم شاديءَ کان هيترا سال پوءِ به اهڙوئي قائم آهي جهڙو شاديءَ وقت هو. سندن سنسار سندن گهر آهي. ڪين ڏسڻ معني آهي خوشي محسوس ڪرڻ. هؤ جيڏانهن وڃن اوڏانهن اهڙي خوشبوءِ ڦهلائن. بنا ڪنهن غريب ڇوڪريءَ سان سچي پيار لاءِ هڪ لک رپين ۽ لکپتيءَ جي ڌيءَ ڇڏي، تنهن هڙتي عاليشان وواهت جيون نه ضرور لهڻي.

و- پر سائين! اهو پتو ڪيئن پوي ته فلاڻي جوڙي جو ڀاڳ ۾ پيار آهي؟

آهي. اسانجو سنبنڌ منش جڳت سان آهي. منش جڳت ۾ اسان جو سنبنڌ ماءُ پيءُ، ڀائرن ڀينرن، پتيءَ يا پتنيءَ، خاندان ۽ ديش راشٽر ۽ منش جاتيءَ ۽ ٻين سڀني ڀلو ڪندڙن سان آهي.

هاڻي جي مٿين سڀني ساڻ اسانجو واسطو رڳو خود غرضيءَ جو هوندو ته انهن سڀني جي سنبنڌ ۾ اسان نهڪي ڪين سگهنداسين. اسانجي جيون مان ئي هر قسم جي پاپن ۽ گناهن هر قسمن جي اڻ ٻڻت ۽ هر قسم جي لڙاين جي اُلپتي ٿي ٿئي. دنيا اڄا اهو محسوس ڪونه ڪيو آهي ته خود غرضي ۽ اَهم-پيار ٻيءَ ڪنهن به شيءِ کان وڌيڪ ناس ڪندڙ آهن. سنبنڌن ۾ رهي ڪري اسان رڳو پنهنجي لاءِ ڪونه ٿا جي سگهون. اسان کي هڪ ٻئي لاءِ سد ڀاونا ۽ سنمان جي جيون کي اپنائڻو پوندو. پر اهو ڪو سولو مسئلو ڪونه آهي. هن لاءِ اسانکي پيڙه کان اڏ ٿو پوندو. جنم کان وٺي ٻار کي لائين پالڻو پوندو جيئن هن کي اهو اَحساس ٿئي ته دنيا ۾ هوُئي اَڪيلو ڪونه آهي. هن جو وڌو ٿيڻ، وڌڻ ۽ پورڻ وڪاس- جسماني، دماغي، نيتڪ ۽ آتمڪ- فقط سنبنڌن ذريعي ممڪن آهي- هن جا سڀني ڏانهن فرض ۽ جوابداريون آهن. هوُ رڳو پاڻ لاءِ زنده نٿو رهي سگهي ڇاڪاڻ جو اهڙي زندگي ناممڪن آهي. هوُ پنهنجا سڀ فرض سانوڪتا، شيوا ۽ پيار جي ڀاو دوارا پوُرا ڪري سگهي ٿو. سڀني جڳتن لاءِ پيار پيدا ڪرڻ سڀ کان وڏو فرض آهي. پر انسانيت انهيءَ سڏانت ڏانهن ڪوئي ڌيان ڪونه ڏنو آهي بلڪ سڄي دنيا ڇنا ڀڇنيءَ ۽ منافيخوريءَ جي سڏانت تي جيئندي رهي آهي. پر ڇا اهڙيءَ طرح ڪيس منش جيون سکي بڻائڻ ۾ سڦلتا ملي آهي؟ نه- هر هميشه ڪيس ناڪامايي حاصل ٿيندي رهي آهي ۽ ٿيندي رهندي.

و- سائين اسانکي هاڻي محسوس ٿو ٿئي ته اَهم پيار ۽ سوارٿ سڀني کان خراب ڀاو آهن. اسان جا سڀ جهڳڙا به

پيدا ڪيا ويا. هر ڪنهن گهر ۾ اسڪول ۾ اهڙو واتاورڻ پيدا ڪرڻ کپي جنهن ۾ شيوا ۽ سهائتا جي زندگي سڀاويڪ لڳي ۽ خود غرضيءَ جي زندگيءَ کان نفرت پيدا ٿئي. اهڙن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين، جن لڳاتار ٻين جي لاءِ مددگار جيون گذاريو هجي يا ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ غير معمولي مثال قائم ڪيو هجي، انهن جي سماج طرفان قدرشناسي ٿيڻ کپي ۽ سندن اهڙن ڪمن جي لاءِ عام پسندي پيدا ڪئي وڃڻ گهرجي. ڏک جي ڳالهه اها آهي ته ڪٿي به نه اسڪولن ۾ ۽ نه گهرن ۾ — اهڙو سماجڪ واتاورڻ آهي جنهن ۾ هر انسان جي شيوا جا سدگڻ وڌن.

مونکي ڪجهه پريوارن جي واقفيت آهي جن ۾ اهڙا گڻ موجود آهن ۽ انهن پريوارن جا ٻار وواهت جيون ۾ شاندار وفاداريءَ ۽ ساٿيپڻي جو اچرج ڏيندڙ مثال ڏين ٿا. مان ته جڏهن به انهن پريوارن جي ٻارن کي ڏسندو آهيان ته تمام خوش ۽ اُلساهت محسوس ڪندو آهيان.

اهو تمام ڏکدائي آهي ته دنيا سڦل جيون جو راز وساري ڇڏيو آهي. رڳو ڪن ورلن کي سندس جهلڪ ڏسڻ ۾ آئي آهي. پر ڪڏهن ڪا باقاعدي يا بالترتيب ڪوشش نه ڪئي ويئي آهي ته ٻارن کي اوچ سک جي اُصولن جي سکيا ڏني وڃي.

اسان کي اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته هن زندگيءَ ۾ سڀني کان وڏو نيم، جنهنجو اسانکي سڀني کان وڌيڪ گهرائيءَ ۾ اڀياس ڪرڻ ضروري آهي، اهو آهي سنبنڌن جو نيم. اسان هڪ نه ٻئي طريقي سان سنبنڌن ۾ جڙيل آهيون. انهن سنبنڌن جي جيون نه رڳو ناممڪن آهي پر اُنجي ڪلپنا ڪرڻ به اَسنڀو آهي. اسان جو سنبنڌ طبعي جڳت سان آهي. اسان جو سنبنڌ ونسپتي جڳت سان آهي. اسان جو سنبنڌ پشو جڳت سان

اوچو آهي. پر اوسنائين پهچجي ڪيئن؟

س- اسان جي سماج ۾ هن آدرش جو پورو عمل ڪيو ٿو وڃي. اسانجي سماج جي هرهڪ سيوڪ ويچار ۽ جيئري تي جيئري شادي نه ڪرڻ جو قسم کاڌو آهي. اهڙن اوچ آدرشن کان پرياوت ٿي ڪري سوين وواهت جوڙا اهڙي وواهت جيون گذاريي رهيا آهن جيڪا ٻنهي ڌرين لاءِ نعمت آهي.

و- اوهان ۾ طلاق جائز آهي؟

س- نه. طلاق لاءِ نه ڏنڊ مقرر آهي. اسانجي لاءِ شادي هڪ دفعو ٿي نه سدائين لاءِ ٿي.

و- پر ڇا اوهان اهو ڪونه ٿا محسوس ڪريو نه جيڪي پاڻ ۾ گڏ نه رهڻ چاهيندا هجن انهن لاءِ اها بي انصافي آهي؟

س- شادي ڪو گڏي گڏيءَ جي راند ڪونه آهي. شادي نه هڪ گنڀير قدم آهي جيڪو سوچي سمجهي کڻجي ۽ مضبوطيءَ سان کڻجي. جن طلاق جو مزو چکيو آهي اُنهن کي اُن جي نالي کان نفرت آهي. هڪ طلاق شده پتنيءَ لکيو آهي ته ”جيڪڏهن اوهين پنهنجي ۽ پنهنجي پيارن جي جيون کي ڏکدائڪ ۽ دل ٽوڙ حالتن کان بچائڻ ٿا چاهيو ته اوهان کان جيتري به وڏي قرباني ٿي سگهندي هجي اها ڪري به طلاق کان بچو.“ رشيا جي اسٽالن ڪميونسٽ هوندي به طلاق جي قاعدي کي سخت ڪري ڇڏيو هئو جيئن وواهت جيون قائم ۽ دائم رهي. اسلام به طلاق کي خراب ٿو سمجهي ۽ آسانيءَ سان ڏيڻ نٿو ڏئي. اسان جي سماج ۾ نه طلاق جي سخت منع آهي. جن هڪ ٻئي لاءِ وواهت جيون اَرپڻ ڪري ڇڏي آهي، سي هڪ ٻئي کان الڳ رهي سگهن ٿا پر ٻي شادي ڪونه ٿا ڪري سگهن. انهن کي وري شادي ڪرڻ جو حق ايستائين ڪونه آهي جيستائين ٻنهي مان هڪ جٽو گذاري ڪونه ٿو وڃي.

انهيءَ سبب آهن. اسان اهو به محسوس ٿا ڪريون ته وواهت جيون منش جاتيءَ جي پيڙهه ۽ پايو آهي. ان مان وڌ ۾ وڌ آنند پراپت ڪرڻ لاءِ پوتر پريم جو هجڻ ضروري آهي.

س- اوهان اهڙي پتيءَ جي باري ۾ ڇا سوچيو جنهن جو سماج ۾ به چڱو درجو هجي ۽ پئسو به ڳچ ميڙيو هجائين پر پنهنجي ٻارن جو پيار ۽ آدر حاصل نه هجيس؟ وواهت جيون جي پرک انهيءَ ۾ آهي ته ٻار پنهنجي ماءُ پيءُ (مائٽن) جو ڪيترو قدر ٿا ڪن ۽ انهن جي ڪري پنهنجو ڪيترو فخر ٿا سمجهن يا ڪيتري قدر مائٽن پاڻ کي پنهنجي ٻارن جي نظر ۾ عزت جي قابل ثابت ڪيو آهي. ٻار به اهڙي پيءُ کي چاهين ٿا ۽ عزت ڪن ٿا جيڪو سندن ماءُ (پنهنجي پتنيءَ) کي چاهي ٿو ۽ عزت ٿو ڪري. جيڪي پيئر غير وفاداريءَ جو جيون ٿا گذارن يا پنهنجي زالن سان وحشاڻو ورتاءُ ٿا ڪن، پنهنجي ٻارن جي عزت پائڻ کان محروم ٿا رهن ۽ پنهنجي جيون سان ٻارن تي ڏاهو غلط اثر ٿا وجهن ته وواهت جيون جي معنيٰ جهنگلي سوئر يا جانور جو جيون آهي. فقط پيار ڪندڙ پتي پتنيءَ کي ئي ٻار جڻڻ جو اڌڪار آهي. جيڪي ٻار پيار ڀريي واتاورڻ ۾ پلجن ٿا، انهن ۾ ئي زندگيءَ جو صحي نظريو پيدا ٿئي ٿو. تنهن ڪري وواهت جيون ۾ انسان جو پهريون ۽ سڀ کان اُتم فرض اهو آهي ته هڪ ٻئي لاءِ شيوا، سنمان، عزت، سهارو، سدڀاو ۽ مدد جي اوچ آدرشن کي دل سان هنڊايون ۽ پوترتا، وفاداري، نيڪي ۽ ساٿيپڻي جو جيون گذاريون ۽ ٻين جي شيوا ڪريون. جيڪڏهن گهرن کي سماجڪ برباديءَ ۽ تباهيءَ کان بچائڻو آهي ته وواهت جيون ۾ مٿيان سڀ گڻ موجود هجڻ ضروري آهن.

و- سائين اوهان جو وواهت جيون جو آدرش ڪافي

و- اها نه وسهه جي ڳالهه ڇٽي نه اسان اهڙي شڪتي ڀنڊار جا مالڪ آهيون.

س- ها، اسان ۾ اهڙو شڪتي ڀنڊار آهي. هڪ وڏي عاشق مجنوءَ جو هڪڙو قصو آهي. چون ٿا هو پنهنجي ڳوٺ ۾ رستي تي بيٺو هئو ته سندس ڀرسان اٺ تي هڪڙو سوار اچي لنگهيو. مجنوءَ پڇيس ڪاڏي ٿو وڃين ته هن انهيءَ شهر جو نالو ٻڌايس جتي سندس محبوبا ليلا رهندي هئي. اوٺيءَ کي چيائينس پلا منهنجو نياپو ليلا کي پهچائج. سوار چيس منهنجي اٺ سان گڏ ڊڪندو هل ۽ پنهنجو نياپو به ٻڌائيندو هل. مون کي ترسي ڪري تنهنجو نياپو ٻڌڻ جو وقت ڪونهي." چون ٿا مجنو نياپو ٻڌائڻ ۾ ايترو ته محو ٿي ويو جو ڊڪندي ۽ ڳالهائيندي سمجهه ئي نه رهيس جو اوتري ۾ ليلا جو شهر به اچي ويو. تڏهن ٿو اٺ تي ويٺل سوار چئيس، "هاڻي وڃي پاڻهي کيس پنهنجو نياپو ڏيئي اچ."

چون ٿا ويچاري ڪمزور ماڻهوءَ (مجنو) ڇاونجاهه ميل ڊڪندي ڊڪندي پار ڪيا. اها ڪائي ناممڪن ڳالهه ڪونهي. زورآور جذبن جهڙوڪ پيار ۽ پريم اهڙين ڳجهين طاقتن جا ڀنڊار کليو ٿا پون.

اسانجون اڻ پڙهيل زالون اهڙيون ته ڪمزور ۽ لڄ ڀريون سمجهيون وينديون آهن جو ڪو به ڪائن اها اميد ڪونه ڪندو ته ڪو هو به ڪنهن خطري جو مقابلو ڪري سگهنديون.

پر اهو به سچ آهي ته اهي اڻ پڙهيل ۽ لڄ واريون زالون وقت تي وڏيءَ بهادريءَ سان خطري جو مقابلو ڪنديون آهن. شريمتي هرنام ڪور جي بابت هڪ سچو واقعو آهي ته جڏهن هن ڏٺو ته مشهور ڊاڪوءَ لالسنگهه، جنهنجي سر لاءِ سرڪار پاران انعام آڇيل هئو، جي هٿن ۾ سندس پيءُ ۽ ڀائرن جون جانيون خطري ۾ آهن ته هوءَ ڊاڪوءَ جي پٺيان اُلر ڪري

# ساٿوڪ پيار

وديارٿي- سائين! پيار جي ٻي به ڪائي اهڙي خاصيت آهي جيڪا ڪيس نهايت عمدو ٻڌائيندي هجي؟

سکشڪ- پيار اسانجي اندر لڪل انهن شڪتيوان طاقتن جي پڌار ڪي ڪڍي ظاهر ٿو ڪري جيڪي ڪنهن به سراسري ماڻهوءَ ۾ ڪو نه ڏسڻ ۾ اينديون.

و- مهرباني ڪري مثال ڏيئي سمجهايو.

س- مون اوهان کي اڪثر هڪ ڪمزور ڇوڪريءَ جي آکاڻي ٻڌائي آهي جيڪا سورهن سالن جي عمر ۾ ماءُ ٻڇي ويئي هئي. پنهنجي ٻار کي سنان ڪرائي ۽ پڪي ڪري اُس سيڪڻ لاءِ کٽ تي سمهاري ڇڏيو هوائين. اينتري ۾ هڪ وڏو پکي لامارو ڏيئي ٻار کي وٺي آسمان ۾ اُڏاڻو، ڇوڪريءَ هي دل ڏهڪائيندڙ ناٽڪ ڏٺو ۽ اُٿي ڊڪي ۽ اکيون پکيءَ ۾ اَڙيل. پکي اُڏامندو هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ ڏي ويو. هوءَ به ان جي پوئتان ڊڪندي ڊڪندي اُن ٽڪريءَ تي چڙهندي ويئي ۽ وڃي چوٽيءَ تي پهتي ۽ پکيءَ جي آکيڙي تائين پهچي خوب جنگ جوٽيائين ۽ آخر پنهنجي ٻار کي واپس هٿ ڪيائين. هاڻي سنڌس رئون جواب ڏيئي بيٺيون. پيار مان اُتپن ٿيل همت جي پڌار جو اچي اَنت ٿيو. هاڻي سنڌس لاءِ وڏو مسئلو اهو هئو ته هيٺ ڪيئن لهي. انهيءَ وچ ۾ ڳوٺوارن جن هيءُ سڄو رنگ پئي ڏٺو، اچي سنڌس مدد لاءِ پهتا ۽ انهن جي مدد سان هوءَ هيٺ لهي آئي ۽ اچي گهر پهتي. تنهنکان پوءِ ته پنهنجو پاڻ تي به اعتبار ڪو نه پيو اچيس ته اهڙي ڏکي چاڙهي چڙهي ڪيئن هوندس!

پيار نہ هو، بہ ٻئي ڪنهن عام رواجي پادريءَ جو جيون گذاري ها. پر نہ، هو اهڙن ڏکايلن ۽ گناه آلودن لاءِ دنيا ۾ همدرديءَ جو چشمو ثابت ٿيو. پر اهو ڪهڙن کي محسوس ٿيو آهي تہ غريبن جي ڀلي لاءِ هڙتيءَ ڀيجوڙ ناٽڪ رچائڻ واري جي اندر ۾ اُهو سڀ سانوڪ پيار مان آتپن تيل شڪتين جو ڪم هئو؟

منش کي اهو محسوس ٿي ڪونہ ٿو ٿئي تہ سندس ستل طاقتن جو ڀنڊار دماغي ترقيءَ سان ڪونہ ٿو کلي. اهو تہ رڳو پر اُپڪار جي لاءِ پيار جي شڪتي ئي ٿي ڪري سگهي.

افسوس جي ڳالهہ تہ اِها آهي جو عام طرح سان پيار معنيٰ عورت جو مرد سان پيار يا عورت سان مرد جو. ماڻهن کي ڪشش لہ شيرين فرهاد ڏانهن آهي. سسئيءَ پنهونءَ جي عشق جي قصي ماڻهن کي مگن ڪري ڇڏيو آهي. دنيا جي تہ بس اِهائي پڪار آهي ”دنيا تہ عاشق کي ٿي چاهي.“ هڙو پيار پوءِ ڀلي ئي جائز هجو ڪونہ هجي پر اسانجو واڌارو ڪونہ تو ڪري سگهي. سانوڪ پيار ئي عمدو پيار آهي. اُنجي گهيري ۾ هڪ نہ، هڪ هزار نہ، هڪ لک نہ، بلڪ اڻ ڳڻيا ماڻهو آهن. تنهن ڪري سندس طاقت گهڻي آهي. اِهو پيار طاقت جي لڪل ڀنڊارن کي ڪماليت سان پڌرو تو ڪري.

و- سانوڪ پيار ڪيئن تو پيدا ٿئي ۽ وڌي؟

س- سانوڪ پيار لکين ماڻهن جي ڏک، درد، آزار، سانئن ٿيندڙ بي انصافي ۽ ظلم کي ڏسي تو جاڳرت ٿئي ۽ اهي ئي سندس ڪاج آهن. جتي لکين ماڻهو اهو ڏسي ڪري بہ اڻڏٺو تا ڪن، اُتي اهڙن سانوڪ ماڻهن جي ننڊ ئي ڦٽي پوي ۽ ڪين سک آرام رهو تڏهن تو محسوس ٿئي جڏهن ٻين جي ڀلائيءَ ۾ جتي تا وڃن. ڪرسٽ جي ڪهاڻي ڇو ٿي ماڻهن جي دلين ئي ايڏو اثر ڪري؟ ڇاڪاڻ جو ڪرستان اُنهيءَ جو پرچار تا ڪن تہ ڪرسٽ تڪليف ۽ پيل منش جاتيءَ لاءِ صليب ئي

ونئي ۽ سنڌس هار کي ٻڪڙي ڪري اهڙي زور سان وٺي گهمائڻ جو هنجو ساهه منجهڻ لڳو ۽ بيهوش ٿي ڪري پيو. سنڌس پائون پوءِ هنجو ڪم تمام ڪري ڇڏيو. ٻئي ڪنهن وقت شايد هوءِ ڪنهن سانڍارڻ ڏاڪوءَ جي سامهون اچڻ جي همت به نه ڪري سگهي هان. پر ڪيتري نه تعجب جي ڳالهه آهي جو اهڙي ذاڙيل سان جنهن ونئي ۽ ختم ڪري ڇڏيائينس جنهن سڄي ضلع ۾ ڌهڪاءُ پيدا ڪري رکيو هئو. هوءَ پنهن جي اندر اينتري طاقت ۽ همت جي پندار کان اڻ ڄاڻ هئي پر پيار اُن کي ڪولي ظاهر ڪيو ۽ ڪم آندو.

آهي طاقتن جا پندار انهيءَ ماڻهوءَ ۾ شاندار روپ ۾ ٿا پسجن جنهنجو پيار محدود قسم جو ڪونهي.

و- پيار محدود قسم جو وري ڪيئن ٿيندو آهي؟

س- پيار محدود انهيءَ طرح آهي جيئن ماءُ جو پيار پٽ لاءِ يا وواهت جوڙي جو پيار هڪ ٻئي لاءِ. اهڙي اُي قسم جو پيار پائرن، ڀينرن ۽ دوستن لاءِ ٿئي ٿو. پر جڏهن به اهڙو پيار پيدا ٿو ٿئي ته ٿئي شاندار ٿو. پر اهڙي پيار کان گهڻو گهڻو اوچو پيار آهي سالوڪ پيار. سالوڪ پيار محدود ڪونه ٿئي ۽ ڪڏهن نه سنڌس دائرو سڄي منش جاتي آهي. انهيءَ ڪري اهڙي پيار مان آلما جا اهڙا اَچرج جهڙا طاقت جا پندار ٿئي ٿا نڪرن جو ڪيس وشو وياپي طاقت بڻايو ڇڏن.

و- سائين مهرباني ڪري ڪجهه مثال ڏيندا؟

س- دنيا ۾ ٿهليل مڪتي فوج جو پايو وجهندڙ جنرل بوٿ کي پنهنجي ڪم جي پوري ٿا گندين بستين ۾ رهندڙ ماڻهن جي حياتين کي ڏسي ڪري ملي. گناه آلوده ۽ ڏکايلن جي لاءِ پيار سنڌس اَندر اهڙو تحرڪ پيدا ڪري ڇڏيو، جو اُنهن جي اُڌار ۽ ڀلي لاءِ ڪنهن زبردست تحريڪ قائم ڪرڻ کان سواءِ سنڌس لاءِ ٻيو ڪوئي چارو اُئي ڪونه هئو. اهڙي

دنيا ۾ بربادي ٿا آڻن. جني ساتوڪ پيار جي گهٽي ڪان گهٽڻ ماڻهن جي ٻارن دلي آجيان ٿي ٿئي آلي نيچ انوراڳن جو سيني هنڌ مقابلو ۽ مخالفت ٿي ٿئي. نيپولن جي دنيا مٿان راڄ ڪرڻ جي اِڇا سڄي يورپ مٿان سنڌس سٺڪن هٿان ڌڪا ۽ بربادي ڇائي ڇڏي. پر سندس ڇمڪو ڪجهه ڏينهن اِي رهيو. هٽلر به ساڳئي اِي مرض جو مريض هئو ۽ هن جرمن لوڪن ۾ سنڌن اوُچ جاتيءَ جو ڪوڙو احساس ڀري سڄيءَ دنيا کي ٽرتلي ۾ وجهي ڇڏيو. پر سندس نيچ انوراڳن کي ڪيترو نه ٿورو سمو حاصل ٿيو. هرڪو پيار- ساتوڪ يا نيچ- ڪجهه لڪل طاقت جي ڀنڊارن کي ظاهر ٿو ڪري. ساتوڪ پيار اُنهن طاقتن کي دنيا جي ڀلي لاءِ ٿو ڪم آڻي ۽ نيچ انوراڳ دنيا جي بربادِيءَ لاءِ. مان جڏهن جڏهن اوهان اڳيان پيار جي بابت ڪجهه چوان ٿو ته منهنجو مطلب ساتوڪ پيار سان آهي. سو ياد رکو ساتوڪ پيار جيون دائڪ آهي ۽ نيچ انوراڳ جيون ناشڪ.

و- پر سائين دنيا تي ته ڪهڙين قسمن جي نيچ انوراڳن جو حڪم ٿو هلي. نيچ انوراڳن جا مکيه قسم آهن پئسي جو پيار ۽ لالچ، ڪام انوراڳ، خود جو پيار يا نالي، مشهوريءَ، پد، طاقت، جائداد، راڄ يا حڪومت جو پيار، نشيلين شين جو پيار، سواد جو پيار، سستيءَ مان پيار وغيره. اهي اِي نيچ انوراڳ اِنسانيت تي غالب آهن.

س- برابر، اُنهنجو حڪم ماڻهن تي اَڪيلي ۾ يا ٽولين ۾ ٿو هلي.

و- پر ڇا اُهي سڀيئي بربادي آڻيندڙ آهن؟

س- بلڪل. اُنهن کي ناس ڪيو معنيٰ اوهان سڀني گناهن ۽ ڏوهن کي ناس ڪيو، گهڻي قدر بيمارين جو ناس ڪيو ۽ ٻري گهڻت سڀني لڙاين ۽ اُنميلن جو ڪم تمام ڪيو.

چڙهيو. ٻين جي ڏک دور ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ٻوهي ۾ وجهڻ جو نظارو ٿي هزارن جي دلين کي ڇڪيندڙ آهي. اهڙيءَ ڪري يسوع مسيح جي قرباني ماڻهن لاءِ ڪرستان ڌرم لاءِ سڀ کان وڏي ڇڪ آهي. مهاتما ٻڌ جي عزت ناستڪ هوندي به سڄيءَ دنيا ۾ ڇو آهي؟ ڇاڪاڻ جو سندس پوئلڳ ان ڳالهه جو پرچار ڪندا ٿا رهن ته مهاتما ٻڌ موڪش جي حد تائين پهچي ڪري به وري دنيا ۾ فقط اُنهيءَ لاءِ موٽي آيو ڇاڪاڻ جو باقي دنيا کي ٻنڌن ۽ ڏک ۾ جڪڙيل ڏسي ڪري هن کان سهن ڪونه ٿيو ۽ پاڻ اَڪيلو موڪش جو ڦل ماڻڻ نيڪ نه سمجهيائين. تنهن ڪانسواءِ ساهوارن لاءِ بيجوڙ دِيا جي ڪري نه ڪيس رعم جو ديوتا ڇيو ٿو وڃي. سندس نالي ۾ شانتيءَ ۽ دِيا جو جادو ڀريل آهي. اَڪيلي ٻڌ اَڻ ڳڻين ماڻهن کي اهنساوادي بڻائي ڇڏيو. ڪيتري نه زبردست هئي سندس طاقت!

و- ڇا اسان به اهڙا طاقتور ٿي سگهون ٿا؟

س- جيڪو به سالوڪ پيار ڪان متاثر هوندو، دنيا جي ڀلي جي لاءِ هڪ مضبوط طاقت بڻجي ٿو سگهي.

و- ڇا جي ڪري لکين ماڻهو سالوڪ پريم جو سدگڻ پنهن جي جيون ۾ نٿا ظاهر ڪن؟

س- ڇاڪاڻ ته سندن متان خوديءَ جو پيار غالب آهي. سندن مرڪز ۽ گهيرو خود تائين محدود آهي. هو جيڏانهن به ويندا رهو ڏک ڦهلائيندا ۽ خوشي ته ٻنهه نه.

و- ڇا خوديءَ جو پيار ڪنهن قسم جي شڪتين جا ڀنڊار ڪونه ٿو کولي؟

س- اجا تائين مان اوهان کي اهڙا مثال ڏنا آهن جن ۾ لڪل طاقتن جي ڀنڊارن خوشي ۽ جيون جي ڦهلاءَ جو ڪم ڪيو آهي. جڏهن اهي لڪل شڪتيءَ جا ڀنڊار خوديءَ جي پريم جي وس ٿي ٿا وڃن ته ڀوائتو روپ ٿا اختيار ڪن ۽

(۴)

## ساتوڪ پيار ۽ تمس پيار

وديارٿي- سائين! اوهان ڪرپا ڪري پيار بابت سڀ غلط فهمي دور ڪري ڇڏي آهي. اسان ته هن مهل تائين ڪام واسنا کي ئي پيار سمجهندا هواسين. پر اوهان ته پيار ۾ هڪ اهڙو انش ڳنڍي ڇڏيو آهي جو پيار نفس کان گهڻا ميل پري پيو پاسي. اوهان جي چوڻ موجب اوچ وفاداري جنهن ۾ سوارٿ جو پورو تياڳ آهي اهائي ساتوڪ پيار جي مکيه نشاني آهي. ماتا جو ٻار لاءِ پيار هڪ سريشٽ درشيه آهي. ساڳيءَ طرح وواهت جوڙي ۾ سندن هڪ ٻئي ڏانهن وفاداري، سچائي ۽ سيوا جي ڀاونا تمام پوتر شيءِ ڄمبي. سو جي اسان پيار جي ڪسوٽي اها رکون ته اهو ڪيترو ڪمائتو آهي ته ساتوڪ پيار ٻين سڀني قسمن جي پيار کان اتم آهي. اسانجي اوهان کي اها ونيه آهي ته ساتوڪ پيار بابت اسان کي اڃا وڌيڪ ڪجهه ٻڌايو.

سکشڪ- جهڙيءَ طرح ديا جي اوتارن لکين ماڻهن جي غمن ۽ ڏکن کي متائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ هزارين گهرن کي خوشيءَ ۽ فضيلت سان پُر ڪيو آهي تيئن ديا- رهت ماڻهن وري هن دنيا کي نرڪ بڻايو آهي. رنگ ڀيد جي نيتيءَ گورن جي اِتهاس کي سياه ڪري ڇڏيو آهي. نيگرو جاتيءَ جو مسئلو اڃا به اميريڪا جو هڪ وڏو مسئلو آهي. ڪاري چمڙيءَ وارن سان ڪيل ظلمن جو ته ڪاٿو ئي ڪونهي. ٻاهرئين رنگ ۾ ڪو دل جي رنگ جو عڪس ته ڪونه ڏسي سگهبو. ڪارو ماڻهو ٿي سگهي ٿو فرشتو هجي ۽ گورو هڪ شيطان! گورو ماڻهو ڇو نه ٿئي ڪنهن گوريءَ يا ڪاريءَ عورت جي عصمت لٽي ته به ڪيس قاسي ڪانه ڏني ويندي. پر جي

و- ڇا اوهانجو ويچار آهي تہ سڀ قسم جا ساتوڪ ڀار فائديمند آهن؟

س- اهي سدائين فائديمند آهن ڇاڪاڻ جو سندن مکيہ مقصد ٻين جو ڀلو سوچڻ ۽ ڪرڻ آهي. جيڪڏهن دنيا جا سڀ ماڻهو رڳو ٻين جو ڀلو سوچيندا رهن ۽ ٻين جي شيوا ڪندا رهن تہ هوند هرهنڌ، صلح ۽ مٺ محبت جو راڄ ٿي رهي. اهي انساني طاقتون جيڪي هن وقت ٻين جي نقصان ڪرڻ ۾ لڳل آهن جيڪر ٻين جي شيوا ۾ ڪتب اچي سگهن تہ اهو سمو جيون جي لاءِ ڪهڙو نہ مناس پورڻ ٿي پوي!

غضب ڪيو آهي ته ڇا مذهبي تعصب ڪونه. اهڙين طاقتن کي جنم ڏنو آهي جن دنيا ۾ رت، آگ ۽ برباديءَ جون نديون وهايون آهن؟

س- ائين ته برابر ٺيڪ آهي. ڀلي اسين ڌرم جي سٺائيءَ جي تعريف ڪريون پر ساڳئي وقت اُن سچائيءَ ڏانهن به اک ٻوٽ ڪونه ٿا ڪري سگهون ته ڌرم پنهنجي پوئلڳن ۾ نيچ گهرڻا ٿو پيدا ڪري. جهڙيءَ طرح هٽلر جي وقت ۾ جرمن ماڻهن کي جاتي وڏائي پاڳل بڻائي ڇڏيو اهڙيءَ طرح ڌرمي وڏائيءَ به گهٽ نه مذهبن جي پوئلڳن کي پاڳل ڪري ڇڏيو آهي. بجاءِ اهو سيکارڻ جي ته سڀني کي پيار ڪيو، ڪجهه مذهب ته رڳو اُها سکيا ٿا ڏين ته رڳو پنهنجي هم مذهبين کي ئي پيار ڪيو ۽ ٻين کي ڌڪاريو. آهي غير مذهبن کي ڪافر ۽ ڌرم کان بگڙيل چئي ڪري نه رڳو بدنام ٿا ڪن بلڪ اُهو به ٿا چون ته اُنهن لاءِ موت کان پوءِ رڳو دوزخ جا دوار کليل آهن ۽ هوءُ اُنهن جي ڌرم ۾ اعتقاد نه رکڻ وارن جي جيون هن دنيا ۾ دوزخ ٿا ڪري ڇڏن. اِنسان ذات کي ڌرم جي اهڙي نقصانڪار پهلوءَ ڏانهن پنهنجو ڌيان ڦيرڻو پوندو. هرهڪ ڌرم کي پرکڻ جي ڪسوٽي اها هجڻ کپي ته اُهو پنهنجي پوئلڳن ۾ منش لاءِ (۽ ٻين ساهوارن لاءِ پڻ) ڪيتري قدر پيار جي ڀاونا پيدا ٿو ڪري ۽ ڪيتري قدر سندن اندر گهرڻا جو اَنگ گهٽائي ٿو. پيار جيون روپي وڻ کي پاڻي ٿو ڏئي ۽ گهرڻا سندس پاڙون پٽي ٿي ڪڍي.

و- سائين! اُنهيءَ تاڪيد لاءِ اسان اوهان جا شڪرگذار آهيون.

س- منهنجي ويچار ۾ ته ماڻهن جي دلين تي پيار کان هزارين دفعا وڌيڪ گهرڻا جو راڄ آهي. اُنهيءَ ڪري مونکي اُن کان خوف لڳندو آهي. لوڪشاهيءَ هڪ پارٽيءَ جي راڄ

ڪنهن ڪاري ماڻهوءَ ڪنهن گوريءَ عورت سان زنا ڪئي ته ڪيس بيدرديءَ سان چمڙي لاهي مارڻ کي به جائز سمجهيو ويندو آهي. تازو ئي اخبار ۾ اهڙي خبر ڇپي هئي ته هڪ نيگرو سولجر جو ڪنهن گوري جي زال سان، سندس مرضيءَ ۽ مڙس جي مدد سان، رستو ٿي ويو هئو. پر تنهن هوندي به اُنس مقدمو هلايو ويو ۽ کيس رڳو گوريءَ زال جي اهو چوڻ تي ته هن سائس زوريءَ زنا ڪئي هئي، ڦاسيءَ جي سزا ڏني ويئي. انگريزي اخبارن اُنهيءَ تي گهڻي واهه ويلا مچائي هئي ڇاڪاڻ جو اهو مقدمو هڪ آمريڪن ٽربيونل اِنگلنڊ ۾ ئي هلايو هئو.

ڪنهن زال جو ست لٽڻ سڀ کان حقارت وارو ڏوهه آهي. پر مٿين ڪيس ۾ ڏيکاريل رنگ جو ڀيد ڀاو ان کان وڌيڪ ڪاريءَ دل جو ثبوت آهي. جتي ديا جو ڀاو غائب هجي ۽ تعصب جو بول بالا هجي اُتي ظلم جي بوڏ اچڻ لازمي آهي.

هٽلر جي يهوديـن جي خلاف تعصب ڪانئس اهڙا تــ بي اِنصافيءَ جا ڪرتوت ڪرايا جو دنيا کيءِ اچ به اليست دڪ ۽ ڪروڌ سان پوري ٿا چڏن. هزارن کي ديش نيڪالي ڏني ويئي. يهوديـن جي ڌن دولت کي ضبط ڪيو ويو. اهـڙي بدلي جي ڀاونا جو اُن کان وڌيڪ سياهه باب ٻيو ڪو نه ٿو ٿي سگهي.

هيءَ سڀ تعصب جي نيچ انوراڳ جو نتيجو هئو. تنهن ڪري اسان کي سدائين اُهو يـاد رکڻ کپي ته ساتوڪ پيار بلند آهي ۽ نيچ گهرتا کيول شيطاني آهي. جيستائين اسان کي آهــو معلوم نه هوندو ته نيچ گهرتـا جو مطلب ڇا آهي تيستائين ساتوڪ پيار جي سندرتا جي شاندار تصوير اسانجي سامهون اچي ڪو نه ٿي سگهي.

و- اهو ته بلڪل ٺيڪ آهي سائين. جي رنگ جي تعصب

سالوڪ پيار موجود آهي. سائنسدان انسان ذات جا هتڪاري آهن. هو اسانجا اُهي دوست آهن جن ڪئين بيمارين جا علاج ۽ صحت ۽ شڪتيءَ جا قاعدا ڳولهي ڪري انسان جي عمر وڌائي آهي. هنن ڪيتريءَ جا نوان طريقا ايجاد ڪري دنيا کي مالا مال ڪيو آهي. بيهوشيءَ جي دوا ڳولهي ڪري هنن دنيا مان ڪيڏي نه ڀڙا دور ڪئي آهي. هاروي جي رت جي دوري جي اصول جي کوج وگيان ۽ انسان جي ترقيءَ لاءِ ڪيڏي نه ڪمائتي ثابت ٿي آهي. پيسچر جي جيوڙن جي اصول ڪيترين نه جانيون بچايون آهن. اوهان انيڪ سائنسدانن جا نالا سوچي سگهو ٿا جن انسان ذات کي ڪئين قدم اڳتي وڌايو آهي. ڏنيه آهي سندن پراپڪار جي ڀاونا جو پنهنجي کوجنائن جو بنا ڀيد ڀاو جي سڄيءَ دنيا کي لاڀ وٺڻ ڏنو اٿائون.

نيچ گهرٽا مونمار زهر آهي ۽ سالوڪ پيار امرت. ڌرمي ماڻهو نه رڳو اُنهيءَ کي ڇڏيو جيڪر هڪ نه ٻئي سالوڪ پيار جو ڏٽي هجي. جيڪو نيچ گهرٽا جو غلام هجي ان کي هوند راڪاس چئجي نه ته ٻي.

و- سائين، ڪنهن ماڻهوءَ ۾ نيچ گهرٽا جو پتو ڪيئن پوي؟

س- نيچ گهرٽا جو غلام نيچ سوچ نه ضرور پيو ڪندو آهي ۽ جيتري قدر ٿي سگهندس پنهنجي گهرٽا جي شيءِ جي خلاف نيچ ڪرم به ڪندو. جيڪڏهن اُن کي نقصان نه پهچائي سگهندو نه اُن جي زباني برائي ڪري اُبي پيو خوش ٿيندو. هوُ هر هنڌ بين ۾ انلاءِ بي عزتي ۽ بي اَدبي پيو پيدا ڪندو. هوُ اُن ڳالهه جي ڪائي پرواهه نه ڪندو نه جنهنجي باري ۾ گهرٽا ڪري ٿو ۽ ڦهلائي ٿو اُهي پلي سندس سڳا پيءُ، ماءُ، ڀاءُ، ڀيڻ يا سندس ڪوئي هتڪاري چرلہ هجن. هن کي اُن ڳالهه سان به ڪوئي مطلب ڪونهي نه جنهنڪان هو

جو رواج چالو ڪيو آهي. اها پارٽي بازي به جڻ شيطان جي هٿن جو گهڙيل هٿيار آهي جنهن سان ڪنهن به نيڪ ڪاريه کي سگهسار ڪري ٿو سگهجي. اها پارٽي بازيءَ جي پاونا دلين ۾ نفرت ٿي پيدا ڪري:. ڪنهن به ڌارمڪ سماج ۾ جيڪڏهن اها پارٽي بازي جي پاونا اچي وڃي ته پوءِ سندس خاتمو سمجهو. لنهنڪري انسانيت جي عدالت ۾ اُهي وڏي ۾ وڏا گنهگار آهن جيڪي اهڙي قسم جي پاونا کي دل ۾ ٿا رکن ۽ ڪنهن به اُتم ڪاريه ۾ اهڙي گنديءَ پارٽيءَ بازيءَ کي ٿا آڻن:-

و- سائين، ڪنهن به قوم ۾، جنهن ۾ ڪنهن اُتم ڪاريه لاءِ سالوڪ پيار جو معدو ڪونهي، اُنهن ۾ پارٽي بازي ته قهر ڪندي هوندي.

س- سچ پچ. اوچ ڪاريه لاءِ پيار ئي سالوڪ پيار آهي. واستو ۾ سالوڪ هرديه پارٽي بازيءَ جي وحشاني پاون کي دل ۾ جڳهه ڏيئي نٿو سگهي. اهڙي هرديه ۾ نفرت لاءِ سوچڻ جو به سمبه ئي ڪونه هوندو آهي. عام طرح سان رڳو اهڙن ماڻهن جي هردي ۾ بدي ۽ نيچ گهرٽا جون پاونائون گهر ڪنديون جن تي خوديءَ جي پيار جو پورو پورو اثر آهي. جتي خود مطلبيءَ جو راڄ آهي اتي پارٽي بازيءَ جو بول بالا آهي ۽ اُتي نيچ گهرٽا خوب تي ڦلي ڦولي:-

و- سائين دِيا ڪانسواءِ بيو به ڪو سالوڪ پيار آهي؟

س- اُهڙي اوچ پيار جا ٽي گهڻيئي قسم آهن. ڪنهن سائنسدان جي بابت ۾ ئي ڪلي سوچيو. جڏهن هو قدرت جي ڪنهن سچائيءَ کي پرکڻ لاءِ بنا ڪنهن ڏن پراپتيءَ جي لالچ جي پنهنجو وقت ۽ شڪتي استعمال ٿو ڪري ۽ رڳو اُن سچائيءَ جي کوج ۾ خوشي ٿو حاصل ڪري ۽ اُن کوج جو بنا ڪنهن ساڙ جي سڄيءَ دنيا کي فائدو وٺڻ ٿو ڏئي ته چئبو ته منجهس

Near Prabhat Cinema
SINDHUNAGAR-421 004.



هو ڪنهن ٻه وجود جي روپ ۾ ڪريا کي غير واجب نقصان تو رسائي ته هؤ پاڻڪي ٻه نقصان تو پهچائي. هن زماني ۾ اها سخت اعتراض جي ڳالهه آهي ته ڪنهن جهيڳڙي ۾ ڪوئي خود ئي جج ٻڻجي پنهنجي فائدي ۾ فيصلو ڪري ۽ اُن تي خود ئي تعميل ڪري ۽ سماج جي قاعدي قانون جو ڪوئي خيال نه ڪري. سچ ته اهو آهي ته ماڻهوءَ کي نيچ گهرڻائن کان ڪو ٻه ڊپ ئي ڪونهي. اهو ٻه پاڻکي سنت تو چوائي جنهنجي مٿان نيچ گهرڻا جو پورو رنگ چڙهيو پيو آهي. اُهو ٻه پاڻ کي وڏو سنت تو چوائي جنهنجي نيچ گهرڻا غير مذهبين جي خلاف آهي.

و- دنيا کي اهو آگاهه ڪرڻ جي ڪيتري نه سخت ضرورت آهي ته سالوڪ پيار انسان ذات جي جيون روپي وڻ لاءِ پاڻيءَ مثل آهي ۽ نيچ گهرڻا، پارٽي بازي، مذهبي پاڳلپڻ يا نراس ڪيل نيچ انوراڳ ائين آهن جڻ ته اُن وڻ جي جڙن ۾ لمل وڏو وجي يا سندس پاڙن ۾ زهر جي سئي هڻجي يا ڪيس باهه ڏيئي ساڙجي.

س- منهنجي ته اهائي ڪامنا آهي ته سالوڪ پيار جي سريشٽتا انسان ذات کي سمجهه ۾ اچي ۽ نيچ گهرڻائن جي هيبت کان ڪيس خوف لڳي. نيتڪ سنسڪرتي ۽ آتمڪ شڪتا جو سمورو زور اُن ڳالهه تي هڻڻ گهرجي ته انسان کي نيچ گهرڻا کان ڪيئن مڪت ڪجي ۽ اُن ۾ سالوڪ پاون جو ڪيئن وڪاس ڪجي.

نفرت ٿو ڪري اُن جي زندگي ٻين لاءِ نعمت آهي يا هنجون شيوائون ٻين لاءِ وردان ثابت ٿيون آهن. هنجو رڳو هڪ ئي مقصد آهي ناس ڪرڻ ۽ خاص ڪري پنهنجي گهرٽا جي شيءِ کي صفحہ هستيءَ تان مٽائڻ.

و- اُهو ماڻهو ڪهڙو نه راڪاس هوندو!

س- نيچ گهرٽا جو هڪ غضبناڪ مثال ”سائنس ۽ ڌرم جي مت ڀيدن تي ليڪچر“ نامڪ ڪتاب ۾ لکيل آهي. عيسائن جي تواريخ ۾ هڪ فيلسوف عورت جو ذڪر آهي جيڪا اهڙي ته ودوان ۽ فصيح زبان هئي جو سندس وياکيان ٻڌڻ لاءِ سوين ماڻهو اچي هال ۾ ڪٺا ٿيندا هئا. هڪڙي پادري سوچيو ته هيءَ ته عيسائي ڌرم لاءِ وڏو خطرو آهي. پنهنجي دينداريءَ اُن پادريءَ ۾ ايتري ته نيچ گهرٽا پيدا ڪئي جو هڪ ڏينهن هن پنهنجي ڪجھ ساٿي پادرين سان اچي اُن فيلسوف عورت کي پڪڙيو ۽ ماري سندس ساھ ڪڍي ڇڏيائون. سندس جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري هڏين تان گوشت ڇلي لاٿائون ۽ پنهنجي من کي شانتي ڏنائون.

و- سائين، ايترو هوندي به هو پاڻ کي ديندار پيا سمجهن؟

س- هائو ۽ دنيا اڄ به اُن پادريءَ کي ديندار ٿي تصور ڪري. چيو ٿو وڃي ته هن پنهنجي ڌرم جي خلاف اهڙي خطري کي دور ڪري اُن جي سيوا ڪئي. هن استري جاتيءَ لاءِ سنمان، سهن-شيلتا ۽ انسانيت جي اوچ نيمن جي ٺڪري ڪئي پر تنهن هوندي به تڏهن کان وٺي اڄ تائين سنت وانگر پيو پوڄجي.

و- سائين اها ته خيالن جي گمراهي چئبي؟

س- اُهو سڀ اُنهيءَ ڪري آهي ڇاڪاڻ جو انسان اڃا اهو سبق نه سکيو آهي ته هو قدرت جو هڪ انش آهي. تنهن ڪري اهڙي ڪنهن به ارادي کان متاثر ٿي ڪري جيڪڏهن

ڳالهمون وٺن ٿيون ۽ ڪي نه.

و- ڇا سورهيه پوڄا لازمي آهي؟

س- هائو. سورهيه پوڄا مان اُبي نون اڳوانن جي پيدائش ٿي ٿئي. اڳوان لاءِ پيار ۽ پوڄا مان اسان ۾ سندس گڻن جو پرويش ٿو ٿئي ۽ اهڙي طرح اڳوانن جا گڻ سڄيءَ قوم جا گڻ بڻجيو ٿا پون. ٽيوڊر پارڪر اهڙي قسم جو اڳوان هئو جنهنجي مرڻ کان پوءِ به سندس پوئلڳن غلامن کي آزاد ڪرائڻ جي جدوجهد جاري رکي. سڄيءَ قوم ۾ ٻانهن کي آزاد ڪرائڻ جو جذبو پيدا ٿي ويو. هڪ نيلسن انگلنڊ کي هزارين ساموندي ليڊر ورلي ۾ ڏنا آهن ۽ سڄيءَ قوم ۾ نيلسن جي گڻن جو جھٽڪ جادو ٿي ويو آهي. گانڌيءَ جي پنهنجي ديشواسين کي آزاد ڪرائڻ جي ڏن هڪ اهڙي ڪم ڪندڙن نوجوانن جي فوج کي جنم ڏنو جنهنجو هرهڪ سپاهي ديش کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪهڙي به قرباني ڪرڻ لاءِ تيار هئو. قومون پنهنجي سورهين جي گڻ جذب ڪرڻ سان وڌنديون آهن. جيڪي قومون ڪي به سورهيه ڪونه پيدا ڪنديون آهن يا جن ۾ پنهنجي سورهين جي گڻن کي جذب ڪرڻ جو معدو ڪونه هوندو آهي اُهي ڪڏهن به ترقي ڪونه ڪنديون آهن. تنهنجي ڪري سورهين جي جنم ڏينهن ملهائڻ لاءِ جيترا گهڻا ڏڻ ٿي سگهن اوترا ملهائڻ کپن.

و- سائين سورهيه پوڄا ۽ گرو پوڄا ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟

س- سورهيه پوڄا ۾ آتمڪ پڪتيءَ جو انگ موجود ڪونه ٿو ٿئي. جن ۾ به اوچ ڪوٽيءَ جي بهادري، آتم ڪارج لاءِ قربانيءَ جو ڀاو، دنيا جو غير معمولي ڪار، يا ٻين جي دکن کي دور ڪرڻ جو ڪم موجود آهن، اُهي ٻين لاءِ سورهيه بڻجڻ جي قابليت وارا آهن. پر جڏهن اسانجي ڪوچ آتمڪ گيان ۽ آتمڪ وڪاس لاءِ آهي تڏهن جيڪو به اسانجي اهڙيءَ

(۵)

# مهاپرشن لاءِ ساتوڪ پيار

وديارٿي - سائين، هن مهل تائين اوهان جن قسمن جي پيار جو ذڪر ڪيو آهي، اُنهن ۾ گهرو رشتن جو پيار، غريبن لاءِ پيار ۽ مصيبت زده اِنسان ذات لاءِ پيار شامل هئا. اُنهن کان سواءِ ٻيو به ڪنهن قسم جو پيار ٿيندو آهي ڇا؟

سکشڪ - ساتوڪ پيار ته گهڻن روپن ۾ پسي سگهبو آهي، جهڙوڪ سورهيه جو پيار جنهنجو روپ شرڌا ۾ پرگهٽ ٿو ٿئي. ڊاڪٽر جانسن لاءِ باسويل جو پيار اهڙي قسم جو پيار هئو. مهاديو ڊيسائيءَ جو گانڌيجيءَ لاءِ پيار به اهڙي قسم جو هئو. سولجرن جو پنهنجي پياري اڳوان لاءِ پيار به اهڙي ئي قسم جو چئبو. ابراهام لنڪن کي سندس سولجر تمام گهڻو پيار ڪندا هئا. جڏهن سندس دردناڪ خون جي خبر هڪ ڪئمپ ۾ پهتي جنهن ۾ ڏهه هزار سپاهي هئا، ته سناٽو ڇانئجي ويو ۽ سڀيئي زالن وانگر اوڇنگارون ڏيندي اچي روئڻ ۾ ڇٽڪيا. سڄيءَ ڪئمپ ۾ روج راڙو مچي ويو.

و- سائين اهڙي پيار جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

س- اُنجو آڌار پنهنجي اڳوان جي ڪنهن به گڻ لاءِ ساراهه قدرشناسي ۽ شرڌا آهي.

و- پوءِ ڪنهن به سورهيه جي هرڪو ماڻهو ڇو ڪونه ٿو پوڄا ڪري؟

س- ننڍ وڏائيءَ ۽ فرق جا نيم ائين ڪونه ٿا ٿيڻ ڏين. هرهڪ ماڻهو هر ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي ڪشش ڪونه ٿو ڪري سگهي. اسانجي دل ۽ دماغ جو سڀاو وڏن کان مليل ورثي ۽ ٻين حالتن موجب ٿو ٿئي ۽ اسانجو دل جو لاڙو به اُنهيءَ ڪري الڳ الڳ ٿو ٿئي. اِنهيءَ ڪري اسانکي کي

هنن مون ۾ غضب جي تبديلي آڻي ڇڏي.

و- سائين اُهي ڪير هئا؟

س- هوُ هئا ڀائي موهن ديو جي، ديو سماج جا پرچارڪ ۽ ڀڳوان ديو آتما جا شش. اهو ئي ڪارڻ آهي جو مونکي جڏهن اها ڄاڻپ ملي ۽ مون پاڻ ڀڳوان ديو آتما جا درشن حاصل ڪيا ته مان هر هميشه لاءِ سندن ذرخريد ٻانهو ٿي ويس. هاڻي توهين ٻڌايو ڇا مونکي شش ٿيڻ لاءِ ڪنهنسان بحث ڪرڻو پيو؟ منهنجي اندر ۾ جيڪا نفس، لالچ، بري سنگت کان بچڻ ۽ سماج جي غلط خيالن ۽ خود غرضيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي اڇا موجود هئي تنهن مونکي سندن چرنن ۾ شانتي پراپت ڪرڻ جو موقعو ڏنو. جڏهن منهنجي جيون جو جهاز اچي دڳ لڳو ۽ بندر تي لنگر اچي ڪوڙيائين.

و- سائين ڇا اوهانکي پنهنجي اڇا جي ترپتي حاصل ٿي سگهي؟

س- هائو، منهنجي اُميدن کان گهڻو وڌيڪ. منهنجي سماج ۾ نه رڳو مان هڪ ٻيا سڀ به اوهانکي اُهو ٻڌائي سگهندا ته هوُ ڀڳوان ديو آتما جي پوُڄا ڇو ٿا ڪن. اُنهن مان ڪنهن سان به ڪين سماج جا ميمبر ٿيڻ لاءِ بحث ڪونه ڪرڻو پيو. سندن اندر ۾ جو آتمڪ جيون پيدا ڪرڻ وارن اثرن لاءِ ڪشش موجود هئي سا ڪين ڇڪي روحاني زندگيءَ جي درٻار ۾ وٺي آئي ۽ اُتان پوءِ هنن ڪڏهن به موٽ ڪونه کاڌي.

و- ته سائين اوهان جي ويچار موجب اسانجون روحاني ضرورتون پاڻهي اسان کي سندن پوُرتيءَ لاءِ ڇڪي ٿيون وٺي وڃن؟

س- بلڪل ٺيڪ.

و- آتمڪ ڳالهين ۾ اوهان ڪنهنکي سڀ کان وڌيڪ پختو رهبر ٿا تصور ڪريو؟

پياس کي ٻجھائڻ جي قابل آهي انهيءَ ڪري اسين گروءَ جي روپ ۾ گرهڻ ٿا ڪريون. مون هن کان اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي ته آنند مهاتما ٻڌ جي، پال يسوع مسيح جي، گرو انگد ديو، گرو نانڪ جي ۽ گرو ارجن ديو پنهنجي پتا جي گرو سمجھي ڪري پوڄا ڪئي. ٻلي شاهه پنهنجي اڳوان جي گرو سمجھي ڪري پوڄا ڪئي.

و- سائين ڇا اسان کي گروءَ جي پوڄا ڪرڻ کپي؟

س- اها به ڪا پڇڻ جي ڳالهه آهي. جيستائين دنيا ۾ اهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا رهندا جن کي آتمڪ روشنيءَ جي کوج آهي تيستائين نه رڳو هن دنيا ۾ گرو پوڄا قائم رهندي بلڪ قلبي قبولي. منهنجو ئي ڪٿي مثال وٺو. ارڙهن سالن جي عمر ۾ مان پڪو ناستڪ هوس. چوندا آهن ناستڪپڻو پوڄا جو سخت ورونڌي ٿيندو آهي. پر اهو ڀرم آهي. مون ۾ مانسڪ سنگھرش پيدا ٿي ويو. جوانيءَ جا جذبات منهنجي لاءِ خوشگوار ڪونه ٿيا ڇاڪاڻ جو مونکي نفس ستائڻ لڳو. مونکي ائين محسوس ٿيندو هئو ڄڻ منهنجو من گندن خيالن سان پليت ٿيندو ٿو وڃي. ڪر به ويچار ڪارڻ ۾ ڪونه پيو بدلجي ۽ ويچار منهنجي لاءِ عذاب ڏيندڙ ثابت ٿي رهيا هئا. تڏهن مونکي هڪ مهاپرش جا درشن حاصل ٿيا. سندن اعليٰ پوترتا، بيجوڙ تياڳ، سماج جي غلط راهن جي خلافت جو ساهس ۽ دل کي پگھرائڻ واري ڪوملتا مون تي اهڙو ته گهرو اثر ڪيو جو رڳو سندن پيرن تي پنهنجو مٿو جھڪائي وهڻ به مونکي پنهنجو سوڀاڳ نظر اچڻ لڳو. مون ٻين سڀني سان لڳ لاڳاپا ٽوڙي ڪري ساڻن گڏ رهڻ شروع ڪري ڇڏيو. مان سندن پوڄا ڪرڻ لڳس. مونکي ان وقت اهو معلوم ڪونه هئو ته هو به ڪنهن جا شش آهن. مان ته اهو سوچيندو هوس ته پڙهائي پوري ڪري سندن ڳالهين جو دنيا ۾ پرچار ڪندس.

ڪم نٿو ھلي سگھي، ٺھڙيءَ طرح آلمڪ ٻلو ڪندڙ، پاپن کان ڇوٽڪارو ڏيارينڌڙ گرو ڪانسواءِ به ڪم نه ھلي سگھندو.

و- پر سائين، ڪيترا اھڙا به ماڻھو آھن جنجو نه ڪوئي گرو آھي، جيڪي نه ڪڏھن ڪنھن مندر يا گرجاگھر ۾ وڃن نه ڪڏھن پوڄا پاٺ ڪن، نه ڪائي نماز پڙھن، نه ڪنھن پاڪ گرنٿ جو پاٺ ڪن ۽ نه ڪائي مالھا ڦيرين، پر تنھن ھوندي به ھو تمام سٺا ناگرڪ ۽ نيڪ گرھستي آھن.

س- پر ڪوئي سکر ماڻھو ۽ سٺو ناگرڪ ھوندي به آلمڪ اَنڌڪار جو غلام، نيچ گھرٽائن ۽ نيچ اَنوراڳن ۾ ڦاٿل ھڪ خود غرض اِنسان ٿي سگھيٿو.

و- اُنھن سيني مان نقصان ڪھڙا آھن؟

س- اُھو ته اوھانکي معلوم آھي ته جيئن اسين شاريرڪ طرح سان بدلجندا ٿا رھون تئن آلمڪ طرح سان به بدلجندا ٿا رھون. اسانجا ويچار ۽ ڪريائون اسانکي فورن بدليندا ٿا رھن. جيڪڏھن اسانجا ويچار ۽ ڪريائون گندِيون آھن ته اُھي اسانجي ھردي کي اَپوتر ڪندا ٿا رھن ۽ منجھس زھر ڪٺو ٿا ڪندا رھن. اُھي آتما جون ڦرڙيون، جنکي نيچ اَنوراڳ چئجي، بنا آپريشن جي ڇنڊ واريون ڪونھن. اسانجي اندر ڪني تيل ميل جو ڌوپڻ ضروري آھي. اسانجي اندر اوچ ڀاونائن جو پيدا ٿيڻ ضروري آھي نه ته ڀيانڪ نتيجن کي ڀوڳڻو پوندو.

و- اُھي ڀيانڪ نتيجا ڪھڙا آھن؟

س- اُھي ڀيانڪ نتيجا اُھي آھن ته اسانجي آلمڪ درشٽي اُلٽي ٿي وينديِ آھي ۽ اسانجو نيٽڪ ۽ آلمڪ بل گھٽجي ويندو آھي.

و- آلما جي اُلٽي درشٽيءَ جو ڇا مطلب آھي؟

س- اسان جڏھن سچ کي ڪوڙ سمجھون يا ڪوڙ کي سچ

س- مون ٻه پنهنجي ڀڳوان ديو آتما جي چرڻن کي پنهنجي جيون جو اُجهو انهيءَ ڪري محسوس ڪيو آهي ڇاڪاڻ جو هُن منهنجي آتما جي اَنڌڪار کي دور ڪري مونکي سچو آتم گيان پردان ڪيو آهي ۽ اُنهيءَ ڪري ٻه ڇاڪاڻ ته هُن مون ۾ نيچ جيون لاءِ نفرت پيدا ڪئي آهي ۽ ڪيترن نيچ انوراڳن کان موڪش ڏئي ڪري مونکي اِنسان ذات جو شيوڪ بڻايو آهي.

و- اسانکي ڪهڙي مقصد لاءِ گروءَ جي ضرورت آهي؟

س- اسانکي پنهنجي اصلي روپ ڏيکارڻ لاءِ، نفس، لالچ، خوديءَ جي پيار، گهمنڊ، خود غرضيءَ وغيره کان نجات ڏيارڻ لاءِ؛ ۽ اسانجي اندر اهڙن اُتم ۽ ساتوڪ پيارن جي وڪاس ڪرڻ لاءِ جن کي حاصل ڪري اسانجي جيئڻ جو مکيه اُديش ٻين جو ڀلو ڪرڻ بڻجي وڃي.

و- مون ته ٻڌو آهي ته گروپڻي دنيا جو ناس ڪيو آهي.

س- اُهو تمام وڌاءَ ڪيل ۽ غلط رايو آهي. اِهو ته برابر آهي ته ڪي نڳر لکين ماڻهن جي وهمن ۽ وسوڙائپ جو اَجوڳو فائدو وٺي ڪري پاڻ کي سڌن گرو سڏائي ڪين نقصان ٿا رسائن. پر جيئن کوٽن سڪن جي موجودگي سچن سڪن جي ضرورت کي گهٽ ڪو نه ٿي ڪري سگهي، يا نيم طبيبن جو هجڻ ڊاڪٽرن جي گهرج کي ڪو نه ٿو گهٽائي سگهي، يا سائنسدانن جي جڳهه جادوگر ڪو نه ٿا والاري سگهن، يا ڪيمياگر رسائڻ وگيانڪن جي ضرورت پوري ڪو نه ٿا ڪرائي سگهن، يا جوتشي علم هيئت جي ڄاڻن جي جڳهه نٿا وٺي سگهن، وغيره؛ ليڪن نڳن جو هن دنيا ۾ موجود هجڻ سچي گروءَ جي ضرورت کي گهٽ نٿو ڪري سگهي.

و- پر ڇا، اسانجي گروءَ کان سواءِ سري ڪو نه ٿي سگهي؟

س- جهڙيءَ ريت سڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اَڌياپڪن کان سواءِ ۽ اسپتالن ۽ صحت گهرن ۾ ڊاڪٽرن ۽ نرسن کانسواءِ

## سريشت پيار

ودياٿي - سائين، پيار جي سيني قسمن مان اوهان سڀ کان سريشٽ ڪهڙي پيار کي چوندا؟

سڪشڪ - هر پيار جو سيباءُ ساڳيو آهي. تمام گهڻي آڪرشڻ يا لڳاءُ کي پيار چئبو آهي. پيار کي نيچ تڏهن تو چئجي جڏهن جنهن شيءِ لاءِ پيار هجي اُها نيچ هجي. پئسي جو پيار نيچ پيار چئبو. ڪام واسنائن لاءِ پيار به نيچ پيار چئبو. سستيءَ ڪاهليءَ، شريرڪ عيش آرام جو پيار به نيچ پيار چئبو. نشيدار شين جي لاءِ پيار به نيچ پيار چئبو. ٻارن لاءِ اُهو پيار جيڪو موهه جي صورت اختيار ڪري سو نيچ پيار چئبو. نالي، ناموس، ڪرسيءَ ۽ پد جي لاءِ پيار کي به نيچ پيار چئبو. خود جي لاءِ پيار به نيچ پيار چئبو.

ٻئي جو دک درد مٽائڻ جو پيار اوچ پيار چئبو، ڇاڪاڻ جو مقصد اوچ آهي. ٻين کي پاڙهڻ ۽ سندن جاهليت کي ميسارڻ جو پيار به اوچ پيار چئبو، ڇاڪاڻ جو مقصد اوچ آهي. اهڙو پيار جيڪو ماڻهن کي ڪئين ڏوهن ۽ پاپن جهڙوڪ نشيلين شين جو استعمال، بدپرهيزي، حد کان وڌيڪ عيش عشرت، وڀچار، اَمانت ۾ خيانت، جانورن جو شڪار، ڪاڏي يا واپار لاءِ ڪوس ڪرڻ وغيره کان بچائڻ جو انوراڳ اوچ انوراڳ چئبو. ڇاڪاڻ جو سندس مقصد گناهن ۾ قاتلن کي گناهن کان نجات ڏيارڻ آهي. ساڳيءَ طرح سان انسان ذات لاءِ لاڀڪاري سچائيءَ جي کوج جو پيار، ڪنهن نئين قسم هنر، ڪيتيءَ يا بناوت جي کوج جو پيار اوچ پيار چئبو ڇاڪاڻ جو سندس مقصد انسان ذات جي علم جو واڌارو ۽ ڀلائي آهي. جنتا جي ڀلي لاءِ ملڪيت، سوغاتون، ٽرسٽ يا سنسٿا

۽ برائيءَ کي چڱائي سمجهون يا چڱائيءَ کي برائي، لڏهن اسانجي آلمڪ درشٽي اُلٽي ٿئبي. رشوت وٺندڙ ائين سوچڻ لڳي ته هو نفعو ڪمائي رهيو آهي جڏهن سچ ته اِهو آهي ته هو پنهنجي دل ۾ هڪ نيچ انوراڳ جو ناسور پيدا ڪري رهيو آهي. ڪوئي ماڻهو ويچار نه ڪري ته اُنجي معنيٰ پنهنجي آتما جو پتن نه ڪري. ڪوئي ماڻهو جانورن جو ڪوس نه ڪري ته پنهنجي آتما کي ڪٺور نه بڻائي. ڪوئي ماڻهو نشيدار شين جو استعمال نه ڪري ته پنهنجي آتما کي کي آنڌو نه بڻائي. پر ڇا هنڪي پنهنجو ايترو نقصان محسوس ٿئي ٿو؟ بلڪل نه. اُن جي اُبتڙ اُنهن سڀني ٻرن ڪرمن مان تمندڙ نقصان کي نه سمجهي ڪري اُنهنکي پنهنجي لاءِ هتڪاري نه سمجهي. صاف ظاهر آهي ته اهڙي شخص جي آلمڪ درشٽي اُلٽي آهي. هو پنهنجي لڪ ٽور، دليا، پد، طاقت ۽ اُميريءَ سان نه ڪري ۽ نه پنهنجي اَصلي چرتر سان جيڪو سچ پچ هنجو آلمڪ ڌن آهي.

و- سائين، اِهو مهرباني ڪري سمجهائيندا ته هو پنهنجي ليتڪ ۽ روحاني ٻل کي ڪيئن نه وڃائي؟

س- هو آهستي آهستي دل جي نيچ ڀاون جو مقابلو ڪرڻ جي شڪتي کوهي نه ڇڏي ۽ جيون جي ڪنهن ٻه اوچ اُصول تي ثابت قدم ڪو نه رهي سگهي. هنجي جيون ڪک وانگر نيچ انوراڳن جي هوائن جي حوالي آهي. هو پنهنجي لاءِ يا گهر لاءِ يا ديش لاءِ ڪڏهن ٻه نيتڪ ۽ آلمڪ شڪتيءَ وارو نٿو ٿي سگهي.

و- سائين ڪيڏو نه وڏو نقصان!

س- اهو برابر نه ڇئين.

آهي ڪنهن آلما ۾ موجود آهن ته اُلي سرشت پيار کي جڳهه حاصل اُئي ٿي ڪو نه ٿي سگهي. نيچ جيون جو ٿورو اگر به سرشت پيار لاءِ عذاب ثابت ٿيندو آهي. هيءُ بيهوده پيار انسان جي اندر غضب جي پوترتا ٿو پيدا ڪري. خودي جيڪا سڀني پاپن، ڏوهن ۽ خرابين جي جنني آهي، اُن کي اهڙي قسم جي پيار ۾ ڪو به استان حاصل ڪو نه آهي. جڏهن ڪنهن انسان تي اهڙو سرشت پيار غالب ٿو ٿئي ته هنجي سڄي ڪايا بدلجي ٿي وڃي ۽ هوُ هڪ نئين دنيا ۾ پرويش ٿو ڪري.

و- اُهو سرشت پيار ڪيترا روُپ ٿو ڌارڻ ڪري سگهي؟

س- ڀڳت جو پيار ڪيترين حالتن ۾ پنهنجي اَشٽ ديو لاءِ ماتر پيار جو روپ ٿو ڌارڻ ڪري. ڀڳت پنهنجي اَشٽ ديو جي ماءُ سمجهي پوڄا ڪري ٿو. وأشڻن جو اُنِي ڪٽي مثال ونو. هو پنهنجي آدرش کي روحاني ماتا تصور ڪري سندس پوڄا ڪندا آهن. هڪڙا اهڙا به آهن جيڪي پنهنجي اَشٽ ديو جي پتا جي روپ ۾ پوڄا ڪندا آهن. ڪرستان ڪو نه ڀڳوان کي پنهنجو آسماني پتا سمجهي پوڄا ڪندا آهن؟ ڪي ڀڳت وري پاڻ کي پنهنجي ڀڳوان جو داس يا شيوڪ چوائيندي خوشي حاصل ڪندا آهن. هو پاڻ کي سڏائن اُئي داس، ٻانها يا شيوڪ. ڪي وري پنهنجي اَشٽ ديو کي دوست سمجهي پوڄا ۽ پيار ڪندا آهن. اَرجن پنهنجي آدرش ڪرشڻ کي پيار به ڪندو هئو ته هو سندس دوست پڻ هئو.

اُهو پيار ڪهڙو به روپ اختيار ڪري پر هر روپ ۾ هو انسان جي اندر مان جڙواد کي لڙهي ٿو ڪڍي، اُهو ماڻهوءَ جي دنياداريءَ کي فنا ٿو ڪري ڇڏي. اُهو ڪيس هر ڪنهن خراب خيال يا ڪارڻ، کان اُئين ٿو پري ڪري جيئن ڪو نانگ کان پري ڀڄندو هجي. اوچ آدرش لاءِ پيار ۽ پرشت دنيوي

بربا ڪرڻ ۾ اوچ قسم جو پيار ڇٽبو جو اُن مان جڳه جي
ڀلي ۽ واڌاري جي راهه ٿي کلي.

و- پر اُنهن سڀني مان وڌيڪ سريشٽ انوراڳه ڪهڙو آهي؟

س- ڪو به نه. ڇاڪاڻ جو اُنهن مان ڪو به پيار سواءِ شرير جي سک ۽ آرام يا سماجڪ ڪلياڻ يا دماغي واڌاري ڪان اڳتي ڪو نه ٿو سوچي. رڳو شرير ۽ دماغ جو لاڀ ئي انسان جو مکيه لاڀ ڪو نه ٿو ٿي سگهي. اُهي ٻئي دل جي هانيڪارڪ شڪتين مان پيدا ٿيندڙ معاملن کي سلجهائي ڪو نه ٿا سگهن. اُهي ٻئي ڏوهه ۽ اُنميل ڪو نه ٿا ميساري سگهن. اهڙن سالوڪ گڻوانن جيڪي شرير جا ڏک، بيمارين، پيڙائون ۽ عذاب دور ڪرڻ جا جيڪي قدم کنيا آهن، اُهي قيمتي اوشيه آهن. ساڳيءَ طرح سان جاهليت، بي علمي ۽ مانسڪ وڪارن کي دور ڪرڻ جي ڏس ۾ کنيل قدم به ساراهه جوڳا آهن. پر جڏهن ته انسان جي وجود جو مکيه ڀاڱو آتما آهي ۽ آتما جا روڳ ئي سندس وجود لاءِ سخت گهاتڪ آهن ۽ آتما جي اُنتي ۽ وڪاس ئيءَ سندس سنبنڌن کي اوچو بنائڻ لاءِ تمام ضروري آهن، انهيءَ ڪري آتمڪ جڳت جي اُنتيءَ لاءِ کنيل قدم ئي سڀ کان وڌيڪ قيمتي ڇٽبا. اُهو پيار نه رڳو اعليٰ ڇٽبو پر سڀ کان سريشٽ ڇٽبو جنهنجو مقصد آهي آتم اُنڌڪار کي مٽائي آتمڪ جوتيءَ کي ڦهلائڻ ۽ نيچ انوراڳن ۽ نيچ گهرتائن جي غلاميءَ کي دور ڪري سالوڪ ڀاون جو وڪاس ڪرڻ.

و- تنهنجي معنيٰ ته اوهان انهيءَ ۾ وشواس ٿا ڪريو ته آتما کي به روڳه لڳندا آهن؟

س- هائو، مان اهڙو وشواس ڪريان ٿو. هر ڪنهن نيچ گهرتا ۽ نيچ انوراڳه جي غلامي بيماري آهي. نفس، لالچ، گهمنڊ اهنتا، بدلي جي ڀاونا، خود غرضي وغيره سڀ وناشڪاري شڪتيون آهن ۽ تنهنڪري اخلاقي ۽ روحاني روڳه آهن. جڏهن

ڏيو آتما لاءِ اوچ پيار ۽ ٻين جي سيوا جا سالوڪ ڀاو اوهان لاءِ روحانيت آهن.

س- بلڪل ٺيڪ ٿو چئين. پر جيئن هر ڪنهن اوچيءَ شيءِ جا گراهڪ ٿورا ٿيندا آهن، تيئن پوڄا جا ٻه درجا آهن. پوڄا ڪان پهرين شرڌا جو هجڻ ضروري آهي ۽ روحانيت جو مزو چکڻ ڪان پهرين سالوڪ سيوا جو انگ ضروري آهي.

و- پر اِهو ڇو آهي ته جيتوڻيڪ دنيا ۾ وڏا ڌارمڪ مهاپرش موجود آهن، تڏهن به اڄ ڪلهه جا ماڻهو ڌرم تي ٺٺولي پيا ڪن.

س- دنيا ۾ ڪا به اهڙي ڳالهه ڪونه ٿي آهي جنهن تي ڪجهه ماڻهن ٺٺولي نه ڪئي هجي. اهڙي هوندي به ڪيترين سنئين ڳالهين دنيا ۾ قائم آهن. يسوع مسيح کي صليب تي چاڙهيو ويو پر تڏهن به سندس رحم جو اوتار هجڻ جو جس قائم رهيو. مهاتما ٻڌ جي ٺٺولي ڪئي ويئي، ڇاڪاڻ جو هن جي سکيا ۾ ايشور کي ڪوئي استان ڪونه هئو؛ پر تنهن هوندي به ديا جي اوتار جي روپ ۾ اڄ به سندس نالو قائم آهي. جنرل بوٿ جيڪو مڪتي فوج جو باني هو، اُن تي پٿر اُڇلايا ويا. سندس همدردي ۽ پادري به مٿس ٺٺوليون ڪندا رهيا، پر اهڙي هوندي به هنجو نالو امر آهي. گئليلو کي جيل ۾ وڌو ويو جتي هو مري ويو. برونو کي جيئري ساڙيو ويو. چارلس ڊاروِن کي حد کان وڌيڪ ستايو ويو؛ پر هو سڀ اهڙيءَ گلا، بدناميءَ ۽ ايذا مان لنگهي پار پيا. جٿادار شيون نه جتاءُ ڪنديون. جيڪي اهڙين سرشت هستين جو سواڳت نٿا ڪن اُنهنکي تواريخ ۾ خواريءَ جي جڳهه ٿي حاصل ٿئي.

و- سائين اوهان جو اهو ويچار آهي ڇا ته آتما جي باري ۾ سچايون سدائين قائم رهيون؟

س- ضرور. جڏهن مهنجي آتما آهي ته مونکي اُن بابت

جيون ڳنڍو ڳنڍ نتا رهي سگهن. اُهي ڪند تا ڪانءِ جيڪي اِئين ٿا سوچين ته سريشٽ پيار سان ڳنڍو ڳنڍ نفس، لالچ، گهمنڊ يا خود غرضي به پلجي سگهن ٿا. ڪرستانن ۽ اَسيسيءَ جو سنت فرانسز ٿيو آهي جنهن ڪجهه حد تائين اهڙي سريشٽ پيار جي طاقت جو اُلٽر ظاهر ڪيو آهي. سنتياڻي ڪليرا جيڪا ڪيس دل و جان سان پنهنجو اَشٽ ديو سمجهي پوڄا ڪندي هئي، تنهن پنهنجي دل جي ٻيجوڙ پوترتا جو ثبوت ڏنو آهي. ساڳيءَ طرح متواليءَ ميران به اهڙي پيار جو روپ پسايو آهي.

اسانجي سماج ۾ به شرڌيه ڊاڪٽر ڪماري پريم ديويءَ جي ۽ پنڊت پرميشور دت جي اهڙي سريشٽ پيار جي جيون گذاري آهي.

و- تنهنجي معنيٰ ته ديو سماج اهڙي سريشٽ پيار جي سکيا تي ڏئي ۽ اُنجو مهتوُ تي ڄاڻائي؟

س- هائو. ديو سماج، ديو آتما جي پوڄا تي ڪري. سڀ ڪان اُتم پوڄا، بنا سريشٽ پيار جي ناممڪن آهي. اهڙي سريشٽ پيار جي وڏي ۾ وڏي برڪت اِها آهي جو اسانکي قدرت جي چئني جڳتن يعني منش، پشو، بناسپتي ۽ جڙ جڳت جي شيوا ڪرڻ ۽ ۽ پنهنجي سيني سنبنڌن ۾ شيواڪاري ٿيڻ ۾ اُني گهٽي ۾ گهٽو سڪ تو اُنيؤ ٿئي. سريشٽ پيار جي اسان لاءِ ڪا معنيٰ ڪانهي جي اُنجو مطلب اِهو نه هجي ته اسان ٻين جي اُتم شيوا ڪريون. تنهن ڪري اسان جو اِهو وشواس آهي ته روحانيت جو مطلب آهي ديو آتما لاءِ پيار ۽ اِنسان ذات جي شيوا لاءِ پيار.

و- اوهان سکيا به ته اهڙي ئي ٿا ڏيو؟

س- بلڪل ٺيڪ.

و- تنهنجي معنيٰ اوهانجو پنهنجي آدرش اِشٽ ديو،

## آتما جي اُنتي درشٽي

وديارٿي- سائين، من جي شانتيءَ ۽ اوچ خوشي ڪيئن حاصل ڪجي؟

سکشڪ- قدرت ۾ سڀ ڪم قاعدي پٽاندر ٿئو ٿئي. هرهڪ ڪاريه جي پٺ ۾ هڪ نه ٻيو ڪارڻ لڪو پيو آهي ۽ اهو ڪاريه ۽ ڪارڻ جو سنبنڌ اڻمٽ ۽ جڳه پڌرو آهي. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي من جي شانتي نٿي ملي ۽ اوچ سک کان ونچت ٿو رهي ته اُن جي پٺ ۾ ڪو نه ڪو ڪارڻ ضرور آهي.

و- مهرباني ڪري اسان کي انهن ڪارڻن بابت ٻڌايو جيئڪي جيڪڏهن نه هجن ته هوند ماڻهوءَ جي من جو دک دور ٿئي ۽ شانتي حاصل ٿي سگهي.

س- اوهان سيني کي پهرين ته هڪ اهو سڀ کان مکيه سچ سمجهڻ ۽ جذب ڪرڻ کپي ته انسان نه رڳو انسان ذات جو بلڪ قدرت جو به هڪ ڀاڱو آهي. اُنهيءَ ڪري هنجو قدرت جي ٻين سيني جڳتن سان ٻه گهرو ۽ اُنومٽ ناتو آهي. سو جي هوُ اهڙيءَ طرح سوچي، سمجهي ۽ ڪريا ڪري جنهن مان منش جڳت ۽ ٻين هيٺين جڳتن- پشو، وناسپتي ۽ جڙ جڳت- جو ڀلو ٿئي، ته هوُ وڪاس جي نيمن کي هٿي ٿو ڏئي ۽ گڏو گڏ پنهنجي من کي مٺي شانتي ٿو پهچائي. پر جي اُنجي اُبتڙ هو اهڙي طرح سوچي، سمجهي ۽ ڪريا ڪري جنهن مان منش جڳت ۽ ٻين هيٺين جڳتن کي نقصان پهچي ته نه رڳو هو وڪاس جي نيمن جي خلافت ٿو ڪري پر گڏو گڏ پنهنجي من جي اوچ شانتيءَ ۽ روحاني خوشيءَ جو به ناس ٿو ڪري. اهڙيءَ هلت سان هو نه رڳو پنهنجو بلڪ ٻين جي

جاڳڻ ۾ ضرور هجڻ کپي. جيڪڏهن مونکي پنهنجي اندر بابت اهو گيان ڪونهي ته منهنجا ويچار ۽ ڪريائون ڪهڙي قسم جا آهن ۽ اهي منهنجي انتر آتما کي ڪهڙو روپ ٿا ڏين؛ يا مونکي اها به سڌ نه پوندي هجي ته مونکي نيچ جيون ۾ آنند ٿو اچي، ٻين جي شيوا جو اُنگ مون ۾ ڪونهي، مان خود غرضي، گهمنڊ، من ماني هلت ۽ نيچ گهرتا جي جيوت ٿو جيئان؛ ۽ جيڪڏهن مونکي اهو بلڪل به محسوس نه ٿئي ته ڪيئن اها آتمڪ جاهليت جي زندگي منهنجي آتما کي هر پل ۾ نقصان پهچائي رهي آهي، منهنجي آتم درشٽيءَ کي اُلٽو ڪري رهي آهي ۽ منهنجي دل کي ڪنور بڻائي رهي آهي ۽ اهڙيءَ طرح منهنجي نيتڪ ۽ آتمڪ شڪتين جو ناش ڪري رهي آهي ته اهو سڀ سواءِ منهنجي ٻيو ڪنهنجو نقصان آهي؟ قدرت ۾ هر ڪاريه جو ڪوئي نه ڪوئي ڪارڻ موجود آهي. آتمڪ اندڪار نيچ انوراڳن جو پيار ضرور نيتڪ ۽ آتمڪ پتن آڻيندا. اُنکي ڪو به ڪونه ٿو ٿو روڪي سگهي. تنهنجي ڪري مونکي هڪ بچائيندڙ جي سخت ضرورت آهي. هڪ اهڙي بچائيندڙ جي جيڪو پاڻ هر پرڪار جي نيچ جيون کان بچيل هجي ۽ جيڪو سچائيءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ پورڻ پيار جو ساڪيات نمونو هجي. تنهنڪري پوڄا ۽ سريشٽ پيار لاءِ تمام اوچ گرو ديو آتما جي سخت ضرورت آهي.

ڪرڻ يا اُنهن کي چيڙائڻ يا اُنهن کي ڏکوئڻ يا اُنهنکي ضرب رسائڻ مان ملندڙ خوشيءَ جو نيچ انوراڳ.

(٧) ڪنهن ڪوڙي يا اَنڌ وشواس مان ملندڙ سک جو نيچ انوراڳ.

(٨) اُهي خوشي ڏيندڙ نيچ گهرٽائون جهڙوڪ ايرشا، وير وٺڻ جو سڀاءُ ۽ بدلو وٺڻ؛ تنهن کان سواءِ قومي، فرقيوار، ڌرمي ۽ راجنيتڪ ڪٽرپڻو.

و- انهن نيچ انوراڳن ۽ نيچ گهرٽائن جو نه هر ڪنهن گهر ۽ مڪان، ڳوٺ ۽ شهر، ديس ۽ ملڪ، قوم ۽ راشٽر ۾ واسو آهي. پر اوهان جو اهو به ويچار آهي ڇا ته اُهي اُني من جون شڪتيون سڀ پهچ من جي اوچ شانتي تيون ڦٽائن ۽ هر قسم جي روحاني خوشيءَ کي ناس تيون ڪن؟

س- اهو ته صحي آهي.

و- مهرباني ڪري اُنهن نيچ انوراڳن ۽ نيچ گهرٽائن جي من تي اڌڪار جا نتيجا بيان ڪري ٻڌائيندا؟

س- نيچ انوراڳ ۽ نيچ گهرٽائون آتما جي درشٽيءَ کي اُلٽو تيون ڪن. اُن جو نتيجو تمام ڀيانڪ تو نڪري، اهڙي ڪامڻ ۾ قاتل انسان کي پوءِ غلط ڳالهه صحي تي لڳي، برائي ڀلائي تي نظر اچي، ڪُوڙ سچ پيو ڀاسي ۽ دشمن دوست پيو ڏسڻ ۾ اچي.

و- مهرباني ڪري آتما جي اهڙي اُلٽي درشٽيءَ کي مثال ڏيئي سمجهائيندا؟

س- هڪڙو ماڻهو هئو جيڪو اسان جي سماج جي سنسنگ ۾ ايندو هئو. اسان جي سنسنگ ۾ اچڻ کان پهرين هو وڏو رشوتخور هئو پر اسان جي سماج جي اخلاقي ۽ آتمڪ وايومنڊل سندس اندر ۾ ڦيرو آندو. هن رشوت وٺڻ جو پاپ تياڳي ڇڏيو. هن جي ڪٽنب ۾ سو سڻائو ڇانئجي ويو. اسان سيني

ٻلي جو ۽ دشمن ثو ثابت ٿئي. ٻين سڀني ڳالهين کان خراب ڳالھ اها ٿي ٿئي جو پنهنجي اخلاقي ۽ آتمڪ طاقت ثو خراب ڪري ۽ پنهنجي آتما جو مؤت ثو آڻي.

و- سائين، انسان جي من جون آهي ڪهڙيون شڪتيون آهن جيڪي ڪيس پنهنجي ۽ ٻين جي ڀلائيءَ جي خلاف سوچڻ سمجهڻ ۽ ڪريا ڪرڻ لاءِ نه رڳو مجبور ٿيون ڪن بلڪ سندس دک ۽ آتمڪ مؤت جو ڪارڻ ٿيون بڻجن.

س- اُنهن کي نيچ انوراڳ ۽ نيچ گهرٽسائون چئبو آهي.

و- سائين اُنهن جي سڃاڻپ ڪهڙي آهي؟

س- اُنهن جو مکيه لڇڻ اِهو آهي تہ هو ماڻهوءَ کي ڪوڙ ۽ برائيءَ جي دڳہ لڳائينديون آهن. دنيا ۾ چالو هر قسم جا ڪوڙ ۽ برايون جن انسانيت جو روپ سياه ڪري ڇڏيو آهي رڳو انساني دلين ۾ اُنهن نيچ انوراڳن ۽ نيچ گهرٽائن جي اثر جو ڦل آهن.

و- مهرباني ڪري اُنهن نيچ انوراڳن ۽ نيچ گهرٽسائن جا الڳ الڳ قسم ٻڌائيندا؟

س- اُنهن کي مکيه طرح سان هيٺين اٺن قسمن ۾ وراهي سگهجي ٿو:-

(١) شرير کي سک پهچائڻ وارا نيچ انوراڳ-جهڙوڪ سواد، نشو، سستي ۽ نفس.

(٢) اهنگ کي سک پهچائڻ وارا نيچ انوراڳ جن ۾ وڏائي، ناموس، خود جي اڳرائي ۽ خود غرضي شامل آهن.

(٣) پنهنجي ٻارن جي موھ مان پراپت ٿيندڙ نيچ انوراڳ.

(٤) پراپتيءَ جو نيچ انوراڳ-جهڙوڪ ڌن ۽ دولت جو.

(٥) رواهت، يـاريءَ، عادتن ۽ سنگت مان ملندڙ سک جو نيچ انوراڳ.

(٦) ٻنا ڪنهن سبب جي ٻين انسانن سان يا جانورن کي تنگ

پر هن جي مٿان نام ڪنين دوستن ۽ ڌرمي رهبرن جو اهڙو اثر ٿي چڪو هو جو هو بي ايمانيءَ کي ايمانداريءَ کان وڌيڪ قيمتي سمجهڻ لڳو ۽ گناهه جي دڳ لڳائيندڙ دوستن کي پنهنجي ڀلو چاهيندڙن کان وڌيڪ قيمتي سمجهڻ لڳو.

و- ڇا هو وري رشوت وٺڻ لڳو؟

س- هائو ۽ ائين ڪٿي سمجهو تہ انسانيت کي لٽڻ ڦرڻ لاءِ هڪ بگهڙ کي ڇڙواڳ ڇڏيو ويو.

و- ايمانداري من جي شانتي ڏيئي سگهندي آهي؟

س- هائو، هڪڙو ڪورٽ جو ڪلارڪ اسان جي سماج جي اثر هيٺ بدليو هئو. هن جو بدلجڻ ڪرامت کان گهٽ ڪونہ هئو. اُن کان پهرين ڪيس بي ايمانيءَ جي رستي تان هٽائڻ جون مهنجون ڪئين ڪوششون ناڪام ٿيون هيون. پر بيو هڪ سماج جو ڪم ڪندڙ هن کي سڌارڻ ۾ ڪامياب ٿيو. مون کي اُن جي خوشي ٿي. مون هن کان جڏهن اهو ڄاڻڻ چاهيو تہ هاڻي دل ۾ ڦيرو اچڻ کان پوءِ ڪيئن ٿو محسوس ڪرين تہ هن جيڪو جواب ڏنو سو مان پنهنجي اکرن ۾ هيٺينءَ طرح بيان ڪندس. هن چيو:

"شريمان جي! جڏهن مان رشوت وٺندو هوس تہ ڏهن مونکي نہ آرام ملندو هئو نہ ننڊ نصيب ٿيندي هئي. هر واندڪائيءَ جي لمحي ۾ مان اهي ئي پور پچائيندو رهندو هوس تہ ڪيئن ٺڪراري ڌرين کان لوڌ ۾ وڌ پئسا ڦريان. رات جو بہ مان پئسن ڪمائڻ جي نون نون طريقن بابت سوچيندو ئي رهندو هوس ۽ اهي سوچ ڪندي ڪندي ٽڪ ۾ ننڊ اچي ويندي هئي. ڪڏهن بہ اڌ رات جو ننڊ کلي پوندي هئي تہ وري اهيئي خيال اچي ستائيندا هئا ۽ انهيءَ طرح مان سدائين سندن شڪار ٿيندو رهندو هوس. جڏهن

کي خوشي محسوس ٿي رهي هئي ته هو اهڙي نيچ عادت کان بچي ويو هئو. اُهن کي پاڻ کي به من جي شانتي ملي رهي هئي ۽ ائين پئي محسوس ڪيائين جڻ دل تان ڪو بار هلڪو ٿيو هجيس.

پر سندس پريوار، مٽن مائٽن ۽ زال کي ايمانداريءَ جي ڪائي سندرتا ڪونه پئي نظر آئي. هنن کي بي ايماني وڌيڪ پسند هئي ڇاڪاڻ جو اُن مان کين ڍير سارو پئسو پئي حاصل ٿيو. سو اُنهن ڪن نام ڪنين ساڌو سنتن کي گهرائي سندن مدد وٺڻ شروع ڪئي. اُنهن کيس اُبتي پٽي پاڙهڻ شروع ڪئي ۽ کيس چيائون ته مون کان اچي پڇي ته کيس رشوت جو تياڳ ڪرڻ سان پرلوڪ ۾ ڪهڙو سک ملندو؟ سو هُو آيو مون وٽ ۽ اچي سڌو سوال ڪيائين، ”سائين ايماندار بڻجڻ سان مون کي مرڻ کان پوءِ ڪهڙو لاڀ پهچندو؟“ مون جواب ڏنومانس ”اوتري دير لاءِ تون ترسين ڇو ٿو. توکي ته هاڻي ئي اُن جو سٺو نتيجو ۽ مٺو ڦل ماڻڻ لاءِ ملي ويو آهي.“ اهو ٻڌي هُو ڪجهه دير لاءِ ته چپ ٿي ويو پر وري پڇيائين ”مون کي ته اها ڄاڻ ڪونه آهي ته مون کي ڪهڙو مٺو ڦل ملي چڪو آهي؟ مون کي ته جيتري قدر معلوم آهي مون رڳو پنهنجو پئسي جو ڪوڙ گهاٽو ڪيو آهي.“

مون سمجهايومانس، ”منهنجا عزيز، تنهنجي ايماندار بڻجڻ سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏس ۾ ته تنهنجي آتما پوتر ٿي آهي تنهنجي دل اهو سوچي ڪري خوشيءَ ۾ نچي سهائي ته تون هاڻي ڪنهن کي به نقصان نٿو رسائين. جنهن کي تون پئسي جو نقصان ٿو ڄاڻين سو ته اصل ۾ سچائيءَ جو خون ڇنبو. آخر اهو پئسو تنهنجو ته هئو ڪونه. رڳو تون پنهنجي عهدي جو ناجائز فائدو وٺي ٻين کي ونڌي ڦريو. هاڻي تون اهڙي پاپ کان بچي ويو آهين.“

طريقو اهو آهي ته اُنهن شين جي اڇا تياڳ ڪرڻ کپي جنهنجي پراپتيءَ لئي حقيقت ۾ اسان جو ڪو به حق ڪونهي.

س- برابر. عيسيٰ مسيح به ته ائين سيکاريو آهي، "انهن شين جي اڇا نه ڪريو جيڪي ٻين جون آهن." مهاتما ٻڌ جي سکيائن ۾ اسان پڙهيو آهي "بي بقا شين جي اڇا ڪرڻ سان وڏي ۾ وڏا ڏک ڏسڻا پون. هندو سنسڪرتيءَ جي سکيائن ۾ به ائين آهي ته بي بقا شين جو لوڀ پيڙا ۽ پريشانيءَ جي جوالا ٿو دکائي جنهنکي وسائڻ ڏکيو آهي. اسان جي سماج ۾ اها سکيا ٿي ڏئي ته نيچ انوراڳ ۽ نيچ گهرٽائون ٻين خرابين کان سواءِ آتما جي اُنتي درشٽي ٿيون پيدا ڪن جنهنجي ڪري انسان دماغي ۽ اخلاقي چرهائي ۽ ٻين به ڪئين قسمن جي دکن جو شڪار ٿو ٿئي.

آفيس ۾ ٻه ڪو اهڙو موقعو ٿيندو هئو جو مونکي واعدي کان گهٽ رشوت جي رقم حاصل ٿيندي هئي ته دل کي ڏڏڪو رسندو هئم ۽ جنهن ڌر کان گهٽ پئسا ملندا هئم اُنکي نقصان پهچائڻ جا گهاٽ گهڙڻ شروع ڪندو هوس. هڪڙي دفعي ڪنهن ماڻهوءَ جنهنکي مون گهڻو ستايو هوندو منهنجي خلاف گمنام درخواست ڏني. جج مونکي گهرايو ۽ چوڻ لڳو ”ڏس مسٽر، اها ته مون کي خبر آهي ته توِن رشوتخور آهين. مان ٻه رشوتخوريءَ کي روڪڻ ۾ بيوس آهيان. پر ايترو مان ٻڌائي ٿو ڇڏيانءِ ته جيستائين تنهنجي خلاف ڪائي شڪايت ڪونهي تيستائين ته ٺيڪ آهي پر جي تو پنهنجي لاءِ خلافت ڪڙي ڪئي ته پوءِ لاچار مونکي ٻه تنهنجي برخلاف قاعدي جي ڪارروائي ڪرڻي پوندي.“ مون کي ڏڪڻي وٺي ويئي ۽ پگهر وهڻ لڳو. اهڙا واقعا جن منهنجي زندگي زهر بڻائي ڇڏي هئي، مون کي ايماندار ڪرڻ بڻائي سگهيا. ان جو سبب اهو هئو جو منهنجي چئني طرفين سڀ رشوتخور هئا ۽ مونکي اهڙي غلط ڪم مان ڊپ يا گهرڻا ڪرڻ ٿيندي هئي. هاڻي جڏهن مونکي هن پاپ جي گندگيءَ جو احساس ٿيو آهي ته مان سندس اڳيان ڪنهن به حالت ۾ جهڪي نٿو سگهان. هاڻي ته مان مٺي ۽ بي کٽڪي ننڊ سمهندو آهيان. منهنجو وويڪ صاف آهي. هاڻي منهنجي لفظن کي ماڻهن جو اعتبار آهي. مان ٻين جي مدد ڪرڻ سکيو آهيان. ڪورٽن ۾ ويندڙ منهنجي تعريف ڪندي نه ٿا ٿڪجن. مان ڪنهنکي نقصان ڪونه ٿو رسايان. هر ڪنهنجي مدد ٿو ڪريان. مونکي اُنهن سڀني ڳالهين جو قدر آهي. اِلهيءَ ڪري منهنجي من مان پراڻي اُلٽي درشٽي غائب ٿي ويئي آهي ۽ منهنجي درشٽي صاف ۽ سالم آهي.“

و- تنهنجي معنيٰ ته من جي شانتي حاصل ڪرڻ جو هڪڙو

عمر ۾ گذاري ويو. سنه ١٩٠٥ع ۾ جڏهن هنجي عمر ٣٥ سال هئي ته کيس اچي ڏاڍو پيٽ ۾ سور پيو. اُن کان پهرين به ڪيترن سالن کان کيس اهو سور ستائيندو پئي آيو. ڪائي به دوا فائدو نه پيئي ڪريس. هن هڪڙي مشهور ڊاڪٽر جيڪو ديو سماج بابت ڄاڻندو هو، اُن کان چڪاس ڪرائي. هو دنگ رهجي ويو جڏهن کيس ڊاڪٽر چيو، "شريمان جي! جيڪڏهن توهان ديو سماج جا ميمبر ٿيا آهيو ته مان توهان کي شفا ۽ اڃا به گهٽ ۾ ويهه سال ٻيءَ حياتيءَ جي پڪ ٿو ڏيان." ان ڏينهن ۾ اڃا هو نئون سيوڪ هئو. سو اهي اکر نه پورا سمجهه ۾ ڪونه آيس. پر سنه ١٩٠٥ ۾ جڏهن هو ديو سماج جي ڏر ۾ وڪاساليه ۾ داخل ٿيو تنهنکان پهرين ئي هو اهو اعلان ڪري چڪو هئو ته جيڪو به کيس اِنهيءَ بيماريءَ کان شفا ڏياريندو اُن کي هو ٥٠٠ روپيا انعام ڏيندو. هو وڪاساليه ۾ ٻه سال رهيو. تنهن وچ ۾ نه رڳو آتما جو ڀلو ڪيائين بلڪ اُن بيماريءَ کان به نجات پاتائين ۽ روپيا ٥٠٠ وڪاساليه کي دان ڏنائين.

و- ڇا وڪاساليه ۾ سندس ڪو علاج به ڪندا هئا؟ وڪاساليه ۾ ڪائي اسپتال به آهي ڇا؟

س- علاج جو مطلب جي اوهان جو دوائن سان آهي ته کيس ڪي به دوائون ڪونه ڏنيون ويون. اسپتال سان مطلب توهان جو ڪنهن اهڙي صحت گهر سان آهي جنهن ۾ شرير جي روڳن جو علاج ٿيندو هجي ته وڪاساليه ۾ ڪائي اهڙي اسپتال ڪونه آهي.

هن بيجوڙ وڪاساليه ۾ سندس آتما جو علاج ٿيو. اُتي سندس اوچ احساس جاڳرت ٿي پيا. کيس پنهنجي بدپرهيزيءَ جي عادت جي برائي نظر آئي ۽ ايترو بل مليس جو اُن کان ڇوٽڪارو پائي سگهيو. نتيجو اهو ٿيو جو بدپرهيزيءَ کان

## اخلاقي غلامي

وديارٿي- سائين! هن مهل تائين اوهان جي دليلن مان مون اهو ڳرهڻ ڪيو آهي تہ آتما جي اُنتيءَ درشٽيءَ سان من جي شانتي ختم ٿي ٿئي ۽ اوچ خوشيءَ جو ناس ٿو ٿئي. جيئن اهو سچ آهي تہ جيڪڏهن اسان کاڌي کي زهر سمجهون ۽ زهر کي کاڌو تہ اسانجي شرير جي تندرستي ۽ سک سلامت نہ ٿا رهي سگهن، اهڙيءَ طرح اهو بہ سچ آهي تہ آتما جي اُنتيءَ درشٽيءَ جي ڪارڻ جيڪڏهن اسان ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ سمجهون، برائيءَ کي ڀلائي ۽ ڀلائيءَ کي برائي سمجهون، سڄڻ کي دشمن سمجهون ۽ دشمن کي سڄڻ- وغيره وغيره تہ اسان کي من جي شانتي ڪيئن حاصل ٿيندي؟ مان سمجهان ٿو مون اوهان جو نظريو چڱيءَ طرح سمجهيو آهي.

سکشڪ- تو ٺيڪ سمجهيو آهي. انسان جي گڻن جو مکيہ انش آتما آهي. آتما ئي شرير جو نرماڻ ڪندڙ ۽ ڪيس هلائيندڙ آهي. سو جي اهو ناهيندڙ انڌو ٿي پوي تہ شرير ۽ آتما، من جي شانتيءَ ۽ اوچ خوشيءَ لاءِ گهاتڪ ثابت ٿيندو.

و- سائين مهرباني ڪري آتما جي وڪارن جا ٻيا بہ ڪي نمونا بيان ڪريو جن جي ڪارڻ من جي شانتيءَ ۽ روحاني خوشيءَ جو ناس ٿو ٿئي.

س- جيڪڏهن اسان جي آتما ۾ سواد، نشي، نفس وغيره جهڙن نيچ شريرڪ سکن جو اڌڪار ٿي وڃي ٿو تہ اسان بدپرهيز ٿي پوندا آهيون ۽ اها بدپرهيزي اسان جي شريرڪ روڳن جو ڪارڻ بڻجي ٿي. اهڙا ڪئين مثال موجود آهن جن ۾ بدپرهيزيءَ جي ڪارڻ بيحد ڏک ڏسڻا پيا آهن. ديو سماج جو هڪ ڪاريہ ڪرتا هئو جيڪو ستر سالن جي

و- بلڪل نه. پلا بري عادت ۾ ڦاسي ڪري به ڪنهن
کي من جي شانتي حاصل ٿي آهي؟

س- نيچ گهرائن ۽ نيچ انوراڳن مان پيدا ٿيندڙ روڳن ۾
هڪ ٻيو به روڳ شامل آهي. اهو آهي نيچ جيون جي غلامي
۽ آزاديءَ جو کوهجڻ.

و- ڪوئي ماڻهو پنهنجي آزادي ڪيئن ٿو کوهي؟

س- مون مٿي جنهن شرابيءَ جو مثال ڏنو آهي اهو نه
ٿيو هڪ اهڙو مثال جنهن ۾ بري عادت جي وس ٿي ڪري
هڪ آلما نشٽ ٿي ويئي. هاڻي هڪ ٻيو سچو قصو اهڙي
ماڻهوءَ جو ٿو ٻڌايان جنهنجا ٻه پٽ هئا ۽ ٻئي اهم. اي پاس
هئا. اُنهن مان هڪ مري ويو. پٽ جي موت جو هنکي ايترو
نه ڌڪو آيو جو پنهنجي سڌ ٻڌ پلائي وينو. هو سرڪاري
نوڪريءَ ۾ هئو. آفيس نه ويندو هئو پر ڪوئي ڪم ڪونه
ڪري سگهندو هئو ۽ ان ڪري ڪم جا ڍير ڪٺا ٿيڻ لڳا.
سندس آفيسر کيس سمجهائڻ جي گهڻي ئي ڪوشش ڪئي
پر ڪامياب ڪونه ٿيو. لاچار ٿي ڪري هن کي نوڪريءَ
مان ڪڍڻو پيس. نوڪري ڇڏائجي ويس تڏهن به اها بيهوشي
ڪانه دور ٿيس. هو جيستائين جيئرو هئو تيستائين اهائي
موڳي حالت قائم هئس ۽ اهڙيءَ غش جي حالت ۾ ئي سندس
ديهانت ٿيو. هاڻي ايترو ٿيڻ سان به هن جو مئل پٽ نه
ڪونه موٽي آيو. هن جي دماغي اڌرنگ جي حالت کيس
۽ سندس عشق مائٽن کي ته ڪوئي فيض نه رسايو. پنهنجي
جان به گوايائين پر پنهنجي ٻار جي موه جي نيچ انوراڳ کان
ڇوٽڪارو به ڪونه حاصل ڪري سگهيو. ڇا توهين اهڙي
نيچ انوراڳ جي غلام کان اُميد ڪري سگهو ٿا ته کيس دل
جي شانتي حاصل ٿيندي؟

هڪ ودوا جا ٻه پٽ يت ڪرڻ سبب دٻجي ڪري

ٻڌي ڪري سندس شرير نروڳو ٿي پيو. هن کي شفا حاصل ٿي. تنهن کان پوءِ هن سڄي حياتي اُسان جي سماج جي ڪم لاءِ ارپڻ ڪئي. اُن ڪان پوءِ به هو ٣٥ سال جيئرو رهيو جڏهن ته ان کان پهرين سندس بيماريءَ جي حالت اهڙي هئي جو هن کي جلد ئي مري وڃڻ جي پڪ هئي.

شرير جو روڳ ۽ بدپرهيزي ڇڏي ويس ته ڪيس من جي شانتي به حاصل ٿي ۽ هن سماج سيوا جي هڪ نئين جيون شروع ڪئي.

مون خود ڪيس ستر سالن جي عمر ۾ به جوانن وانگر ڪم ڪندو ڏٺو آهي. جيستائين هو جيئرو هئو تيستائين سندس من ۾ قوت ۽ اخلاقي طاقتون اڳي کان اڳريون هيون.

سو جيڪڏهن اسين انهن نيچ انوراڳن کان، جيڪي اخلاقي غلاميءَ جي ڪارڻ اسان ۾ بدپرهيزي ٿا پيدا ڪن، ان کان نجات حاصل ڪريون ته هوند اها من جي شانتي حاصل ڪري سگهون جيڪا اهڙي نيچ جيون جي ڪري نشٽ ٿيو ٿي وڃي.

و- سائين اوهانجي چوڻ موجب بدپرهيزي نيچ انوراڳن جو نتيجو آهي.

س- سؤ ٽڪا صحي. مونکي هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو قصو معلوم آهي جنهن شراب جي علت ۾ ڦاسي ڪري پنهنجي دولت جي بربادي ڪئي، صحت جو نقصان ڪيو، گهر برباد ڪيو، خوشيءَ کي کوهيو ۽ پنهنجي حياتي به بوجهه محسوس ڪرڻ لڳو. سانجهه جي وقت هو پنهنجي حالت تي روئندو ۽ ڳوڙها ڳاڙيندو رهندو هئو ۽ ائين چوندو هئو ته مان شراب جي وس ائين لاچار آهيان جيئن هڪ ڪوئو ٻليءَ جي منهن ۾ هئڻ ڪري بلڪل لاچار ٿي پوندو آهي. ڇا اهڙي ماڻهوءَ لاءِ اوهان اُميد رکي سگهو ٿا ته هو ڪڏهن خوش رهي سگهندو ۽ من جي شانتي حاصل ڪري سگهندو؟

غلاميءَ سندس دل جو چين کسي ورتو هئو.

سو ياد رکو زال، مڙس يا ٻارن جو نيچ انوراڳ اهڙيءَ غلاميءَ کي ٿو جنم ڏئي جيڪا دل جو چين کسي ٿي وٺي، جهنم برپا ٿي ڪري ڇڏي، دک جي آگ ٿي ڀڙڪائي ۽ روحاني خوشيءَ کي جلائي خاڪ ٿي ڪري ڇڏي.

و- مونکي اهو سچ ته سمجهه ۾ اچي ويو ته گهرو سنبنڌن ۾ نيچ انوراڳ ۽ بدپرهيزي اسان جي من جو چين ۽ شانتي کسي ٿا وٺن. ٻيو به ڪوئي اهڙو ڪارڻ آهي جيڪو اسان جي من جي شانتي ڀنگ ڪري؟

س- ڌن دولت جي لالچ يا لاڀ جو موهه به من جي شانتي ۽ شرير جي تندرستي کسي ٿو وٺي.

جڏهن مان ڪاليج ۾ پڙهندو هوس ته هڪڙو آڌ چريو ڏٺم جنهن پنهنجي آڱرين ۾ ڪپڙي جون منڊيون پائي رکيون هيون ۽ ڳچيءَ ۾ به هڪ ٺڪرن جو هار پاتل هوس. هنجو گذارو ٻين جي لاءِ پاڻي ڀرڻ سان ٿيندو هئو. مون پنهنجي ڏاڏيءَ کان اُن آڌ چرئي جي اهڙيءَ حالت جو سبب پڇيو ته هن ٻڌايو: ”پٽ، هيءُ ماڻهو بخارا (رشيا) مان خوب سون ڪمائي موٽي رهيو هئو ته وچ ۾ ليٽيرن سڀ ڪجهه ڦري ورتس. اهي سندس سڀئي سونيون منڊيون ۽ ڳچيءَ جو قيمتي هار به کسي ويا. تڏهن کان هن جو هوش غائب آهي ۽ هاڻي هو ڪُوڙ نهج جون ڪپڙي جون منڊيون ۽ ڳچيءَ جو هار پائي پيو پاڻ خوش ڪري.“

منهنجي شهر ۾ هڪ اهڙو واقعو ٿيو جيڪو منهنجي دل تان ڪڏهن نه وسرندو. هڪڙي اَمير ماڻهوءَ کي تار رستي خبر ملي ته ڪيس واپار ۾ ڏاڍو نقصان پيو هئو. اها خبر ٻڌي هن جون اهڙيون ته ٻيون منجهيون ويون جو جنهن هنڌ ويٺو هئو اتي سڄي رات ويٺو رهيو. هن جا وار هوائن ته ڪارا

مري ويا. هن کي جڏهن اها خبر پيئي ته چري ٿي پيئي.
ڪئين سالن لائين هوءَ رستي تي بيهي ڪري سڪولي ٻارن
کان پڇندي رهندي هئي ته ”منهنجا ڪڪا سڪول مان
ڪڏهن ايندا ؟“ اهڙي نيچ انوراڳ جي غلام کي جنهن جو
دماغ به سالم ڪونه هئو من جي شانتي ڪٿان ٿي حاصل ٿي
سگهي.

هڪ مشهور يورپين جنرل جي زال گذاري ويئي جنهن
کي هو ڏاڍو پيار ڪندو هئو. ڪجهه مهنن کان پوءِ دنيا اهو
جاڻي ڪري وسميه ۾ پئجي ويئي ته اُن جنرل پاڻ کي شوٽ
ڪري آتم هتيا ڪري ڇڏي. مرڻ کان پهرين هڪ چٺي
ڇڏي ويو جنهن ۾ لکيو هئائين: ”مون پنهنجي دک کي قابو
پائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي آهي پر ناڪام ويو آهيان.
آتمگهات ۾ ئي سک جي اُميد ٿو محسوس ڪريان.“

ان جنرل ڪئين مهنا دماغي پريشانيءَ ۾ گهاريا. پنهنجي
زال جي موهه ۾ قاتل نيچ انوراڳ جي اهڙي غلام من جي
شانتيءَ جي اُميد ڪيئن ٿي ڪئي؟

منهنجي موجودگيءَ ۾ هڪ مضبوط نوجوان ڪيڏاري
وديارٿيءَ جو ٽائيفائيڊ جي وگهي موت ٿي ويو. سندس
شادي ٿيل هئي ۽ نوجوان زال هئس. اها زال پنهنجي مڙس
جي پيار جي نيچ انوراڳ جي غلاميءَ ۾ جڪڙيل هئي. مون
کي چوڻ لڳي، ”مان هنن وٽ وينديس. مان هنن کان سواءِ
جيئري ڪونه رهي سگهنديس. هنن جي ديهانت جي هڪ
سال جي اندر مان به وڃي ساڻن پرلوڪ ملنديس.“ هن جي
اڳڪٿي صحي نڪتي. ٻارهن مهنا به ڪونه گذاريا جو هوءَ
گذاري ويئي. پر ڇا ٿا سمجهو هن اهي ٻارهن مهنا ڪيئن
گذاريا هوندا؟ ڇا سک شانتيءَ سان گذاريا هوندائين؟ بلڪل
نه. هن پنهنجو سڄو وقت دک ۾ گذاريو. نيچ انوراڳ جي

# اجايون اُميدون

وديارٿي - ڇو ته ڪو اهڙو ڪارڻ آهي جيڪو انسان جي من جي شانتي ۽ اوچ خوشيءَ کي ناس ڪندو هجي؟

سکشڪ - اجايون اُميدون زندگيءَ ۾ نااميدي، نراسائي ۽ دماغي پريشاني پيدا ٿيون ڪن ۽ ڪڏهن ته موت جو به باعث بڻجن ٿيون.

و - سائين، ڇا مهرباني ڪري اهڙين اجاين يا نقل اُميدن مان ڪن جو ذڪر ڪندا؟

س - ڪجهه اهڙيون اجايون يا نقل اُميدون جن مان دل کي سخت صدمو ٿو رسي آهي هيءَ آهن:-

(١) ڪنهن ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي شادي نه ٿيڻ.

(٢) شاديءَ کان پوءِ ٻار نه ڄمڻ.

(٣) پٽ جي سنتان نه هجڻ يا مرداڻو وارث نه هجڻ.

(٤) خواهش مطابق ڌن دولت جو حاصل نه ٿيڻ.

(٥) خواهش موجب پنگتي يا راجنيتڪ درجو حاصل نه ٿيڻ.

(٦) ڪنهن وڏي سرڪاري عهدي لاءِ چونڊجڻ واري امتحان ۾ ڪاميابي نه حاصل ٿيڻ.

(٧) اُن ڇوڪريءَ سان شادي نه ٿيڻ جنهنجي پٺيان هو مرندو هجي يا ان ڇوڪري سان شادي نه ٿيڻ جنهن جي پٺيان هوءَ چري هجي.

(٨) ڪنهن اهڙي طبقي کان قدرشناسي حاصل نه ٿيڻ جنهنجي لاءِ گهڻي منشا هجي.

(٩) نوڪري نه ملڻ.

(١٠) ڪنهن کهڻي مرض يا شريرڪ بيماريءَ مان جلد نه ڇٽڻ.

هنن ۾ صبح لائين سڀ وار اُڇا ٿي ويس. ڏک جو سندس مٿان ڪيترو نه اثر پيو هئو!

مونکي هڪ اُمير ماڻهوءَ جو قصو معلوم آهي جنهن خود اهو ٻاسيو ته کيس ڪئين راتيون ننڊ ڪو نه آئي. توري اُئي ڪڙڪي لئي هوُ اُٿي ڪري اُن ڪمري ۾ ويندو هئو جنهن ۾ سندس تجوري رکيل هئي ۽ پورا پئسا ڳڻي پوءِ موٽندو هئو. ڪڏهن ڪڏهن ته هڪ اُئي رات ۾ کيس اُئي چار دفعا اها ڪريا ڪرڻي پوندي هئي. لالچ به ڪڏهن اِنسان کي سک جي ننڊ سمهڻ ڏنو آهي؟ اها ته رڳو ننڊ ڦٽائيندي آهي.

منهنجي ڪاليج جي ڏينهن جي ڳالهه آهي. هڪ ڏينهن اها خبر ڦهلي ته شهر جي ميئر آپگهات ڪيو آهي. هوُ لکپتي ماڻهو هئو ۽ ڪجهه جعلي دستاويز ٺاهيا هئائين. ٻاهريون ڏيکه رکي ٻين جا امانت ۾ رکيل ڪروڙ پئسا پنهنجي ڌنڌي ۾ لڳائي رکيا هئائين. جڏهن ڌنڌو ڪجهه ڍوٽو پوڻ لڳس ته اچي خوف کنيس ته هاڻي له منهنجا ڪوڙ پڌرا ٿي پوندا سو آپگهات ڪري مڪتي پاتائين. لالچ ۽ ڌن ميڙڻ جي لالسا ڪانئس اهڙا ڪم ڪرايا جن سندس زندگي زهر ڪري ڇڏي. نيچ انوراڳ اسانجي من جي شانتيءَ جو نيڪ اهڙي طرح ٿا ناس ڪن جيئن زهر اسانجي شرير جو ناس ٿو ڪري.

لنهن ڪري من جي شانتيءَ ۽ اوچ خوشيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي لالچ ۽ ڌن ميڙڻ جي لالسا جي غلاميءَ کان ڇٽو پوندو. اسان کي اهڙي اُميد بلڪل به نه ڪرڻ کپي ته سڄي گهر کي باه لڳائي ڪري اسان کي لهس نه ڪو نه ايندي. ساڳيءَ طرح نيچ انوراڳن روپيءَ اگنيءَ ۾ آهوتي وجهندي رهندي من جي شانتي حاصل ڪرڻ بابت سوچڻ به بيوقوفي آهي.

رکندو هئو پر مائٽيجي ماءُ سندس اُميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيندي هئي. هاڻي هن کي سٺي نوڪري ملي وئي هئي ۽ پيءُ جي پئسي جي ڪا خاص ضرورت به ڪانه هئس. پر اُنهيءَ هوندي به هوءُ دکي رهندو هو. اُنهيءَ نااُميديءَ ۾ هن پنهنجي پيءُ تي مارڪٽ به ڪئي.

هڪ عدالت جو ڪلارڪ رشوت وٺڻ ۽ ماڻهن کي پيڙڻ ۾ بدنام هئو. سندس هڪ زبردست کي جيڪو سندس کان وڌيڪ محنتي ۽ ايماندار هئو، ترقي ڏني وئي. بس پوءِ ڇا هو- ساڙ ۾ ٻري رهيو هئو. جڏهن مون وٽ آيو ته مونکي لڳو ته هن کي پنهنجو پاڻ لڳايل باهه مان بچائڻ ڏاڍو مشڪل ڪم هو. مون ڪيس ڪئين ڏينهن تائين اهڙيءَ حالت ۾ ئي پاتو.

ٻيءَ مهاڀاريءَ لڙائيءَ کان پوءِ اڄ ۾ ڏاڍي بيروزگاري ڦهليل هئي. اُن به گهڻن ئي مايوس ماڻهن جو ٻڪ ورلو. برونس جي بيوفائيءَ سيزر جي دل ٽوڙي هئي. مون هڪ فرشتي لما انسان جي باري ۾ سچي ڪهاڻي پڙهي هئي جنهن پنهنجي ٻالپڻ جي ساٿڻ سان شادي ڪئي هئي. شاديءَ کان پوءِ هوءُ ڪئين سال گڏ رهيا ۽ ٻار به ٿين. پر تنهن کان پوءِ ان عورت جي سندن گهر مهمان ٿي آيل هڪ اَمير واپاريءَ سان دل ٻڌجي وئي ۽ هوءَ ان سان گڏ ڀڄي وئي. هن جي اهڙي ڪارنامي سندس مڙس جي دل ٽوڙي ڇڏي ۽ انهيءَ دک ۾ جُهري ڪري مري ويو. اُن بيوفا عورت کي پنهنجي ٻارن جي ڏاڍي سڪ لڳي ۽ ڪين گهڻا ئي خط لکڻ لاءِ ٻاڏايائين. پر ٻارن صاف ناڪار ڪيس. سندس پٽ لکيس ”اَمڙ تو منهنجو استريءَ جاتيءَ ۾ وشواس کوهي ڇڏيو آهي. منهنجي لاءِ اهو ڪوئي گهٽ نقصان ڪونه آهي. مونکي تو سان ڪنهن به قسم جو رستو رکڻو ڪونهي.“ اُنهيءَ نااُميديءَ ان عورت جي عيش آرام جا سپنا ٽوڙي ڇڏيا جن ۾ هن

(١١) پنهنجي پٽني يا پٽيءِ وٽان اُميدن مطابق وفاداري حاصل نہ ٿيڻ.

(١٢) پنهنجي سڄڻ، اولاد، دوست يا احسان ڪيل وٽان وفاداري ۽ صدق نہ ملڻ يا اُن جي اُبتڙ اُنهن وٽان بي وفائي يا دغا حاصل ٿيڻ.

(١٣) ڪنهنجي مددگار ۽ سيواڪاري ثابت ٿيڻ جون اُميدون ڍهي اچي پٽ پوڻ.

(١۴) ڪنهن وٽان پيار جي اهڙي موٽ نہ ملڻ جنهنجي اُميد هجي.

هيءَ ۽ ٻيون بہ اهڙيون سويس ناڪاميابيون اسانجي دل کي ڌڌڪو ٿيون رسائن جيڪي ڪڏهن بہ سهڻ کان بہ ٻاهر ٿيون ٿين.

و- سائين، رکيل اُميدون، ٽُٽل اُميدون يا نشٽ ٿيل اُميدون دل کي ڌڪوئن ٿيون ۽ اهڙي نااُميديءَ جي حالت ٿيون پيدا ڪن جن جو نتيجو اڪثر دکدائي ٿو ٿئي. اوهان جي ٻڌايل لسٽ مان مونکي بہ ائين ٿو لڳي تہ اُنهن مان گهڻيون ٽٽل اُميدون بہ غير ضروري آهن ۽ اُنهيءَ ڪري اجايون آهن. اُنهن سڀني جو آڌار خودي آهي ۽ سڀيئي سڌيءَ طرح نيچ انوراڳن ۽ نيچ گهرجائن جوئي نتيجو آهن.

س- بلڪل ٺيڪ. مون تہ اهڙين ٽٽل اُميدن جي ڪري گهڻيئي دکدائي حادثا ٿيندا ڏٺا آهن. هن سال ئي هڪڙي ڪاليجي ڇوڪري کي پنهنجي ڪمري ۾ مئل ڏٺو ويو. هن آپگهات ڪيو هئو. هُو جيڪي لکي ڪري ڇڏي ويو هئو اُن مان اُهو معلوم ٿيو تہ سندس موت جو ڪارڻ هڪ ڇوڪريءَ سان پيار هئو جنهنجي ڪيس موٽ ڪونہ ملي هئي. هڪ هوشيار ڇوڪرو اُنهيءَ ڪاليج ۾ پڙهندو هئو جنهنجو مان پرنسيپال هوس. هُو پنهنجي پيءَ کان پئسن جي اُميد

هڪ پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪريءَ کي ڪوئي من پسند گهوٽ ڪو نه ملي سگهيو آهي. هن کي پرڻجڻ جو ايڏو نه فڪر ستائي رهيو آهي جو سندس سڀ سک چئن غائب آهي.

اڄ کجهه ڏينهن ٿيا جو هڪ ڊبل گريجوئيٽ ڇوڪريءَ جي شادي ٿي. شاديءَ کان پهرين به ڪيس خوش رهڻ جا سڀ ساڌن موجود هئا پر شادي نه ٿيڻ ڪري ايتري نه دکي هئي جو هڪ دفعي نه ائين به چوڻ لڳي ”مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي مان ڇا جي لاءِ جيئري آهيان؟ ڪنهن جي لاءِ مان جيئان؟“ سندس منورٿي اجهو اها هئي پر ٻيا سندس اوچ تعليم ۽ سٺيءَ نوڪريءَ جون ريسون ڪندا هئا.

هڪ وڏيءَ فوج جي ڪمانڊر آپگهات ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ جو سندس رڪارڊ ۾ اهڙو رمارڪ لڳايو ويو جيڪو سندس نظر ۾ ڪارو داغ هئو.

اجاين اميدن سان اسان پنهنجي خوشي ۽ زندگي واريءَ لي ٿا اَڏيون. سو جڏهن اُهي اميدون ڪامياب ڪو نه ٿيون ٿين ته اسان جو سک ۽ خوشي به ناس ٿي ٿا وڃن. اُهي سڀ اميدون جن جي پوري نه ٿيڻ تي اسان جي من جي شانتي ختم ٿي ٿئي اُنهن جو مرڪز رهيو زال، مڙس، پئسو، اولاد خاص ڪري پٽ. نوڪري يا ترقي يا ٻين جي لاءِ ناجائز پيار جي موهت يا ڪجهه اهڙيون ڪي معمولي شيون آهن. پنهنجي زندگي ۽ اُميدن کي اهڙين نيچ گهرٽائن ۽ نيچ انوراڳن مٿان اَڏڻ پاڻکي نااُميديءَ جي باهه ۾ جلائڻ آهي ۽ پنهنجي من جي شانتي ۽ اوچ خوشيءَ کي مٽائڻ آهي. اها وڏي ڏک جي ڳالهه آهي جو لکين ماڻهو اهڙي جيوت گهاري رهيا آهن. آلمڪ اَنڌڪار ۾ ڪين اهڙيءَ جيوت مان خوف نٿو لڳي ۽ پنهنجي لڳايل باهه ۾ جلي ڀسم ٿي ٿا وڃن.

تنهن شاديءَ کان پوءِ انهن سوچيو هو ته سندس اندر تنهن پيار جاڳائڻ وارو سندس سڀ اڻپوريون آسون ۽ اُميدون پوريون ڪندو.

هڪڙي انگريز ڪڙيءَ جي دل کي سخت صدمو رسيو جو سندس رچنائن جي تمام گهڻي آلوچنا ٿي ۽ هوءَ مري ويو.

مونکي اهڙن ڪيترن اَمير ماڻهن جو حال معلوم آهي جن وٽ اڻترو ته پئسو آهي جو هو چاهن ته راجائن وانگر زندگي گذاري سگهن ٿا پر هنن پنهنجي زندگي جهنم بڻائي آهي ڇو ته هنن وٽ پئسو هنن جي اُميدن کان گهٽ آهي.

هڪ هوڻهار نوجوان پٽ جي موت جو سندس مائٽن کي سخت افسوس ٿيو. ڪارڻ- نوجوان جي پتنيءَ کيس ساڌوءَ جي اهو وشواس ڏيارڻ ٿي ته جيڪڏهن سندس پتني هن جي ڏنل دوا کائيندو ته کيس اولاد ڄمندو، پنهنجي پتنيءَ کي دوا کارائي- کيس اولاد ته ٿيو ئي ڪونه.

مان ڪيترن زالن کي ڄاڻان جيڪي اجا به پيون آپريشن ڪرائن يا دوائون وٺن يا پير پوڄن ته من ڪين پٽ جي اولاد ٿئي ۽ اهڙي ناڪاميابيءَ جي حالت ۾ هنن جو سارو جيون ڏک سان پورو گذري ٿو.

منهنجو هڪ زنانيءَ اسپتال ۾ وڃڻ ٿيو جتي منهنجي هڪ مائٽياڻيءَ کي ٻار ٿيڻو هو. کيس چار ڌيئر اڳ ۾ ئي هيون. پٽ جي آس هنس پر ڄاوس وري به ڌيءَ. پاڻ ۽ سندس چارئي ڌيئر اچي روئڻ ۾ چڙڪيون. سڄو نظارو ڏاڍو غمگين هو.

هڪ اَمير جي پتنيءَ کي ڪوئي اُولاد ڪونه هو. اتفاق سان ٻار ڄمڻ پيس. سڀ خوشيون ۽ اُميدون اچي اُن ٻار ۾ اَٽڪيس. ٽن سالن جو ٿي ڪري ٻار گذاري ويو ۽ اُلهيءَ ڏک ۾ سال ڪن جي اندر مائيءَ جو به اڻوقتائتو موت ٿي ويو.

وڪاس ڪاري شڪتين جي اَڻ رفتار ۽ سندن خوبصورت نتيجن کي روڪي ڪونه ٿو سگهي. تنهن ڪري هو سدائين دک ڀوڳيندو ٿيو رهي. سو حاسد ماڻهوءَ کي من جي شانتي ملي به نه ڪيئن! اوچ خوشي هن کان سدائين دور ڀڄندي رهندي ڇاڪاڻ جو هن کي نه رڳو ٻين جي دک ۾ مزو ايندو.

گلاب جي نه واکاڻ ڪري ٿي سگهجي. ان سان ايرشا ڪرڻ مان ڇا ورندو. جيڪو گلن سان حسد ڪندو سو رڳو پاڻکي دک پهچائيندو ڇاڪاڻ جو گل نه سدائين دنيا ۾ موجود رهندا ۽ پيا ٽڙندا.

و- ڇا حسد جي بيماري عام آهي؟

س- هائو، سواءِ ڪجهه نيارين حالتن کي ڇڏي. هڪڙي هندو سنت چيو آهي:

"ڪيئن لڄا سهج هي، سهج لربا ڪا نيهه،
مان بڙهائي، ايرشا درلڀ لڄني ٻهه."

[پئسي ۽ زال جو موه ڇڏڻ سولو آهي. پر ورلو ڪو نالي، ناموس ۽ ايرشا جو موه ڇڏي سگهندو.]

انهيءَ ڀيانڪ دئيت دنيا ۾ ڪيترن سٺن ڪمن ۽ سنستائن جو اَنت آندو آهي. ڏک جي ڳالهه نه اِها آهي جو حاسد ماڻهو پنهنجي اُنهيءَ اوگڻ جي غلاميءَ کان بلڪل بي خبر ٿو رهي ۽ دنيا جي نظرن ۾ هو گناه جي برخلاف مجاهد ٿو پسجي جڏهن ته حقيقت ۾ هو هر ڪنهن ڀلائي ۽ سندرتا جو دشمن آهي.

و- سائين ٻيو به ڪو اهڙو نيچ ڀاو آهي جيڪو اسانجي من جي شانتي ڇنندو هجي؟

س- ها، اُهو آهي وير ونڙ يا بدلي ونڙ جي ڀاونا.

و- وير ونڙ جي نيچ ڀاو انسان لوهان جو ڇا مطلب آهي؟

س- ڪنهنجو سياءِ وير ونو ڏهن ڇنبو جڏهن جيڪڏهن

## نهچ گهرڙائون

وڌ يارٿي - سائين، اوهان اسان کي هيلتائين اهو سمجهايو آهي ته اسان جي من جو سک آلما ۾ جي اُلٽي درشٽيءَ ۽ اخلاقي غلاميءَ ۽ اجاين اُميدن جي سبب کسجي ٿو وڃي. من جي شانتي ڪنهن ٻئي سبب به نشٽ ٿئي ٿي ڇا؟

سکشڪ - ماڻهوءَ کي دک جي باهه ۾ ڌکيندڙ ۽ سندس من جي شانتي ڀنگ ڪرڻ وارو هڪ وڏو ڪارڻ حسد آهي.

و - مهرباني ڪري حسد جي وڌيڪ سمجهاڻي ڏيندا؟

س - جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو اُمنگ ڀاو اڀترو وڌي وڃي جو پاڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي گڻن جي واکاڻ نه سهي سگهي (حالانڪ پنهنجي ڪوڙي خوشامد به مٺي لڳندي هجيس) ۽ اُن واکاڻ سبب پاڻ کي پريشانيءَ ۽ دکي محسوس ڪرڻ لڳي، يا ٻئي ڪنهن کي پاڻ کان وڌيڪ واڌارو ڪندو، پئسو ڪمائيندو يا خوش رهندو ڏسي ڪري ڌڌڪو لڳندو هجيس يا رنج ٿيندو هجيس ته چئبو هو حسد جو شڪار ٿيو آهي.

و - اُهو ته سچ پچ آلما جو وڏو روڳ چئبو!

س - ٺيڪ ٿو چئين. اها هڪ اهڙي ڀاو شڪتي آهي جيڪا وڪاس جي انوکيءَ راهه جي بلڪل اُبتڙ ٿي ڪم ڪري. وڪاس ڪاري شڪتيون دنيا ۾ هميشه بهتر کان بهتر ۽ اوچ کان اوچ شيون ۽ منش پيدا ڪنديون آهن جيڪي ٻين سان اوچ ميل ميلاپ ۽ ترقيءَ جا ساڌن بڻبا آهن. وڪاس ڪاري شڪتين جي ڪارج کي ڪو به روڪي نٿو سگهي. پر حاسد ماڻهو سدائين ٻين جي ترقي ۽ خوشيءَ ۾ پاڻ کي دکي ۽ وياڪل پيو محسوس ڪندو. جنهن ته هو

ماں هڪڙي ڀاءُ کي ٻيو ڀاءُ اُنهيءَ ڪري ڪندي وانگر ٿي
ڇيهو ڇاڪاڻ جو هن سندس نيچ خواهش جي پورتي ڪرڻ
ٿي ڪئي. سو هن ڪجھ گوندن کي ڀاڙي تي ڪيو ۽ ڀاءُ
جي سڄي خاندان جو قتل ڪرائي ڇڏيائين. اُن ڪٽنب ۾
ٻارهن ڄڻا هئا جي سڀئي بنا قصور جي موت جي گهاٽ
چڙهيا. اُهو ڪيس پوءِ ڪورٽ ۾ به ويو.

ٻيو قصو هڪ نوڪر جو آهي جنهنجو پنهنجي مالڪ سان
ڻٺو ٿي پيو. بدلي جي ڀاونا ڪيس ايترو ته پاڳل بڻائي ڇڏيو
جو هن پنهنجي هٿن سان مالڪ ۽ سندس ڪٽنبين جو خون
ڪري ڇڏيو. هيءُ ڪيس به ڪورٽ ۾ هليو هئو.

مٿيان واقعا تازا آهن ۽ سيني ۾ ڪيل ڪارناما پوريءَ
طرح ڳڻتي ڳوڻي ڪيا ويا هئا. اِنهن مان اِهو صاف ظاهر آهي
ته بدلي اُجي ڀاونا سان ڀريل ماڻهن کي ٻيو ڪجھ ڪرڻ
سجهيو ۽ ڪين ٻين جي خون ڪرڻ کان پوءِ اُني ڪجھ راحت
محسوس ٿي.

اسان جي تواريخ ۾ هڪ هندو نوجوان جو ذڪر آهي
جيڪو هڪڙيءَ مسلمان ڇوڪريءَ سان پريم ڪندو هئو.
پر ٻنهي جي ليستائين شادي ڪرڻ پٺي تي سگهي جيستائين
ٻنهي جو مذهب ساڳيو نه هجي. انهن ڏينهن ۾ ڪوئي
سول مئرج ائڪٽ به ڪونه هئو جنهن موجب ڪٿي شادي ڪري
سگهن. ڇوڪري ۽ سندس مائٽ ان ڳالھ لاءِ راضي هئا ته
ڀلي ڇوڪري هندو ٿئي. ڇوڪري کي جڏهن اهو ٻڌايو ويو
ته هوُ پنهنجي مائٽن کان اهڙي اِجازت گهرڻ ويو. پر ڇوڪري
جا مائٽ ڪٽر هندو هئا ۽ هوُ اها ڳالھ ڪيئن ٿي برداشت
ڪري سگهيا ته سندن گهر ۾ ڪا مسلمان نُنهن اچي. اُج ڪلھ
جا هندو سماج سڌارڪ پنٿ به اُنهن ڏينهن ۾ ڪونه هئا.
نتيجو اهو ٿيو ڇوڪري پنهنجي اِڇا پوري نه ٿيندو ڏسي

ڪوئي سنڌس مرضيءَ پٽاندر نٿو هلي يا سنڌس اُميدن جي خلاف ٿو هلي تہ هوُ اُن جي خلاف پاڻ يا ٻئي ڪنهن جي دوارا گهات ٿو گهڙي ۽ نقصان ٿو پهچائي يا پهچارائي ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجو بدلو ٿو وٺي.

جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي دل ۾ اهڙي دوزخي ڀاونا اُتپن ٿي ٿئي ۽ اهڙي ڀاونا لڪيل ماڻهن ۾ موجود آهي، ڀلي پوءِ اها ڪنهنجي بہ برخلاف ڇو نہ هجي يا خود سنڌس ڀلي ڪندڙ جي خلاف اُئي هجي، تہ پوءِ اهو ماڻهو رڳو ڀڙندو ٿو رهي ۽ دک سهندو ٿو رهي. جڏهن اها بدلي جي ڀاونا منجهس تمام گهٽي ٿي وڃي تہ پوءِ هوءُ کليو کلايو اعلان ڪندو ٿو وتي تہ ليستائين سک جي ننڊ نہ سمهندس جيستائين فلاڻي کان بدلو نہ ورتو اٿم يا کيس جان کان نہ ختم ڪيو اٿم.

و- اها ڀاونا ڪهڙي نہ دوزخي چئبي!

س- سچ پچ آهي بہ ائين. ڪجهہ ماڻهن جي ويچار موجب جيڪو دوزخ ٻڌايل آهي اهو بہ هوند وير ورتڻ جي ڀاونا ۾ جلندڙ دل جو مقابلو ڪونہ ڪري سگهندو.

و- وير ۽ بدلي جي ڀاونا سان ماڻهوءَ جي دل ۾ سچ پچ دوزخي جوالا ٻري ٿي پوي جنهن ۾ ڪيئي لکين دليون جلبو ناس ٿيو وڃن. انسان ذات جو ڏيان ايذانهن ڇو ڪونہ ڇڪيو آهي؟

س- ماڻهن جو ٻاهريَنءَ سزا ۾ وڌيڪ اعتقاد آهي. ڪين اهو محسوس ئي ڪونہ ٿو ٿئي تہ اَصلي سزا يا انعام تہ دوزخي يا سالوڪ شڪتين جي پيدا ٿيڻ سان ٿو ملي. دوزخي شڪتيون جهنم ٿيون ٻرپا ڪن ۽ سالوڪ شڪتيون اسانجي آلمڪ جيون ۾ سرڳ ٺٺون آڻن.

هڪڙي تحصيل جي صدر مقام ۾ بہ ڀائر رهندا هئا. اُنهن

و- اها نيچ شڪتي ڪهڙا قهر ٿي ڪري؟

س- اها نيچ شڪتي گهمنڊي ماڻهوءَ جي من ۾ اها هوا ٿي ڀري ڇڏي ته هو ڪجهه ڪمن ۾ ٻين کان وڌيڪ قابل آهي جيتوڻيڪ حقيقت ۾ اهي ڪالئس هر لحاظ ۾ وڌيڪ قابل ۽ بهتر آهن. اها گهمنڊ شڪتي هن کي اينترو ته انڌو ٿي ڪري ڇڏي جو اهڙن معاملن ۾ جن بابت حقيقت ۾ هو ٻلڪل بيرو ڪونه جاڻي، ٻين سڀني جاڻن کان پاڻ کي وڌيڪ ماهر ٿو سمجهي. اهڙيءَ گهمنڊ جي حالت ۾ هو اهڙو ته نازڪ طبيعت ٿي ٿو پوي جو ڪوئي ڪيس سندس سچي غلطي يا گهٽتائي سمجهڻ جي ڪوشش ٿو ڪري يا سندس خير خواهن کي عجي شڪايت ٿو ڪري يا سندس خطائون سندس ڌيان تي آڻڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ته هو پاڻ کي اهڙو پريشان محسوس ڪرڻ ٿو لڳي جيئن مڇي پاڻيءَ بنا. هو پنهنجي اهڙن دوستن يا خير خواهن کي به ڌڪارڻ ٿو لڳي.

و- مهرباني ڪري ڪوئي مثال ڏيئي سمجهائيندا؟

س- هڪڙي وديارٿيءَ کي مان ڄاڻان جنهن ۾ گهمنڊ پرجي ويو هئو. هڪ دفعي ماستر ڪيس اهڙي ڪم ۾ ناپاس ڪيو جنهنجو ڪيس ڏاڍو ٻانور هئو. ڪئين سال گذرڻ کان پوءِ به هو پنهنجي ان ماستر جي گلا ڪندو ٿو وتي ۽ پنهنجو گهمنڊ سو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچيس.

ٽيهه سال کن پهرين جي ڳالهه آهي جو هڪ ايم اي پاس ڪيل شخص ڪنهن مشهور اخبار نويس وٽ ويو، جنهن وٽ ڪا به ڊگري ڪانه هئي ۽ کيس اخبار نويسي سيکارڻ لاءِ عرض ڪيائين. هن سمجهيو ته هيءُ ايم اي پاس جوان ڪافي لهنو ٿو ڏسجي ۽ اُميد ڪيائين ته سندس نڪتچيني برداشت ڪندو. نوجوان کي هڪ ڪتاب ترجمي ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو

وڃي اسلام قبول ڪيو ۽ پنهنجي محبوب سان شادي ڪئي. قسمت سان هڪ فوج جو عالي عملدار تي ويو ۽ ڪنهن راج تي چڙهائي ڪيائين ۽ اُن کي فتح ڪيائين. پوء پيا هو هن هندن کان پورو بدلو چڪائي ورتو. هزارين هندو تلوار جي زور تي اسلام ۾ آنڊائين ۽ جيڪي سندس چنبي ۾ نه آيا انهن کي موت جي گهاٽ پهچايائين.

نيچ ۽ ڪميڻين دلين ۾ نااميدون يا اڻ پوريون لڇائون اهڙيون دوزخي شڪتيون تيون پيدا ڪن جو جيستائين هو پنهنجي دشمن کان پورو بدلو نتيون چڪائي وٺن تيستائين هن لاء هر قسم جو دوزخ تيون برپا ڪن. ڪيترن سالن لائين اهو نيچ ٺئون مريد فوجي عملدار بدلي جي باهه ۾ پڙندو رهيو. سندس دل جو سک چئن غائب هئو. اهڙا ڪلور ڪرڻ کان پوء به سندس دل کي شايد ئي شانتي ملي هجي.

و- چو نه سائين؟ اهترو بدلو وٺڻ کان پوء به ڪيس شانتي نه ملي هوندي؟

س- نيچ ياونا ترشنيءَ کان پوء پاڻ وڌيڪ ستائيندڙ تي پوندي آهي جيئن باهه ڪاٺيون وجهڻ کان پوء وڌيڪ لڪيون جهيون ڪڍندي آهي.

و- پر ماٺهو اهڙي نيچ ياونا پنهنجي اندر پيدا ڪن ئي چو ٿا؟

س- چاڪاڻ ته اُن مان کين نيچ خوشي تي حاصل ٿئي ۽ اُن جو دوزخي سروپ ڪين نظر ڪونه ٿو اچي.

و- ٻيون به ڪا اهڙي شڪتي يا دل جي ياونا آهي جيڪا من جي شانتيءَ جو ناس ڪندي هجي؟

س- غير معمولي حوديءَ جو پيار جيئن گهمنڊ يا آڪڙ، نيچ شڪتي آهي.

ٻجهي ٿو وڃي. اهڙا نيچ انوراڳ ۽ انهن مان پيدا ٿيندڙ نيچ گهرٽائون انسان جي آتما جي پتن جو ڪارڻ آهن ۽ تنهنڪري سندس من جي شانتي ڪسي ٿا وٺن. سو جيستائين انسان جي اندر اهڙن نيچ انوراڳن ۽ نيچ گهرٽائن لاءِ حقارت پيدا ڪونہ ٿي ٿئي تيستائين هو انهن کي ڇهنبو پيو ٿو رهي ۽ انهن جي دوزخي آگ ۾ نہ رڳو پاڻ ٿو جلندو رهي بلڪ ٻين کي بہ جلائيندو ٿو رهي.

و- پاڻ ۾ نيچ انوراڳن ۽ نيچ گهرٽائن لاءِ حقارت ڪيئن پيدا ڪجي؟

س- ديو جوتيءَ يا روحاني روشنيءَ گرهڻ ڪرڻ سان ۽ انهيءَ روشنيءَ ۾ ڪيس نيچ انوراڳن ۽ نيچ گهرٽائن جو ٻڇڙو ۽ دوشي روپ نظر ايندو جيڪو هونئن آتم انڌڪار جي ڪارڻ ڪيس موهيندڙ ۽ ڪشش ڪندڙ ٿو ڀسجي.

روحاني روشنيءَ کان سواءِ ڪيس روحاني ٻل يا ديو تيج بہ ملڻ کپي جيڪو سندس اندر اهڙن نيچ ڀاون جي ذاستا کي هٽائي ڦٽي ڪرڻ جي سگهہ پيدا ڪري.

جيستائين ڪنهن کي اهي ٻئي برڪتون حاصل ڪونہ ٿينديون تيستائين هن ۾ ٻاهرئين نيچ جيون کان مڪت ٿيڻ جي اڇا بہ ڪونہ پيدا ٿيندي.

و- ٻہ هي برڪتون ملنديون ڪٿان؟

س- اسان کي اهي اُن مان حاصل ٿي سگهن ٿيون جنهن ۾ قدرت جي ذريعي اهو نشو نما ٿيون هجن.

و- اهو لاثاني ظهور ڪهڙو آهي؟

س- اسان ديو سماج جي پنهنجي پرم پوڄنيہ ڀڳوان ديو آتما کي اهڙو لاثاني ظهور ٿا مڃيون. هن جو جنم اهڙين روحاني شڪتين کي ٻج روپ ۾ گرهڻ ڪري ٿيو جن جو پوءِ هن پنهنجي لاثاني تياڳن ۽ قربانين سان وڪاس ڪيو.

جيڪو هن ڪري ورتو. پر هن اخبار نويس کي سنڌس ترجمو ٻين ڀاشائن ۾ ڪرڻ جي سخت حاجت محسوس ٿيڻ لڳي. اخبار نويس کي به سندس هٿ جي ترجمي کي ترجيح ڏني. بس! ان کان پوءِ اهو نوجوان وڏو ليکڪ ٿي سگهيو. رڳو ايترو ئي هيو ته ٻه نيڪ. ٻر تنهن کان پوءِ اهو جوان ڪيترن سالن تائين انهيءَ مشهور اخبار نويس جي گلا ڪندو رهيو ۽ پنهنجي اندر ۾ اسانتيءَ جي جوالا ٻاريندو رهيو. گهمنڊ ۽ آڪڙ آتما جا اهڙا ڦوڙا آهن جيڪي نقطچينيءَ جي هر هڪ جهونڪي لڳڻ سان پيڙا محسوس ڪرڻ ٿا لڳن.

هڪ مئجسٽريٽ کي به گهمنڊ ايترو اُورائي ويو هئو جو هو پنهنجي بالا آفيسرن جي واتان به پنهنجي نقطچيني ڪونه ٻڌي سگهندو هئو. سندس اهڙيءَ نازڪ طبيعت نه رڳو سندس سک آرام ڇني ورتو بلڪ اڳتي جو واڌارو به روڪي ڇڏيو. ڪيس پنهنجي آفيسرن جي برائيءَ بابت ڳالهائڻ کانسواءِ ٻيو ڪوئي ڄڻ مضمون ئي ڪونه هئو. نتيجو اهو ٿيو جو هر ڪو سندس ڳالهه جي ڪن لاٿار ڪري ويندو هئو.

ڪِر ڪِر ڪاڏن، شڪايتن ۽ گلاخورن جي ذات اصل گهمنڊ آڪڙ ۽ خوديءَ جي پيار جي پيدائش آهي.

و- دل جي شانتي ميسارڻ وارا ايترا ته ڪارڻ آهن جو انهن جي موجود هوندي انسان دل جي شانتيءَ جي اميد ڪيئن ٿو ڪري؟

س- نيڪ ٿو چئين. اهوئي ڪارڻ آهي جو دک ۽ پيڙائون وڌندا ٿا وڃن.

و- من ۽ آتما جي اهڙن روڳن کان ڇوٽڪارو ڪيئن ٿو حاصل ٿي سگهي؟

س- سياڻا ڪان ماڻهو نيچ خوشين جي پوئتان ٿو ڦري. اها اڀا وري ٻوري ٿيڻ لي هن کي ان سان پيار

## پنهنجون لياقتون وڌائڻ

سکشڪ - اڄ جنهن مضمون بابت مان ڳالهائڻ ٿو چاهيان اهو آهي ته تمام عام رواجي نموني اسان سڀني لاءِ ڏاڍو ڪمائتو آهي. مضمون جو وشيه آهي ته اسان ڪيئن پنهنجي قدر ۽ ڪارگرتا کي وڌائڻ جي ڪيتري نه ضرورت آهي.

وديارٿي - اهو ته صاف ظاهر پيو آهي. انهيءَ بابت گهڻو ويچار ڪرڻ جي ڪا به ضرورت ڪونهي.

س - جيڪو مضمون ماڻهوءَ جي فائدي وارو آهي ان بابت گنڀيرتا سان ويچار ڪرڻ ضروري آهي. وشيه سرل ضرور آهي پر تڏهن به ان جي سمجهاڻي ڏيڻ ضروري آهي. لکين ماڻهو اهڙا پيا آهن جيڪي اهڙين شين جي پوئتان پيا ٿا ڀٽڪن جن جي هو قابل ڪونهن ۽ انهن کي پراپت نه ڪري سگهڻ تي نااميديءَ جي دوزخي باهه ۾ پيا جلن.

و - مهرباني ڪري مثال ڏيئي سمجهائيندا؟

س - اوهان گهڻيئي اهڙا پڌرناما "ضرورت آهي" ڪالم ۾ پڙهيا هوندا جن ۾ لکيل هوندو آهي ته گريجوئيٽ ڪپن پر ٿرڊ ڪلاس گريجوئيٽ مهرباني ڪري درخواست ڪونه موڪلين. حالانڪ اهي پڌرناما بلڪل صاف اکرن ۾ منع ڪندا آهن ليڪن ڪئين ٿرڊ ڪلاس گريجوئيٽ ۽ ڪي غير گريجوئيٽ به انهن نوڪرين لاءِ پنهنجون درخواستون موڪلي ڏيندا آهن جيڪي سندن لاءِ ڪو نه هونديون آهن. نتيجو اهو ٿيندو آهي جو کين رڳو نااميدي پلئه پوندي آهي ۽ نوءِ ولندا آهن اهڙي پڌرنامي ڇپائيندڙن کي گاريون ڏيندا. اهڙيءَ حالت ۾ هو رڳو اهو ثابت ڪندا آهن ته هو پنهنجو قدر ۽ ڪارگرتا وڌائڻ لاءِ ڪائي محنت ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهن.

اهڙين شڪتين جي وڪاس سبب هنن پاڻ ۾ اها بيجوڙ روشني پيدا ڪئي آهي جنهنجي مدد سان اسان پنهنجون اعليٰ اندريون روپ ڏسي ٿا سگهون ۽ اها بيجوڙ روحاني طاقت پاڻ ۾ پيدا ڪئي جنهنجي سهايتا سان اسان ڪئين قسم جي بندشن کان مڪتي حاصل ڪري ٿا سگهون.

و- سائين، سيني ماڻهن کي اها روشني ۽ بل حاصل ٿي سگهن ٿا؟

س- نه، رڳو اڌڪاري ماڻهوئي اُنهن کي گرهڻ ڪري ٿا سگهن ۽ اُهو به تڏهن جڏهن ڪين جوڳو ماحول حاصل ٿئي.

و- تنهنجي معنيٰ اوهان اڌ چڪڻ جي نيم ۽ والاورڻ جي نيم ۾ وشواس ٿا رکو.

س- برابر، منهنجو اُنهن ۾ وشواس آهي. ٻار ڪي جنمي شڪتيون ۽ گڻ پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ وڏن کان ورثي ۾ ملن ٿيون. هن جو رهڻ ڪرڻ سماج ۾ ٿو ٿئي سو ان جي اثرن کان به هوءُ بچي نٿو سگهي. تنهنجي ڪري اڌڪاري آتما اُها آهي جيڪا اهڙيءَ بيجوڙ روشنيءَ ۽ اهڙي بيجوڙ بل کي حاصل ڪري سچ پچ پنهنجي اندر نيچ انوراڳن ۽ نيچ گهرٽائن جي لاءِ حقارت پيدا ڪري.

ماڻهوءَ کي جيڪڏهن من جي شانتيءَ جي درڪار آهي ته کيس نيچ انوراڳن ۽ نيچ گهرٽائن جي دوزخي ڏکن کان پاڻ کي آجو ڪرڻ کپي.

آڪائيندي بس جڏهن مان ڪنهن تمام سٺي پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ٿي سگهان؟" ڇوڪري پنهنجي لياقت ۽ قدر وڌائڻ جي ڪوشش ئي ڪونه ڪئي پر رڳو پئي اهڙيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ جون سڌون ڪيائين جيڪا اُنهيءَ علائقي جي سڀني کان وڌيڪ پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪري هئي ۽ جنهن سان ڪئين ولائتي پڙهيل ڇوڪرا شادي ڪرڻ لاءِ خواهان هئا. اهڙيءَ سخت نااُميديءَ کيس پاڳل بڻائي ڇڏيو. هن کي اها سچائي نه دل سان آئي ڪانه پئي لڳي ته هو ڪو انهيءَ ڇوڪريءَ جي لائق ڪونه هئو. پنهنجي نظرن ۾ هن اجا به انهيءَ ڇوڪريءَ لاءِ پاڻ کي سڀني ۾ سٺو ور ٿي سمجهيو. ان ڇوڪريءَ جي شاديءَ ۾ هن گهٽيئي دقتون ڪڙيون ڪيون پر هن ڇوڪري کي بي عزتيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه پلئه نه پيو. دراصل اهڙي بي عزتي پنهنجو پاڻ آنڊائين.

و- تمام افسوسناڪ ڳالهه ڇٽبي!

س- انهيءَ جي ابتڙ هڪ ٻي ڳالهه ٿو ٻڌايانءِ.

هڪڙي غريب جو پٽ هئو جنهنجو هڪ امير ماڻهوءَ جي ڌيءَ سان نينهن ٻڌجي ويو. پر کيس آڪڙ ڪانه هئي. اهو چڱيءَ طرح سان محسوس ٿي ڪيائين ته هو غريب هئو ۽ مئٽرڪ به پاس ڪيل ڪونه هئو. سو پنهنجي لياقت وڌائڻ جو محڪم ارادو ڪيائين. مئٽرڪ پاس ڪري ڪاليج ۾ داخل ٿيو. تڏهن ڇوڪريءَ جي سؤٽ جي معرفت ڇوڪريءَ جي ماءُ کي نياپو موڪليائين ته هو سندس تهدل شڪرگذار رهندو جيڪڏهن هو ٻيسنائين ترسندا جيستائين هو ڇوڪرو ڊگري حاصل ڪري ڇوڪريءَ جي ٻانهن وٺڻ جي قابل ٿئي. پر ڌيءُ ماءُ اهو نياز ٺڪرائي ڇڏيو ۽ پنهنجي ڌيءَ جي شادي ٻئي ڪنهن ڪاليج ۾ پڙهندڙ هڪ امير ماڻهوءَ

و- اها ته عجيب ڳالهه چئي.

س- اهو ڪجهه قدرتي به آهي. عام طور سان انسان ايترو ته گهمنڊي آهي جو ڪئين بهترين نوڪرين لاءِ پاڻ کي قابل سمجهندو آهي. هن ڪري پنهنجي لياقت ڪٿڻ جو به پنهنجو ئي پيمانو آهي. ان پيماني موجب هو پاڻ کي سيني کان وڌيڪ لائقيءَ جو سرٽيفڪيٽ عطا ڪندو آهي ۽ ڪيس لڏهن سخت افسوس ٿيندو آهي جڏهن ٻيا سندس پنهنجو پاڻ کي ڏنل سرٽيفڪيٽ قبول نه ڪندا آهن.

و- مهرباني ڪري اهو مثال ڏيئي سمجهايو.

س- هڪ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري پاڙيسري به هئا ۽ سڪول ۾ به گڏ پڙهندا هئا. ٻنهي جي پاڻ ۾ اسڪولي دوستي ٿي ويئي. اها ڪجهه وقت کان پوءِ رومانس ۾ بدلجي ويئي ۽ ٻنهي پاڻ ۾ شاديءَ ڪرڻ جو انجام به ڪيو. پنهنجي مائٽن سان ڪا به صلاح ڪو نه ڪيائون ۽ نه ان جي ضرورت ئي محسوس ٿين. ٻنهي مئٽرڪ پاس ڪئي. ڇوڪري کي وڌيڪ ڪاليج ۾ پڙهڻ جي توفيق ڪو نه هئي پر ڇوڪري ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ داخل ٿي. هن انٽر پاس ڪئي. سندس وڌندڙ اميدن ۽ آزمودي ان پريميءَ لاءِ ڪشش گهٽائي ڇڏي. پر ڇوڪري کي سو اڃا به اهو وسواس هئو ته چاهي هو رڳو مئٽرڪ پاس هئو پر هو پاڻ کان وڌيڪ پڙهيل ڇوڪريءَ لاءِ اڃا به لائق هئو. تنهن کان پوءِ ڇوڪريءَ بي. اي پاس ڪئي. پر ان پريمي ڇوڪري اڃا به پاڻ کي هن ڇوڪريءَ جي قابل پئي سمجهيو. سو شاديءَ لاءِ آڇ ڪيائينس. پر ڇوڪري صاف ناڪار ڪئي ۽ سڌو جواب ڏنائينس، "اسڪول جي زماني جون ڇريائپ جون پيار جون ڳالهيون ڀلجي وڃ. زندگي ڪا مخول ڪو نه آهي. سا پيا آهي. تون اها ڪيئن ٿو اميد ڪرين ته مان پنهنجي قسمت توسان

س- منهنجو هڪ پاڙيسري هو، جنهنجو پيءُ گذاري ويو هو. چاچهنس جو مڇهس چاهه هو ته هو پاڻ رڳو ناچ ڳاني جو شوقين هو ۽ پڙهڻ لکڻ ڏانهن گهٽ ڌيان ڏيندو هو. مڊل پاس ڪري پڙهڻ ڇڏي ڏنائين ۽ وڃي ١٥ رپين مهني تي ريلوي ۾ ٽڪيٽ ڪليڪٽر ٿيو. سندس هم ڪلاسي جيڪي پڙهڻ ۾ هوشيار هئا اُهي مئٽرڪ پاس ڪري ڪاليج ۾ داخلا ورتي. انهن ڪاليجن مان ڪجهه ڄڻا هڪ دفعي ريل ۾ ڪاليج کان موٽي رهيا هئا. اها ريل انهيءَ اسٽيشن تي به بيٺي جتي اُهو ڇوڪرو اڪثر ٽڪيٽ ڪليڪٽري ڪندو هو. دوستن ڪيس ڪجهه اهڙا ڳتا لفظ ڳالهايا جيڪي ٻڌي هن کي ڏاڍو صدمو رسيو. پر بجاءِ اهڙي بي عزتيءَ تي افسوس ڪرڻ جي يا دوستن کي ڌڪارڻ جي هن هڪدم پڪو فيصلو ڪيو ته پنهنجي تقدير اهڙي ته سڌاريندس جو منهنجا اُهي هنيلا دوست مون سان رستو رکڻ ۾ عزت محسوس ڪندا.

اهو پڪو فيصلو ڪري هن پنهنجي نوڪريءَ جي استعفا ڏني ۽ پنهنجي چاچي کي مدد لاءِ وينتي ڪيائين. چاچهنس مدد ڏيڻ سويڪار ڪيس. پوءِ ته مئٽرڪ ڪلاس ۾ داخلا ورتائين ۽ پاس ڪيائين. ڪاليج ۾ پڙهڻ ويو ۽ بي ايس سي پاس ڪيائين. تنهن کان پوءِ انجنيري پڙهڻ ويو جنهن ۾ آخري سال ۾ پهرين نمبر سان پاس ٿيڻ جي ڪري هڪدم امپيريل سروس ۾ کڄي ويو. اهڙي طرح هن جيون ۾ ناموس حاصل ڪيو. جڏهن ڪيس عزت ڏيڻ لاءِ شهر وارن جلوس ڪڍيو ته سندس ڪجهه پراڻا دوست به سرگس ۾ شامل هئا جن ڪنهن وقت ڪيس بي عزتو ڪيو هو.

پنهنجو قدر وڌائڻ اجهو انهيءَ کي چئبو آهي.

و- سائين اهو ته ڏاڍو آسان ڏيارهيندڙ مثال آهي.

جي پٽ سان ڪرائي ڇڏي. اهو ڄاڻي ڪري ڇوڪري کي ڏاڍو ڏک رسيو پر هو سياڻو هئو ۽ پڪو نسچو ڪيائين ته پنهنجي لياقت اڃا به ايتري وڌائيندس جو انهيءَ ڇوڪريءَ جي ماءُ مون سان پنهنجي ٻيءَ ڌيءَ پرڻائڻ پنهنجو شان سمجهندي. سو نااميديءَ بجاءِ ڳوڙها ڳاڙڻ جي بدران وديا حاصل ڪرڻ ۾ جنبي ويو. وڏا امتحان پاس ڪيائين. آخر اهو ڏينهن به آيو جڏهن انهيءَ ساڳيءَ مغرور ماءُ کيس سڏائي ڪري چيو، ”پٽ تو منهنجي وڏيءَ ڌيءَ سان شادي ڪرڻ ٿي گهري. وڏ ور ڪنيا گهر ۾ ڪيستائين ڪنواري ويهاريان، سو ڪري ڪونه سگهيس. منهنجي ٻيو نمبر ڌيءَ وڏيءَ کان به وڌيڪ سهڻي آهي. تون ها ڪرين ته مان ان جو توسان وهانءُ ڪرائڻ لاءِ تيار آهيان.“ نوجوان کي سنتوش حاصل ٿيو. هن ڪنهن کي پٽيو ڪونه. رڳو پنهنجي لياقت وڌايائين اهڙيءَ طرح پاڻ کي، واکاڻ ۽ ريس جي قابل بڻايائين!

و- اهو ته ڏاڍو اُتساهه ڏياريندڙ مثال آهي.

س- مونکي هندستان جي هڪ وڏي دانوير جي جيون جي گهٽنا بابت ڄاڻ آهي. پِتس غريب هئو. جيو تيو وڃي ته هڪ دفعي ڪنهن سان گڏجڻ لاءِ هو ايگزيڪيوٽو انجنير جي آفيس ۾ ويو. اڃا ٻار هئو سو اُتي هڪ ڪرسي خالي ڏسي اُن تي ويهي رهيو. ايتري ۾ چپراسي آيو جنهن هنکي ڪرسيءَ تي ويٺل ڏسي کيس خوب گهٽ وڌ ڳالهايو. کيس سخت ڏاڍو ڏک رسيو ۽ چيائين، ”مان ڪنهن ڏينهن هن ڪرسيءَ تي ويهڻ جي قابل ٿيندس.“ اها ڪو رڳي ٻٽاڪ ڪونه هئي. هن پڙهيو ۽ رڙڪي ڪاليج مان خاص لياقت سان پاس ٿيو ۽ وقت سارُ هو انهيءَ ڪرسيءَ جو مالڪ بڻيو. انهيءَ کي چئبو آهي پنهنجو قدر ۽ ڪارگرتا کي وڌائڻ.

و- اهو ته اچرج وجهندڙ واقعو آهي.

و- سائين هن وشيه لي ته اسان کي اڃا وڌيڪ اُپديش جي ضرورت آهي. هاڻي اسان کي اِهو ته سمجهه ۾ اچي ويو آهي ته دنيا ۾ گهمنڊ جي ڀاوَ کان سوِمان جو ڀاوُ وڌيڪ ڪارگر آهي.

س- اڄ جو ليڪچر ختم ڪرڻ کان پهرين هڪ ٻيو ٻه مثال ٿو اوهان کي ٻڌايان.

هڪ اَمير ماڻهوءَ پنهنجي سڪيلڏي ڌيءَ جو وهانءُ هڪ غريب وڌوا جي پٽ سان ڪرائي ڄڻ هنکي ملهه ڳنهيو. نانيءَ کي پنهنجي ئي گهر ۾ رهايائين ۽ ڪيس پاڙهي ٻي اي پاس ڪرايائين. ٻر ڇوڪري سان سندس زال ۽ سس سهرو اهڙي هلت هلندا هئا ڄڻ هنن اُنس وڏي مهرباني ڪري آندو، لتو ۽ اَجهو ڏنو هئو. سو هڪ ڏينهن هوءُ زال کي چوڻ لڳو، ”لوهان کي مون سان ڪيڙي ماڪوڙي جهڙو ورتاءُ نه ڪرڻ کپي.“ زال ٻه بي شرمائيءَ سان اکڙ ۾ پوڄي ڪري جواب ڏنس، ”پينن کي اجايون سڏون ڪونه ڪرڻ جڳائن.“ اهو چئي ڪري هوءَ هلي وئي. ڇوڪرو سو ڏکـ ۾ اُلي ئي ويهي رهيو ۽ لڳو پنهنجي حال لي ڳوڙها ڳاڙڻ. لڏهن اندر مان ڳجهو آواز آيس ۽ فيصلو ڪيائين، ”مون کي سندن سنمان جي لائق بڻجڻو پوندو. اهو ليستائين ٿي نٿو سگهي جيستائين منهنجي لاچاري دور ڪونه ٿي آهي. ۽ ليستائين مون سان ڪيڙن ماڪوڙن وارو ورتاءُ ٿيندو ئي رهندو.“ اهو فيصلو ڪري هو پنهنجو ساهرو گهر ڇڏي ڪري غائب ٿي ويو ۽ ٥-٦ سالن تائين هن جو ڪنهن کي پتو ئي ڪونه پيو. اهڙي گهڻي عرصي لاءِ هن جي گم هجڻ لي سندس زال ۽ سس سهري کي ڪجهه هوش آيو. ڪيس ڳولهڻ لاءِ اخبارن ۾ وگياپن وجهارايائون ۽ سندس ڳولها ۾ ماڻهو ٻه موڪليائون پر هوُ ڪونه لڌو. اَچانڪ هڪ ڏينهن هوُ پراڻا

س- هڪڙيءَ ڇوڪريءَ، جنهنکي مان سڃاڻان، جو بـ هڪڙو درشتانت آهي. هوءَ اسڪول وڃڻ پسند ڪونـ ڪندي هئي. هڪڙي ڏينهن پنهنجيءَ هڪڙيءَ ساهيڙيءَ سان ملڻ ويئي جيڪا پنهنجي هاءِ اسڪول جي بورڊنگ مان موٽي هئي. جنهن وقت هوءَ پنهنجي ساهيڙيءَ سان ملي رهي هئي انوقت سندس (پڙهيل ڇوڪريءَ جو) پيءُ بہ موجود هئو جيڪو کيس چوڻ لڳو ”او اڻ پڙهيل ڇوڪري، ڏس وديا سان منهنجي ڌيءُ ۾ ڪيڏو نہ سڌارو اچي ويو آهي.“ اُن ڇوڪريءَ پوءِ منهنجي اڳيان ٻاسيو، ”پنهنجي ساهيڙيءَ جي پيءُ جا اُهي اکر ٻڌي مون کي سخت صدمو رسيو. ٽٽل دل سان گهر واپس آيس ۽ پنهنجي قسمت تي سوچڻ لڳيس. اوچتو ئي مون پڪو فيصلو ڪيو تہ مان بہ انهيءَ اسڪول ۾ پڙهڻ وينديس جنهن ۾ منهنجي ساهيڙي ٿي پڙهي ۽ ان کان بہ وڌيڪ هوشيار ٿينديس.“

سو هن ڇوڪريءَ وڃي ان اسڪول ۾ پڙهيو ۽ پنهنجو انجام پاڙيائين. ان پنهنجي ساهيڙيءَ کان بہ وڌيڪ وديا حاصل ڪيائين ۽ ايتري قدر جو سندس ساهيڙيءَ جو پتا، جنهن کيس جهڙڪيو هئو، اهو بہ هن جي عزت ڪرڻ لڳو.

و- اهو تہ عمدو مثال ٿيو ۽ خاص ڪري ڇاڪاڻ جو هڪ ڇوڪريءَ اهو ڪم ڪري ڏيکاريو.

س- انهن ڳالهين ۾ جنس جي ڪري ڪوئي فرق ڪونہ ٿو ٿئي. انهن سڀني مثالن ۾ آلم سوَمان جي ڀاو ئي انهن ماڻهن جي مدد ڪئي. مان جيڪا ڳالهہ وڌيڪ زور ڏيئي اوهان کي سمجهائڻ ٿو چاهيان اها هيءَ آهي تہ پنهنجي لياقت وڌائڻ سان پنهنجي عزت بہ ٿي وڌي. رڳو گهمنڊ ڪري پاڻ کي اوچو سمجهڻ سان ٻيا اوهان جي عزت ڪونہ ڪرڻ لڳندا.

ٿي وڃي.

هن مثال مان اوهان اهو محسوس ڪري ٿا سگهو ته جيڪڏهن اوهان کي سنمان ڀري زندگي گذارڻي آهي ته پاڻ ۾ لياقت پيدا ڪريو ۽ نه ڪ زبردستيءَ پنهنجو سنمان ڪرايو. جيڪو ماڻهو پنهنجي لائقي ٿو وڌائي اهو نه رڳو پنهنجي لاءِ دنيوي سک ٿو ميسر ڪري پر دنيا جي نظرن ۾ به عزت ٿو حاصل ڪري.

ڪپڙا ڀريل اچي پنھنجي زال اڳيان بيٺو. ھن کي ڏسي زالھنس اچي سندس پيرن تي ڪري ۽ پاڻ کي پٽڻ لڳي ته مون اجايو توھان کي ڏکويو ھئو ۽ مون کي ھاڻي معاف ڪريو. ڇوڪري ڪانئس رڳو ايترو پڇيو، "تون پنھنجي مائٽن کي ڇڏي ڪري مون سان گڏ زندگي بسر ڪرڻ لاءِ تيار آھين؟" جوٽس جواب ڏنو "ھائو." پوءِ ٻئي ڄڻا گڏجي ڪري ڇوڪريءَ جي ماءُ پيءُ وٽ پھتا ۽ کين پنھنجي رٿ ٻڌايائون. اھو ٻڌي ھنن جون ته وايون ٻتال ٿي ويون. کين ٻيو ڪو بار ته ھئو ڪونه. کين ائين پئي لڳو ته ڌيءَ کانسواءِ سندن زندگي بيابان ٿي پوندي. پر ڇوڪرو پنھنجي ارادي تي اڏول رھيو. ھن سندن عيش آرام ۽ خوشيءَ ڀرئي گھر جون سڀ آڇون ٺڪرائي ڇڏيون. چوڻ لڳو، "مان وڃان ٿو. جيڪڏھن توھان جي ڌيءَ مون سان گڏ منھنجي گھر ۾ رھڻ لاءِ راضي ھجي ته سندس سواگت آھي. پر جي ھوءَ راضي ڪونھي ته مان ھن جي مٿان پيار ۽ شاديءَ جو ڪوئي حق ڪونه ڄڪيندس." اھو چوندي ھو اٿي کڙو ٿيو ۽ ھلڻ لڳو. ڇوڪري به گڏوگڏ اٿي بيٺي ۽ کيس پاڻ سان گڏ وٺي ھلڻ لاءِ چيائين. سو ٻئي ھليا ويا. انھن گمنام رھڻ وارن سالن ۾ ڇوڪري خوب ترقي ڪئي ھئي. پراڻا ڪپڙا ته رڳو زال جو پيار پرکڻ لاءِ پائي ويو ھئو. سو جڏھن زال کي وٺي ڪري پنھنجي بنگلي ۾ پھتو جتي سندن سواگت لاءِ نوڪر حاضر ھئا ته جوٽس مشڪي ڪري چوڻ لڳس، "سو ھيءَ آھي غريب جي جھوپڙي؟" جواب ڏنائينس ته ھائو. ۽ پوءِ مشڪي ڪري چوڻ لڳس، "ھيءَ اھا جھوپڙي آھي جتي تون پنھنجي مڙس جي راڻي ٿي رھندينءَ ۽ جتي تنھنجو گھوٽ ڪوئي ڪيڙو ماڪوڙو نه ھوندو." زال کي اھو ورجائڻ دل سان ته لڳو پر سھي ويئي ۽ آھستي آھستي

هو مون وٽ نوڪري ڪرڻ لڳو. هڪ مهني ڪانپوءِ مونکي لڳو تہ هنکي وڌيڪ پگهار ملڻ کپي. مون کيس پگهار وڌائي ڏني. سبب هي هئا: پهريون تہ هو خوشيءَ سان ڪم ڪندڙ هئو. ڪڏهن ڪلاڪ ڪونہ ويهي گذاريائين. رات ڏينهن منهنجي آگيا پالڻ لاءِ تيار رهندو هو. ٻيو هو سندس اُچرج جهڙو اُڪلاءُ. هرڪو ڪم سمجهہ سان ۽ پورو پورو ڪندو هو. پنهنجي مالڪ جي ڪهڙي بہ شيوا کي نيچ ڪونہ سمجهندو هو. هو منهنجو گهرو خرچ بہ سنڀالڻ لڳو هڪ ٻن مهنن کان پوءِ ٽي مون کيس پنهنجي پيٽي ۽ فيءَ ۾ مليل پئسا سنڀالڻ لاءِ ڏيڻ شروع ڪيا. هو پٽيوالو منهنجو خزانچي، ڪاڳري ۽ مئنيجر بہ بڻجي ويو. سندس شيوا جي بدلي ۾ مان بہ کيس گهڻو ڪجهہ ڏيڻ شروع ڪيو. هو هڪ اهڙو ڪمائتو پٽيوالو ثابت ٿيو جو جڏهن هو پنهنجي گهر واپس ويو تہ مون کي سندس غير حاضري کٽڪڻ لڳي. هو ڳالهائيندو ٿورو هئو پر پنهنجو ڪم محنت سان ۽ سٺو ڪندو هئو.

و- اهڙا نوڪر تہ ورلي ٿا ملن.

س- برابر آهي. هڪڙي مشهور ماڻهوءَ جيڪو هڪ وڏيءَ ڪمپنيءَ جو مالڪ آهي هڪ دفعي پنهنجي تقرير ۾ ائين ظاهر ڪيو تہ هندستان ۾ بيروزگاريءَ جي شڪايت آهي پر اسان وٽ لائق ملازمن جي سخت تنگي آهي. آهي بہ اهو سچ. ماڻهن کي نہ بنا ڪم يا گهٽ ڪم لاءِ وڌ ۾ وڌ پگهار کپي. هنن جو پنهنجي ڪارگرتا وڌائڻ ۾ تہ اعتبار آهيئي ڪونہ. هو اهو چاهيندا آهن تہ ڪين ٿوري ڪم لاءِ بہ گهڻو اجورو ملي ۽ هو جيڪو ٿورو گهڻو ڪم ڪندا آهن سو بہ دل سان نہ ڪندا آهن پر بار سمجهي ڪندا آهن.

و- اهڙن کي تہ روزگار بلڪل نہ ملڻ کپي.

س- اهوئي ڪارڻ آهي جو هو زندگيءَ ۾ سخت

## ٻار کي ٻين لاءِ ڪمائتو بڻائڻ

سڪسنڪ- پنهنجي پوئين ليڪچر ۾ مون اوهان کي ڪئين مثال ڏيئي ڪري اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيڪڏهن ڪوئي پنهنجو سنمان ۽ ترقي چاهيندو هجي ته ڪيس پنهنجي لياقت وڌائڻ جي ڪيتري نه ضرورت آهي. اهو وشيه اسان جي ملڪ جي نوجوانن لاءِ خاص اهميت ڀريو آهي. اسان جا نوجوان اڪثر هن چوڻيءَ کي ٻيهر ٿا ورجن ته "ڀرين لائق ٿيو پوءِ خواهش ڪريو." زندگيءَ ۾ شخصي لياقت ۽ شخصي سڦلتا جي وڏي اهميت آهي.

وديارٿي- بلڪل صحيح، سائين. پوئين ليڪچر ۾ ڏنل مثالن مان اوهان اسان کي اهو ڀلي ڀانت سمجهايو ته ڪيئن نه اُنهن نوجوانن پنهنجي لياقت وڌائي ڪري زندگيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. انهن مثالن مان اسان کي اهو ب معلوم ٿيو ته ڪنهن وستوءَ جي رڳو اڇا ڪرڻ سان ڪجهه حاصل نٿو ٿئي. پنهنجي لياقت ۾ ڪماليت حاصل ڪرڻ سان ئي اڇائن جي پورتي ڪري ٿي سگهجي. پر ڇا ماڻهو ٻارڻ کي ٻين لاءِ ڪمائتو بڻائڻ سان ب ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو؟ مهرباني ڪري مثال ڏيئي اها ڳالهه ثابت ڪندا.

س- جڏهن مون پنهنجي الڳ وڪالت شروع ڪئي ته مونکي پنهنجي آفيس لاءِ هڪ پٽيوالي جي ضرورت محسوس ٿي. هڪڙو يو پيءَ جو ڀئيو مون وٽ نوڪريءَ لاءِ آيو. ڀڇومانس ڇا وٺندين ته جهٽ جواب ڏنائين "مون کي نوڪريءَ ۾ رکي منهنجو ڪم ڏسو. پوءِ اهو اوهان پاڻ فيصلو ڪجو ته مون کي گهڻو ڏيندا." جيڪو ماڻهو هن کي مون وٽ وٺي آيو هئو ان چيو ته ڪيس اٺ رپيا مهنو ڏجو.

کي رٿي ڪري هن ترقي حاصل ڪئي. سو لياقت سان گڏوگڏ ماڻهو جتي ڪم ڪري اُتي پاڻ کي ڪمائتو به بڻائي.

و- سائين، ڪجهه گريجوئيٽن بابت ٻڌائي سگهو ٿا جن زندگيءَ ۾ اهڙيءَ طرح واڌارو ڪيو هجي؟

س- هڪ دفعي منهنجي هڪ اهڙي نوجوان سان ملاقات ٿي، جيڪو ڪاليج ۾ پڙهندو هئو. هن وڪالت جو امتحان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيو هئو. مونکي چوڻ لڳو، ”سائين، مان ضرور ترقي ڪندس. ڪاميابيءَ جي چوٽيءَ تي سدائين جڳهه هوندي آهي. مان سدائين انهيءَ جڳهه لاءِ خواهشمند آهيان ۽ محنت سان ضرور اتي پهچندس.“ ڪيترن سالن کان پوءِ وري منهنجي ملاقات ساڻس هاءِ ڪورٽ ۾ ٿي. هو اُتي وڪالت ڪندو هئو ۽ تمام هوشيار وڪيلن ۾ سندس ڳڻپ هئي. مون کي ڏسي چوڻ لڳو، ”مٽر، مون پنهنجي منزل حاصل ڪئي آهي. مقصد تي رسڻ بلڪل آسان آهي رڳو اسان پاڻ کي ڪمائتو بڻايون. مان ته سڄو پنهنجو تن من لڳائي ڪري پنهنجي اَصيل جو ڪم پورو پورو ۽ سنو سچائيءَ سان ڪندو آهيان. نتيجو اهو ٿيو آهي جو جيڪو منهنجو هڪ وار اَصيل ٿيو سو هميشه لاءِ ٿيو. منهنجا اَصيل وڌندا ئي رهيا آهن ۽ اڄ ڪلهه مان اُنهن وڪيلن مان آهيان جيڪي چوٽيءَ تي آهن.“

مٿين مثال جي اُبتڙ منهنجي هڪ اهڙي وڪيل سان به ملاقات ٿي جيڪو جلدي اَمير ٿيڻ جا خواب لهندو هئو. هو بي ايمان ۽ ڪائو ٿي پيو هو. پنهنجي اصيلن کان هڪ نه ٻئي بهاني رڳو پئسا پيو ڦريندو هو. ڪوئي به پئسا ڏيئي هن کان ڪوڙو مقدمو داخل ڪرائي سگهيو ٿي يا ڪوڙي شاهدي ڏياري ٿي سگهيو. ٻيءَ ڌر سان به هو ملي ويندو هئو. نتيجو اهو ٿيو جو ٿوري وقت ۾ پئسا ته ڪوڙ ڪمائي

ناڪامياب ٿا ٿين.

هڪ نوجوان جيڪو منهنجو ٻهرئين درجي ۾ ڪجهه مهنا لاءِ ماستر هئو سو اها نوڪري ڇڏي، عدالتي ڪاليءَ ۾ وڃي منشي ٿيو. سندس ترقي اَچرج ۾ وجهندڙ هئي. ڪيس جلدي جلدي واڌارو ملندو ويو ۽ ٿورن سالن ۾ آئي ڪورٽ جو ڪلارڪ ٿي ويو. هن جي ترقيءَ جو راز اهو هو ته هو ڏاڍو ڪمائتو هئو. جڏهن منشي هئو ته ٻاليون جاڳي ڪري اڳئين منشيءَ جو ٻچيل ڪم به پورو ڪيائين. سندس اهڙي ڪم سب جج جو ڌيان ڇڪايو جنهن هن کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي ورتو. ٿورن مهنن ۾ آئي هن پاڻ کي رجسٽرار کان به وڌيڪ ڪمائتو ثابت ڪيو. جج کي جڏهن به فتوائون لکڻيون هونديون هيون ته هو هن نوجوان کي پاڻ وٽ ڪيس ڪٽڻ اچڻ لاءِ چوندو هئو. اهو نوجوان به ڪيس چڱيءَ طرح سان پڙهي تيار ٿي ڪري سب جج وٽ ويندو هئو. سب جج هن جو ذڪر بالا عملدارن سان به ڪيو. اهو نوجوان خوب محنتي هئو ۽ سندس ڪم جو اُڪلاءُ به سٺو هئو. هنجو ڪم سان چاهه هئو ۽ ڪم لاءِ آئي جيئندو هئو. تنهنجي ڪري هن جا عثمان آفيسر هنتي پورو وشواس ڪندا هئا. هنڪي چاهي سندس سست ساٿين کي ڪم لاءِ ڏينهن جا ساڳيا آئي چوويهه ڪلاڪ ميسر هئا. پر جڏهن هن جا ساٿي ننڊ ۾ کونگهرا پيا هڻندا هئا، هوُ نوجوان اَڌ رات تائين ڪم ڪندو رهندو هئو. اهڙيءَ طرح پاڻ کي ڪمائتو بڻائي ڪري هن پنهنجي آفيسرن جي دلين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو ۽ جيئن ۾ تيزيءَ سان ترقي ڪندو ويو.

و- سائين، هوُ پڙهيل ڪيترو هئو؟

س- هوُ هئو ته رڳو ٿرڊ ڪلاس مئٽرڪ پر وقت آيو جڏهن گرئجوئيٽ به سندس هيٺان ڪم ڪرڻ لڳا. ڪيترن گرئجوئيٽن

لائين ڪم ۾ ڪوئي به واڌارو ڪونه ڪيو هئائون. هيءَ ڏاڍي افسوسناڪ حالت چئبي.

س- آهي ته ائين. ڪم ۾ بي ايماني ايتري ته ڦهلجي وئي آهي جو ڪو به ايماندار ٿو لڳي ته هن کي خاص نگاهن سان ٿو ڏٺو وڃي.

منهنجي ننڍي ڀاءُ کي نوڪري لاءِ ڳولهي. مون کيس هڪ ٻئي جڳهه تي موڪليو. مون کيس صلاح ڏني ته جيڪو به ڪم ملئي سو ڪجِ ۽ تنهنجو واڌارو لڳڙو اڳڙو ٿيندو ويندو. هن مون کان ائين چوڻ جو سبب ڄاڻڻ چاهيو. مون ٻڌايومانس، ”ڀاءُ مون کي ان ڳالهه جي ڄاڻپ آهي ته اسان جي سماج ۾ رهي ڪري تنهنجو چريتر ڪيترو اعليٰ ٿيو آهي. اها هڪ دُرلڀ چيز آهي جيڪا تنهنجي ناموس جلدي وڌائيندي.“ هن ڪلارڪي کان نوڪري شروع ڪئي. ٽن چئن سالن ۾ پنهنجي برانچ جو سپرنٽينڊنٽ ٿي ويو. مون هن ٻڌايو ته ڪيئن نه سندس يورپين آفيسر صاف ۽ ايمانداريءَ واري ڪم سبب کيس چاهيندا آهن ۽ کيس گهڻن گرئجوئيٽن جي مٿان نياپائي چڙهيو اٿن. چوڻ لڳو، ”پيارا دادا، مونکي ته تعجب لڳندو آهي ته ڪلارڪ ايترو گهٽ ڪم ڇو ٿا ڪن. آفيس ۾ رهندي ته اسان ڪنهن جا نوڪر آهيون. سو اسان کي پنهنجي سر سٺي ۾ سٺو ڪم ڪرڻ کپي. مون ٿي ته ڪلارڪن ۾ عام طور سان ڦهليل سستي ڏسي ڪري عجب لڳندو آهي.“ مون جواب ڏنومانس ”اهو ئي ڪارڻ آهي جو تو ترقي ڪئي آهي. توکي اهڙي سکيا ڏني وئي آهي ته توکي پنهنجي پاران بهترين ڪم ڪرڻ کپي. تو تمام سٺو ڪم ڪيو ۽ تنهنجي بالا آفيسر تنهنجي ايمانداريءَ سان ڪيل ڪم جي قدرشناسي ڪئي.“

ماڻهو رڳو سچائيءَ سان بهترين ڪم ڪري سهڻي ۽ پاڪي

ورتائين ٻه قلعي ڪلي پيس. سندس وڪالت ڍري ٿي ويئي ۽ سندس اصيلن ۾ ڪجهه نه وڃي باقي بچيا. پنهنجي ڪمائي ۽ عزت ٻئي گنوايائين.

جن جو پاڻ کي ڪمائتو بڻائي ڪري هميشه لاءِ ٻئي پڃتي ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ اعتبار ڪونهي، اهي جيئون ۾ سخت ڏوکو ٿا کائن.

و- ٻه سائين اسان پاڻ کي ڪمائتو بڻايون ڪيئن؟

س- جنتي ته اسان کي رکيو وڃي اُتي بهترين ڪم ڪرڻ سان اسان لائين ڪري سگهون ٿا. ايماندار ۽ محنتي ٻڌجي ڪري جتي به ڪم ڪنداسين اُتي اسان کان سواءِ ڪنهنجي سرندي ڪانه. رڳو سست ۽ بي ايمان ماڻهو ئي مليل اُجوري کان گهٽ ڪم ڪندا آهن. هتي اسان جا عام رواجي ڪولي ۽ مزور، گهرو نوڪر، ڪاريگر، وايا، درزي، ڪلارڪ ۽ ڪجهه قدر وڏن عهدن وارا به عام طرح سان پنهنجي مزوري يا پگهار جيترو ڪم لتا ڪن ۽ ڪم بهتريس ڪونه ٿا ڪن. ڪيترين حالتن ۾ نه هنن جي ڪم کي ڏسندي کين اولٽا پئسا ڏيڻ ئي نه کپن. هوُ بي ايمان آهن. اهڙا ماڻهو پنهنجي مالڪن (وڏن) وٽ قدر نٿا پائن. کين ڪڏهن چڙڻ سان ڪوئي خال نٿو محسوس ٿئي. اهو نه هر ڪنهن جي پنهنجي وس آهي نه ڪيئن پنهنجو قدر ٻين جي نظرن ۾ وڌائي. هن کي انهن لاءِ پاڻ کي صرف ڪمائتو ثابت ڪرڻو آهي.

و- سائين ڪم لاڻاري نه عام رويو ٿو ڏسجي. هڪڙي ڏينهن منهنجو پتا به اها شڪايت ڪري رهيو هئو نه پنهنجي جڳهه جوڙائڻ وقت مزورن جي بي ايمانيءَ جي ڪري ٽيڻي مزوري ڏيڻي پيس. گهڻو ڪري نه هو ڪم نٿائي ويندا يا هيڏانهن هوڏانهن پيا چڪر ڏيندا هئا. هڪ دفعي جڏهن پتاجي ڪونه هئا نه سڀ مزور رڳو ويٺا رهيا ۽ سندن مونڻ

ڪم ڪرڻ سبب قدر هئو. هن مالڪيءَ لي ڪڏهن به نگهباني ڪونه ڪرڻي پوندي هئي. هو پنهنجو ڪم محنت سان ۽ پورو پورو ڪندو هو. اهڙيءَ طرح هن پاڻکي اڻ سرندو بڻائي ڇڏيو هو. پنهنجي اهڙي سچي ڪم سان هن پنهنجي انوکي مالڪ جي قدرداني حاصل ڪئي. ڇا اهو سچ ڪونهي ته ماڻهو ايمانداريِ، محنت ۽ چاهه سان ڪم ڪري تمام گهڻو قدر ٿو پائي؟

و- سائين اهو سچ آهي. جڏهن پاڻ کي ڪم ڪرڻو ئي آهي ته پوءِ ايمانداريءَ ۽ چاهه سان ڇو نه ڪجي؟

س- ڪارڻ صاف آهي. ماڻهوءَ کي ڪم سان لڳاو ڪونهي. هن کي اهو محسوس ئي ڪونه ٿو ٿئي ته هن جو ايمانداريءَ سان ڪم ڪرڻ سان سندس جيون جو قدر وڌي ٿو. اهو شخص پليل آهي جيڪو ائين ٿو سوچي ته گهٽ ڪم ڪرڻ سان هو پنهنجي شريرڪ شڪتي ٿو بچائي ۽ صحت جي رکشا ٿو ڪري ۽ اهڙيءَ سستيءَ سان پنهنجي خوشي ٿو وڃائي. ”ايتري ٿوري اُجوري لاءِ مان ڪم ڇو ڪريان؟“ اهو آهي اهڙن پليل شخص جو مت.

هڪ دفعي مون هڪڙي سٺي ڪتاب جي سٺيءَ ڳالهيءَ جو ذڪر ڪيو. هڪڙي جج پنهنجي ڦاٽڪ جي مرمت لاءِ واڍو رکيو. ڪم هڪ ڏينهن جو هئو. جج صاحب جڏهن شام جو موٽيو ته ڏٺي ڦاٽڪ جو اڃا رڳو هڪ پاسو ٺهيو آهي. کيس واڍي تي ڏاڍو غصو آيو. سمجهيائين ته هو ٺڳي ڪري مون کان ٻئي ڏينهن جي مزوري به ٿو وٺڻ چاهي. پر واڍي جواب ڏنس ته ”هو پنهنجي طيءِ ٿيل مزوريءَ کان وڌيڪ ڪونه گهرندو.“ ”ته پوءِ پنهنجو وقت ڇو ٿو اجايو وڃائين؟“ جج پڇيس. واڍي جواب ڏنو، ”جناب مان پنهنجو وقت ڪونه ٿو ضايع ڪيان. مان پنهنجو ڪم اڌورو يا خراب

ڪمائتو بڻائي ته بس هن جي ترقي ۽ سنمان لازم آهن.

و- سائين مونکي اهو ته پڪو وشواس ٿي ويو آهي ته اهو بلڪل سچ آهي ته پارٽي کي ڪمائتو بڻائي ڪري اسان پنهنجي واڌاري جا گهڻا رستا ٿا کوليون.

س- هندستان ۾ اسان جون سڀ سياسي پارٽيون چونڊن لاءِ پڌرنامو ڪڍنديون آهن. پنهنجي پڌرنامي ۾ هو پبلڪ جي سيوا جو پروگرام ظاهر ڪنديون آهن. اهو پروگرام پارٽين جي پاران ان ڳالهه جو انجام ٿيندو آهي ته هو پاڻ کي پبلڪ جي سيوا ۾ وڌيڪ کان وڌيڪ لڳائينديون. اهي انهيءَ ڳالهه جي به دعويٰ ڪنديون آهن ته هو پارٽي کي عام ماڻهن لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪمائتو بڻائينديون ۽ ڪُوڙا انجام ڪونه ڪنديون. ايتري قدر جو سرڪارن کي به ڪئين دفعا ڪمائتو هجڻ جي دعويٰ ڪرڻي پوندي آهي. ڪو به شخص يا سنگهٺن گهڻي عرصي لاءِ ٽيستائين ڪونه ٿو هلي سگهي جيستائين هو انهن لاءِ ڪمائتو ثابت ٿئي جن جي ڪين سيوا ڪرڻي آهي.

و- سائين اهو ته بلڪل صحي آهي.

س- اسان کي ديو سماج ۾ سال ۾ هر ڪنهن سنبنڌ ۾ پارٽي کي پورن بڻائڻ جا ڏينهن مقرر ٿيل آهن، جهڙوڪ مائٽن ۽ اولاد جي، ڀائرن ۽ ڀينرن جي، پتي ۽ پتنيءَ جي، خانداني مائٽن جي، جاليءَ جي، مالڪ ۽ نوڪر جي، پشو جڳت جي، وناسپتي جڳت جي سنبنڌ ۾. اهي خاص ڏينهن پورا ٿيڻ تي اسان انهيءَ سنبنڌ جي بابت ساڌن ڪندا آهيون. هڪ ڏينهن اسان جي گروءَ، ڀڳوان ديو آتما، پنهنجي باغ ۾ ڪم ڪندڙ ماليءَ کي گهرايو، ڪيس هار پائڻ ۽ سوکڙي پيش ڪئي ۽ سندس سيوائن جي قدرداني ڪئي. ان ماليءَ لاءِ اهو انوکو سنمان هئو. ڀڳوان ديو آتما کي هن جي ايمانداريءَ سان

(١٣)

## پنهنجي چرتر جو سڌار

وديارٿي - مهرباني ڪري اسان کي انهيءَ بابت وڌيڪ ٻڌايو ته ڪيئن اوچ چرتر سان اسان جو دنيا ۾ قدر ٿو وڌي ۽ ڪاميابي ٿي حاصل ٿئي.

سکشڪ - زندگيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ اوچ چرتر يا ڀروسي جوڳو جيون ڏاڍي مدد ٿو ڪري. اوهان انهيءَ نئين ڳالهه بابت ٻڌائڻ لاءِ چيو آهي. سو اڄ مان جنهن وشيه تي ڳالهائيندس ان جو مضمون آهي "اوچ چرتر يا ڀروسي جوڳو جيون."

و - سائين اسان کي انهيءَ مضمون بابت ٻڌڻ جو گهڻو انتظار آهي.

س - گذريل رات مون کي ڪنهن هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي جيون جو هڪ واقعو ٻڌايو جيڪو ڪنهن امير ماڻهوءَ جي ڪمپنيءَ ۾ ملازم هئو. ان ملازم بابت عالم آشڪار هئو ته هو ڏاڍو ايماندار آهي. ڪمپنيءَ کي جڏهن به ڪنهن ڪسان کان ڪڻڪ خريد ڪرڻي هوندي هئي ته ڪسان ٻهراين اهو شرط وجهندو هو ته تور اهو ملازم ڪندو. مطلب ته فرم جو ڪم ان ملازم کان سواءِ ڪونه پيو هلي.

ٿورو ئي پوليس جو هڪ ڪيس رڳو نمبردار جي شاهدي جي ڪري خارج ڪيو ويو. مئجسٽريٽ پنهنجي فتوا ۾ لکيو ته هن کي اهو شاهد ڀروسي جوڳو لڳو ۽ سندس شاهديءَ جي آڌار تي ڪيس فيصلو ڏيندي ذرا به هٻڪ ڪونه ٿي محسوس ٿئي. سچار ماڻهوءَ جي زبان جو اجهو ايڏو قدر ٿو ٿئي. اهو نمبردار اڃا ته جيئرو آهي ۽ اسانجي سماج جو ميمبر آهي.

ڪونه ٿو ڪرڻ چاهيان. منهنجو ڪم ئي منهنجو چرتر آهي.
مان خراب ڪم ڪري پنهنجو چرتر خراب ڪرڻ نٿو چاهيان."
هن پنهنجو ڪم پورو پورو ڪيو ۽ اُجورو ساڳيو ئي هڪ
ڏينهن جو ورتائين. ڪجهه سال پوءِ اُنهيءَ واڍي ڪنهن
وڏي سرڪاري ٺيڪي واسطي ٽينڊر ڀريو. اتفاق جي ڳالهه
جنهن کي ٽينڊر منظور ڪرڻا هئا اهو ساڳيو ئي پراڻو جج
هئو جيڪو هاڻي گورنر ٿي ويو هئو. هن واڍي کي ڏسي
ڀرت سڃاتو ۽ کيس سڏايائين. بنا ٻيا ڪي به ٽينڊر ڏٺي
چيائينس "مان تنهنجو ٽينڊر منظور ٿو ڪريان." واڍي جو
نه پاڳ وريو. هاڻي اهو نه ممڪن آهي نه اهڙا اتفاق هر ڪنهن
معاملي ۾ ڪونه ٿا ٿين. پر اهو نه ضرور ٿو ٿئي جو ايماندار
ڪم ڪندڙ جي قدرشناسي ٿئي ٿي ۽ سندس ملهه به وڌي ٿو.

و- اسان سمجهيون ٿا. مان نه ائين ٿو محسوس ڪريان ته
ايمانداريءَ سان ڪم ڪرڻ ماڻهوءَ جو وڏو ڳڻ آهي.

س- ايمانداريءَ سان ڪم ڪندڙ کي هڪ ٻيو به فائدو
ٿو ٿئي. هو هوشيار ۽ ڀروسي لائق ٿو بڻجي. اهڙيءَ طرح
هو پنهنجي چرتر جو نرماڻ ٿو ڪري. اها نه اوهان کي سڌ
آهي ئي نه چرتر انسان جو وڏي ۾ وڏو خزانو آهي. ماڻهوءَ
جي دولت هلي وڃي سمجهو ڪجهه نه ويو. سندس صحت
هلي وڃي نه سمجهو ڪجهه وڃايائين. پر جي ماڻهوءَ جو چرتر
هليو وڃي نه سمجهو سڀ ڪجهه کوهي ڇڏيائين. تنهنڪري
جيڪي بي ايمان ڪم ڪندڙ يا نوڪري ڪم لاءِ گهڻي اُجوري
جي اُميد رکندا هجن يا جيڪي ڪم کي آفت سمجهندا هجن
۽ اُن کي ٽوس پر نٽائيندا هجن اُهي پنهنجي چرتر جو ناس
ٿا ڪن ۽ پاڻ کي پست ٿا ڪن ۽ انسان ذات جا تمام خراب
نمونا ٿا بڻجن.

و- سائين بي ايمانيءَ جو نتيجو هن دنيا ۾ ڪو نه ٿو ڀوڳڻو پوي؟

س- جيتري قدر ماڻهوءَ جي اندرين جيوت يا آتما جو واسطو آهي، بي ايماني ڪيس نيچ ٿي بڻائي. هوُ پنهنجي گنهگار جيوَن جي اهڙي نتيجي کان نه پاڻ کي ڪو نه ٿو بچائي سگهي. گهڻيئي دفعا نه ڪيس اهڙيءَ گناهه ڀري جيوَن جو ٻاهرئين طرح به ڦل ڀوڳڻو ٿو پوي.

و- مهرباني ڪري مثال ڏيئي سمجهايو.

س- هڪڙو تحصيلدار منهنجو واقف هو. تمام لائق ۽ محنتي ماڻهو هو پر پڪو ڪائو هو. ڪجهه بالا عملدار سندس هوشياريءَ ۽ سٺي ڪم جي سبب سندس خلاف ڪائي ڪارروائي ڪو نه ڪندا هئا. هوُ خبردار به ڏاڍو رهندو هو. ڪيل ڏوهه جو ڪوئي سڳ ڪو نه ڇڏيندو هئو. هڪ دفعي ڪنهن اصيل جي ڪيس جي پيرويءَ ۾ مان سندس ڪورٽ ۾ ويس. مون کي چوڻ لڳو ”منهنجي ماءُ مون کي دعا ڪئي هئي نه پٽ تنهنجو ٻٽون سدائين سونن سڪن سان سٿيو پيو هوندو. هيءَ ڏسو منهنجي ٻٽونءَ ۾ هيئنر به ڪجهه سونا سڪا پيا آهن.“ انهيءَ جو نه هو فڪر ئي ڪو نه ڪندو هو نه ڪيس اُهي سونا سڪا هٿ ڪيئن ٿا لڳن. پينشن وٺڻ کان ڇهه مهنا اڳ هو هٿ ڌوئي اچي رشوت کائڻ پنهان لڳو. سپاويڪ طور هنجي برخلاف شڪايتون وڌڻ لڳيون. سندس بالاعملدار سجاڳيءَ سان ڪيس سڳ سوڌو پڪڙي ورتو. تحصيلدار صاحب کي هڪدم معطل ڪيو ويو. ضروري جاچ جوچ کان پوءِ اُنس مقدمو هلايو ويو جنهن ۾ ڪيس سزا ڏني وئي. هن پاڻ کي بي ڏوهي ٺهرائڻ لاءِ هزارين روپيا خرچ ڪيا. هاءِ ڪورٽ ۾ پنهنجي بچاءَ ۾ ٻئي پرانت جي هڪ تمام مشهور بئريسٽر کي جنهنجو سڄي هندستان ۾ نالو هو، اُن کي بيهاريائين. تمام ڳريون فيون ڀرڻون پيس پر ورتو

هڪڙي وڏي سردار وٽ هڪ برهمڻ ملازم هئو جنهن پنهنجي نوڪريءَ ۾ ايمانداريءَ ۽ ڀروسي جوڳو هجڻ جي ايڏي ته ڌاڪ جمائي ڇڏي هئي جو ساڙ وچان ڪئين ماڻهن سردار کي سندس خلاف شڪايت پيش ڪئي. سردار شڪايت مان ڪڪ ٿي ڪري کين چيو "اوهان کي اهڙي ماڻهوءَ خلاف ڪُوڙيون ٻهتون هڻندي شرم اچڻ کپي. مان پنهنجي ملازم کي سڃاڻان. هن مون کي هزارن رپين جو فائدو ڪرايو آهي. مون وٽ ٻيا به ته ڪمدار هئا. پر مان هن سگهڙ مڙس کي سڃاڻان جنهن منهنجي جائداد جو واڌارو ڪيو آهي ۽ منهنجي مالي حالت سڌاري آهي. توهان جي شڪايتن جي جواب ۾ مان کيس اڄ کان وني ترقي ٿو ڏيان." سردار پنهنجي زبان کي پاڙي ڏنو. تار رستي هن کي ترقي ڏنائين. اهو ملازم به اسان جي سماج جو ميمبر هئو.

انهيءَ ڪري اوهان اهو سمجهي سگهو ٿا ته ڀروسي جوڳو چريتر ماڻهوءَ کي وڏيڪ قيمتي ۽ ڪمائتو ٿو بڻائي.

و- سائين اهو ته اسان کي صاف ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته اهڙو چريتر جدون ۾ ماڻهوءَ جي قيمت وڌائي ٿو. پر ننهن هوندي به ماڻهو بي ايمان ڇو آهن؟

س- ماڻهو بي ايمان انهيءَ ڪري آهن ڇاڪاڻ جو هو آلمڪ درشٽيءَ کان انڌا آهن. کين بي ايمانيءَ جي جيڙن جي بدصورتي ڏسڻ ۾ نٿي اچي. کين ايمانداريءَ جو خون ڪرڻ ۾ يا بي ايمان بڻجڻ ۾ ڪائي هاڃي ڪونه ٿي نظر اچي. جڏهن هڪ طرف ڪنهن ماڻهوءَ کي ايمانداريءَ جي حس ڪونهي ۽ ٻئي طرف کيس بي ايمانيءَ سان پئسو ۽ برادريءَ جي عزت ٿي حاصل ٿئي ته پوءِ هو بي ايمان ضرور ٿيندو، ڪن هندن ته سندن ڪٽنب ۽ مترن ٻهاران سندن بي ايمانيءَ جي همت افزائي ڪئي ٿي وڃي.

هو نهايت ضرورتمند هئو. اسانجي آڇيل رقم سان ٻاهر کلي پئونس ها. پر نه، هو سڳوريءَ ماءُ جو مرادوند پٽ پنهنجي سرشت اُصولن لئي اَڏول رهيو. اُن وقت کان اسان کيس ڌڪاريندا هئاسين. پر هينئر اسان جو منجهس اعتبار آهي ۽ کيس چاهيون ٿا."

هنجي پوري پوري ايمانداريءَ جي ڪري کيس وڪيلن جي منڊليءَ ۾ سڀ کان مٿيون درجو حاصل ٿيو. ڪيترا وڪيل هن کان وڌيڪ قابل پيا هئا پر هنجي ڀروسي جوڳي چرتر کيس ٻين کان گهڻو مٿي چاڙهي ڇڏيو. هن جي اوچ چرتر جي ڪري ماڻهن ۾ سندس گهرج وڌندي ويئي ۽ ڪڏهن ته هو تمام وڏيءَ فيءَ جي گهر ڪندو هئو ته ماڻهو اها به خوشيءَ ڏيندا هئس. سندس اعليٰ چرتر جي سبب سندس قابليت به ٽيڻا ڏيڻ لڳي.

تنهن ڪري ياد رکو اوچ چرتر ماڻهوءَ کي وڌيڪ قابل ۽ ڪمائتو ٿو بڻائي.

و- اسانجي اِڇا ته اها آهي ته اهڙا وڌيڪ مثال اسانجي ڌيان تي اچن جيئن اسان جي دلين ۾ اهو پڪو وشواس پيدا ٿي وڃي ته اوچ چرتر اسان جي لاءِ فائديمند آهي.

س- واپار ۾ واپاريءَ کي سچائي ڦل ٿي ڏئي. مون هڪڙي بنگالي لکپتيءَ جي ڪهاڻي پڙهي. هو ڪنهن فرم ۾ ملازم هئو. هڪ دفعي کيس ڪجهه هزار روپين جو مال خريد ڪرڻ لاءِ ڪلڪتي موڪليو ويو. اُتي پهچي ڪري هنکي ڪجهه سٽو هڻڻ جو من ٿيو. دل ۾ اهو سو پڪو فيصلو ڪيائين ته جي سٽي مان نقصان پيو ته مالڪن کي ڀري ڏيندس پر جي فائدو پيو ته اهو سڀو مالڪن جو ٿيندو. سٽي ۾ وڏو فائدو پيس. واپس ويو ته وڃي سڀ ڪمايل پئسا مالڪن کي ڏنائين. انهيءَ ۽ ٻين اهڙن ڪيترن ئي ڪمن جي ڪري مالڪن جو منجهس اَٽوٽ وشواس ٻڌجي

ڪجھ به نه. ڪيس ڏنل ۽ جيل ٻنهي ڀوڳڻا پيا. لڳ ڀڳ هو بلڪل برباد ٿي ويو. رڳو ايترو ٿي نه ٿيو. هن جو پٽ به پيءُ جي نقش قدمن تي هلڻ ۽ هڪ اهڙي سنگين معاملي ۾ اَڙجي ويو جو نه رڳو نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيائونس بلڪ وري نوڪري ڪرڻ کان به روڪي ڇڏيائونس.

اهڙيءَ طرح به هوشيار، پڙهيل ڳڙهيل ۽ ڪمائتا ماڻهو نيچ چرتر جي چڪر ۾ ڦاسي ڪري تباهه ٿي ويا.

و- سٺي چرتر جي نه هئڻ سان ماڻهوءَ کي پنهنجي لياقت ۽ محنت جو به پورو ڦل نٿو حاصل ٿئي.

س- مون کي هڪ مهاپرش بابت ڪجھ معلوم آهي. هو هاڻي لــ گذاري ويو آهي. هو وڪيل هئو. اڄ ڪلهه وڪالت جو ڌنڌو اخلاقي زندگيءَ لاءِ نقصانڪار سمجهيو ويندو آهي. ليڪن هن وڪيل صاحب جي چڱي ڪٽي لــ پوڄا ٿيندي هئي. ديش جي ورهاڱي کان اڳ هو اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ آزاد اميدوار ٿي بيٺو ۽ ڪانگريس اميدوار جا ٽرا ڪڍي ڇڏيائين. هو اسيمبليءَ جو اسپيڪر به چونڊيو ويو.

هن جي جيون جو هڪ واقعو مون کي معلوم آهي. هڪڙيءَ مائيءَ جي ست ۾ هڪڙي آفيسر هٿ وڌا. مائيءَ وٺي شور غل مچايو. ماڻهوءَ کي گرفتار ڪيو ويو ۽ اُلٽ مقدمو هلايو ويو. ان مهاپرش کي ليستائين وڪيل جي حيثيت ۾ ڪوئي ڄاڻندو به ڪو نه هئو. مائي هنکي پنهنجو وڪيل ڪيو. ڏوهيءَ جي مائٽن مان هڪڙي مونکي ڪيترا سال پوءِ هيءَ ڳالهه ٻڌائي. هن چيو "هيءُ وڪيل غضب جو ايماندار آهي. اسان هنکي رشوت ڏئي پنهنجي پاسي ڪرڻ چاهيو. ان ڪري اسان ڪيس هڪ پڙوسي لائق وچواري هٿان ١١٠٠٠ (ٻارهن هزار) روپيا آڇيا. پر هن اسانجي هر قسم جي آڇ کي ٺڪرائي ڇڏيو ۽ ورلدو ان مائيءَ جي طرفان وڌيڪ جوش سان مقدمي جي تياري ڪرڻ لڳو. ان وقت

وشواس جي ناس ٿيڻ سان انسان ذات جي شانتي ختم ٿي وئي آهي ۽ لڙايون جهڳڙا وڌي ويا آهن.

وَ- سائين، اهو سڀ صحي هوندي به ماڻهوءَ کي اوچ چرتر ۾ خير کو وشواس آهي.

س- اهو اوهان نوجوانن جي وس ۾ آهي ته اعليٰ ۽ وشواس جوڳي جيوَن جو مثال قائم ڪيو. پر جي اوهان به نيچ جيوَن جي وهڪري ۾ وهي ويا ته پوءِ انسان ذات جو سڌارو مشڪل آهي. پر اهو ڌيان ۾ رکجو ته اوچ چرتر جي راه لئي هلڻ آسان ڪم ڪونه آهي.

وَ- ائين ڇو آهي، سائين؟

س- ايماندار ماڻهو ٻين جي اکين ۾ ڪنڊي وانگر ٿو چڀي. ڪجهه سال پهرين منهنجي پرانت ۾ وچرندڙ بيماري ڪيترن شهرن ۾ اچي ڦهلي. سيني هنڌ بچاءُ جون سيون هڻڻ لڳا. منهنجي شهر مان ته ڪوئي بنا پاس جي نڪري به نه ٿي سگهيو. جيڪو بابو اهي پاسيون جاري ڪندو هئو ان کي ڪائڻ جو تمام سٺو موقعو هئو. جيڪي شهر مان ٻاهر وڃڻ جا خواهان هئا اهي هڪ پاس لاءِ ٢٠ روپيه ڏيڻ لاءِ تيار هئا. پر اهو ڪلارڪ اسان جي سماج جو ميمبر هئو ۽ هن اهڙي گندي پئسي وٺڻ کان صاف انڪار ڪئي. نتيجو اهو ٿيو جو هو انهن سيني ماڻهن ۾ جيڪي بي ايمان هئا ۽ جنکي ڪوڙيون پاسيون ڪنهن به طرح سان کپنديون هيون، لوڪ پريه نه رهيو. پنهنجي ساٿين ۾ به هو پيارو ڪونه ٿي رهيو ڇاڪاڻ ته اهي به ڪوڙ مان ڪمايل پئسي مان حصو وٺڻ لاءِ آتا هئا. پر هو اڏول رهيو. جڏهن وچرندڙ بيماريءَ موت ڪاڍي ۽ حالتون مڪمل وانگر ٿي ويون ته اها آفيس بند ڪئي وئي ۽ تنهن کان پوءِ قدرتا هنجي ناموس وڌي وئي.

ڪجهه ڏينهن پهرين مون کي اسان جي سماج جي هڪ ٻئي ميمبر ٻڌايو ته ڪيئن نه هنکي پنهنجي ساٿين سان وهنوار

ويو. ڪيس ڪجھ ڏينهن ۾ پائيوار ٺاهيائون. گراهڪ هنجي پڙوسي جوڳي هلت جي ڪري ڪوڙ ايندا هئا. آنت ۾ هو فرم جو مالڪ بڻجي ويو. هر طرف کان پئسو اچڻ لڳو ۽ هو ڪروڙپتي بڻجي ويو. هن جي جيون ڪٿا لکندڙ چيو آهي ته اهو سڀ هنجي اعليٰ جيون جو نتيجو هئو نه ته هن کان ٻه گهڻا هوشيار ماڻهو پيا هئا.

دهليءَ ۾ هڪ هنڌ مون کي ڪير پيارڻ لاءِ وٺي ويا. جيڪو سيٺ مون کي اتي وٺي ويو هو ان ٻڌايو ته ”هي ڪير وارو بلڪل ايماندار آهي. اَگهه ضرور وڌيڪ وٺندو آهي. جيڪي ڪيس ڪير پهچائيندا آهن اُنهن کي ٻه هو وڌيڪ قيمت ڏيندو آهي جيئن هو ڪيس نجو ڪير ڏين.“ جڏهن مان دوڪان تي پهتس ته مون کي پنهنجي واري لاءِ ڇڳي دير انتظار ڪرڻو پيو. ڏسو ته ڏٺي ۾ ايمانداريءَ جو ڦل ڪيئن ٿو ملي. پر اَفسوس آهي جو اسانجي ملڪ ۾ واپارين ۽ ڏٺي وارن لاءِ اعليٰ اُصولن تي هلڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي. هنن کي ته ڪيئن ٻه پئسو ڪمي. نتيجو اهو ٿيو آهي جو عام طرح سان بدگماني ڦهلي پئي آهي.

و- اهو ته خراب چئبو جو اسان جا ماڻهو اهو پلجي تا وڃن ته ڪوئي سگهي جو هلڻ ٿوري سمي جو ٿيندو آهي جڏهن ڪ ڪرو سگهو سدائين پيو هلي. ساڳيءَ طرح اَصلي ۽ اوچ چرتر ٻه پنهنجو ڦل ٿو ڏئي. بي ايماني بي بقا ٿي ٿئي.

س- جيڪڏهن عام ماڻهن ۾ اهڙي قسم جي ڀاونا پئدا ٿي وڃي ته هولڊ بي پڙوسي چرتر مان پيدا ٿيل براين منجهي وڃن. ماڻهو عام طرح سان ناخوش آهن چاڪاڻ جو هڪ ٻئي ۾ اعتبار ڪونه رهيو آهي. شڪ شبها گهر ڪري ويا آهن. دنياداريءَ جو آزمودو وڌڻ سان ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ مان وشواس هٽندو ٿو وڃي. چرتر جي گهٽتائيءَ هڪ ٻئي جي سمبندن ۾ ايمان ۽ وشواس کي ميٽي ڇڏيو آهي. ايمان ۽

# ساتوڪ جيون ساهتيہ جا ٻيا ڪجھ ڪتاب

**١. اسانکي نيڪ ڇو ٿيڻ کپي**- هن ڪتاب ۾ جيون جي سچين ۽ وندرائيندڙ ڪهاڻين دواران ڏيکاريو ويو آهي تہ ٻين جي لاءِ خيال، سنمان، شڪرگذاري ۽ شردا اسانجي روزمره جي جيون لاءِ تمام ضروري آهن ۽ زندگيءَ ۾ ميل ميلاپ آڻين ٿا. (قيمت سوا روپيو).

**٢. نيڪ جيون جون برڪتون**- هن ڪتاب ۾ دلچسپ ۽ سچين ڪهاڻين ذريعي ڏيکاريو ويو آهي تہ ڪيئن پر سيوا ۽ پراپڪار روزمره جي زندگيءَ ۾ سک، شانتي، رس ۽ جس آڻين ٿا ۽ ڪيئن اُهي ڀاو من ۾ جاڳرت ٿي سگهجن ٿا.

هي ڪتاب ٻالڪن جي زندگيءَ ۾ نئين دلچسپي ۽ نئون اُتساهہ پيدا ڪري ٿو. (قيمت سوا روپيو).

**٣. نيڪ جيون جون اُڏون**- هن ڪتاب ۾ انساني جيون ۾ آتم شڌي، اوچ چرتر ۽ جسم پاڪيزگيءَ جي سڌ گڻن کي پيدا ڪرڻ جا عمدا طريقا دلچسپ نموني ۾ ٻڌايا ويا آهن. هن ڪتاب جا مضمون انسان ۾ پاڪيزگي ۽ اوچ چرتر لاءِ اُتساهہ پيدا ڪرڻ ۾ نهايت ڪارگر آهن. اُهي ٻالڪن کي زندگيءَ ۾ نئين درشٽيءَ ۽ روزمره جي وهنوار ۾ نئين قسم جو اُمنگ پردان ڪن ٿا.

**٤. سمجھہ ۽ سخاوت جي دنيا**- هن ڪتاب ۾ روزمره جي گهٽنائن دواران هيءَ ذهين ڪيو ويو آهي تہ ڪيئن ڪنهن جي ڪمزوريءَ ڪري انسان پهنجي لاءِ ۽ ٻين لاءِ دک، مصيبت ۽ بربادي پيدا ڪري ٿو. ۽ ڪيئن سمجھہ ۽ سخاوت جو سڀاءُ پهنجي لاءِ ۽ ٻين لاءِ مصيبتن کان بچائي ٿو. هن ڪتاب ۾ هيءَ بہ ڏيکاريو ويو آهي تہ انسان جي سچي آزادگي ڇا آهي ۽ اُهيءَ کي ڪيئن حاصل ڪجي. پڻ جي لاءِ دنيا ڀاو جي ضرورت هن ڪتاب جو نئون مضمون آهي.

۽ تڪليف ڏسڻي پيئي. ماڻهو پنهنجي جا ڪوڙا بل پيش ڪندا هئا. حقيقت ۾ هو ڪيڏانهن ويندا ڪونه هئا. پر هيءُ لائين ڪونه ڪندو هو. نتيجو اهو ٿيو جو هو سڀ هن لاءِ اوشواس ڪندا هئا ۽ ڪيس پنهنجي وچ ۾ هڪ ڪنڊو سمجهندا هئا. لالچي ۽ بي ايمان ماڻهو وري اعليٰ ۽ ڀروسي جوڳي ماڻهوءَ کي نفرت ۽ خوف جي نگاهه سان ٿا ڏسن.

هڪڙي ايماندار اسٽيشن ماسٽر مون کي اهو هيٺينءَ طرح ٻڌايو، ”اسان جا گهڻا ماڻهو ايماندار ڪونهن. ايتري قدر جو اسان جا بالا عملدار به اسان کان حصو ٿا گهرن. پر مان پاڻ کي انهن سڀني کان الڳ رکندو آهيان. نه مان اهڙي بي ايمانيءَ جي پئسي کي ونان نه ڪنهن کي ڏيان. نتيجو اهو ٿيو آهي جو منهنجا بالا عملدار ۽ منهنجا ماتحت منهنجي گلا ڪندا آهن ۽ مون کي تنگ ڪندا آهن. مونکي ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ ڪنڊن جي سيج لي سمهيو پيو آهيان. پر مونکي بي ايمانيءَ جي گلن کان اهي ڪنڊا وڌيڪ پيارا آهن.“

و- ڪيترو نه شاندار ماڻهو چئبو!

س- هوُ سچ پچ دلير هو. سماج روپي گاڏيءَ جا بي ايمانيءَ ۾ گتل ڦيٿا اهڙن ماڻهن جي ڪري ٿسي ڪجهه آسانيءَ سان ٿا هلن. جيڪڏهن انسان ۾ اوچ چرتر جو قدر نٿو سمجهي ته ڇا جانور ۽ ٻوٽا ان جو قدر ڪندا؟ اوچ چرتر انسان جي وڏي ۾ وڏي سوغات آهي پر هو انهيءَ کي ٻيا ڪنهن پئسي جي تباهه ٿو ڪري.

و- سچ پچ اهو سڀ کان وڌيڪ غمناڪ ناٽڪ آهي جيڪو هن ڌرتيءَ تي کيڏيو پيو وڃي. مان ته ائين چوندس جيڪي پوري پوري ايمانداريءَ ۽ ڀروسي جوڳي جيوت ٿا جيئن اهي انسانيت جي وڏي ۾ وڏي شيوا ٿا ڪن.

س- بلڪل ٺيڪ.

SINDHUNAGAR-421 004.

## ساڳئي ليکڪ جي قلم مان .......

### سکي ۽ سارٿڪ وواهت جيون - (قيمت ۲-۵۰ روپيه)

هي ڪتاب وواهت جيون ۾ مناس ۽ اَمرت ڀرڻ لاءِ نهايت ڪارگر آهي. هن ڪتاب ۾ حقيقي مثالن سان ليکڪ اهو ڏيکاريو آهي ته وواهت جيون ڪيئن ڪجسو ٿئي ٿو ۽ بگڙجي وڃي ٿو ۽ اُن ۾ وري ڪيئن رس ۽ جس آڻي سگهجي ٿو.

هن ڪتاب جي سنڌي چاهي اَنگريزي اَخبارن ڏاڍي ساراهه ڪئي آهي. ڪجهه سنڌي اَخبارن جا رايا هيٺ ڏجن ٿا:

**هندستان، بمبئي**- هن وقت جڏهن سڄي يارلي سماج ۽ خاص ڪري اَسانجي سنڌي پڙهيل ڳڙهيل سماج جي وواهت جيون هڪ اِلي ٻلي جي راند ٿي پيئي آهي.... اَهڙي وقت هي اَمولڪ پستڪ سنڌيءَ ۾ شايع ڪري موگا جي ديوسماج هڪ طرف سنڌي سماج جي وڏي سيوا ڪئي آهي ۽ ٻئي طرف سنڌي ڪيتر ۾ پڻ هڪ دُرلڀ پستڪ گڏيو آهي......

هن پستڪ جي وڏي خوبي اِها آهي جو مٿين سکيا خشڪ اُپديش جي صورت ۾ نه پر سپڪ ۽ سرل نموني ۾ ڏني وئي آهي. اهڙو سندر پستڪ هرهڪ سنڌي گهر، هرهڪ سنڌي سنستا ۽ لئبرريءَ ۾ هئڻ ضروري آهي.

**سنڌو ڌارا، بمبئي**- هي ڪتاب اِئين چئجي ته ودوان ليکڪ جي شخصي آزمودن جي وگيانڪ ڇيد تي ٻڌل مجموعو آهي، جنهن ۾ هن صاحب اَنيڪ حقيقي مثال ڏنا آهن ۽ پيچيدا مسئلا پيش ڪري، اُنهنجي اوڪ ڊوڪ ڪري اُنهنجا ٺڙ حل ڏسيا آهن.

**روزاني هندو، اجمير**- هي ڪتاب هر سنڌي ڪٽنب جي هر شخص کي پڙهڻ گهرجي. انهن ڪٽنبن لاءِ ته هي ڪتاب هڪ ڊاڪٽري نسخي جيان آهي، جنجي گهر ۾ ننڍين ننڍين ڳالهين تي زال مڙس وچ ۾ ڪلڪل رهي ٿي.

# ساتوڪ جيون ساھت تي اخبارن جي راءِ

(ساتوڪ جيون جي انگريزي پستڪ تي اخبارن جي رايڻ مان ڪي ٽڪر)

انھيءَ ڇوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونھي تہ ھي نصيحت آميز سبق جھڙا نيڪيءَ طرف مائل آھن اھڙائي آتت ڏيندڙ آھن. ھر ھڪ سکيا، جيون جي آزمودي مان ڏنل آھي، جنھن ھيڪاري انھن کي پر اثر ڪيو آھي. دل تہ ائين ٿي چوي تہ ھن ڪتاب جا باقي حصا بہ جلد ڇپجي نروار ٿين.

- امرت بزار پتريڪا، ڪلڪتو.

"ساتوڪ جيون" ۾ جيڪي اخلاقي ھدايتون ڏنل آھن، سي ڪنھن بہ جاتيءَ جي پيد ياو واريءَ ٽنگدليءَ کان پري آھن. اسين سڀيءَ دل سان ھر ھڪ کي ھن ڪتاب مان لاڀ پراڻڻ لاءِ پرارٿنا ڪريون ٿا. - ليڊر، الله آباد.

"ساتوڪ جيون" جا اُپديش ڏيکارين ٿا تہ ليکڪ ٻارن جي من جو چڱو ابياس ڪيو آھي ۽ ھي ٻارن ۾ چڱن لڇڻن پيدا ڪرڻ ۾ ڏاڍا ڪارگر ثابت ٿيندا. سداچار پيدا ڪرڻ لاءِ ھيءُ سندر پستڪ نہ سنديھ ھر ٻار کي ھٿ ۾ ھئڻ گھرجي. ماءُ پيءُ ۽ ماسترن لاءِ بہ نھايت ئي ڪارگر ثابت ٿيندو.

- بمبئي ڪرانيڪل، بمبئي.

"ساتوڪ جيون" جا سبق نھايت پر اثر، حقيقي ۽ سوليءَ ٻوليءَ ۾ پيش ڪيل آھن، جن ۾ بہ ڪنھن بہ مذھبي سڌانت جو ورنن نہ آھي پر منش جي روزمرھہ جي جيون ۾ جيڪا بہ چڱائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي تنھنجو کليو اظھار آھي. جئن ايسپ يا ھيتو اپديش جون ڏند ڪٿائون پسن جي ذريعي ڏنيون ويون آھن، اھڙي طرح ھن ڪتاب جا نصيحت آميز سبق جيون جي روزمرهہ جي تجربن تي آڌارت آھن. سندن اخلاقي سکيا جو اھڙو ئي گھرو اثر ٿئي ٿو جھڙو ڪنھن بہ سکيا جو تي سگھي ٿو. - دي گارڊين، مدراس.

109

UTTAM S. NAGPAL
4, HIRA [illegible], CO-Op. H[illegible] SOC.
Near Prabhat Cinema
SINDHUNAGAR-421 004.

C-5
113

UTTAM S. NAGPAL
4, HIRA MOTI CO-OP. HSG. SOC.
Near Prabhat Cinema
SINDHUNAGAR-421 004.